

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُکوئِبن اُهِجاَنُ

(شاعَري)

”ستايل“ سڪندر

SANGAT LIBRARY AND TRANSACT EDUCATION

SLATE

”سليٽ“ اشاعتي شعبو

دانش گاهہ، ٽنڊو قيصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا "سليٽ" وٽ هٿيڪا

ڪتاب جو نالو: ڏکوئيَنِ اُهڃاڻُ
موضوع: شاعري
شاعر: "ستايل" سڪندر
ڇاپو: پهريون، جنوري ۽ 2005ع
تعداد: پنج سؤ
ڇپائيندڙ: "سليٽ"، دانش گاهہ، ٽنڊو قيصر
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: هوت ميگهواڙ
ٽائٽل ڊزائين: موهن لال مڪواڻا
ڪمپوزنگ ۽ ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، 9- ممتاز مارڪيٽ، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد. فون: 786572
قيمت:-/150 روپيا

"سليٽ" ڪتاب نمبر: ۴

All Rights reserved with "SLATE"

DUKHOIAN UHEJAN

(A Poetry Book)

By: "Satayal" Sikander
Edition: Ist, January 2005
Quantity: 500
Publisher: SLATE, Danish Gah, Tando Qaiser
Printed by: Intel Communication, Hyderabad. Tel: 786572
Computer Layout: Hot Meghwar (Intel Communications)
Title Design: Mohan Lal Makwana
Price: Rs. 150/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

”منصوري مسلڪ“ جي مالڪ صوفي

منصور ملڪ

جي نانءُ

۽

پنهنجي دوستن، مائٽن، ٻارن ۽ گهر واريءَ جي نانءُ

جن مون سان زندگيءَ جي هر موڙ تي ڀرپور ساٿ نڀايو.

—”ستايل“ سڪندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

اعتراف (اداري پاران)	آسي زميني	7
زندگيءَ مان ڪونہ لاڻيون سين سڪون (پنهنجي پاران)	”ستايل“ سڪندر	9
شاعريءَ جا اسان تي وڏ آهن (مهاڳ)	ابو سچل	13
گمنام شاعر جي نيڪ نام شاعري (اپياس)	آسي زميني	21
گودڙيءَ ۾ لعل (رايو)	منصور ملڪ	32
محبتن، محرومين ۽ مزاحمت جو شاعر (رايو)	علي احمد نظاماڻي	33
ذڪر دردوندي ديس جي هڪ الستي شاعر جو	غلام رسول نظاماڻي	38

- غزل 41
- نظم 119
- بيت ۽ وايون 145
- ڏيڍ سٽا ۽ ادوھا 181
- ترائيل، پنجڪڙا ۽ چوسٽا 199

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُکوئِيَنِ اُهِيڄاڻُ، ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجُرو،
وَڄَنِ گُوندَرَ ڳَڏِيُونِ، لوڪَ نہ آڃَنِ پاڻُ،
سُورَنِ اسان ساڻُ، ننڊي ئِي نِينهُن ڪَيو.
(شاهہ)

لا موجود SLATE الا الله
SANGAT LIBRARY AND TRANSACT EDUCATION
DANISH GAH, TANDO QAISER
سليٽ
سنگت لائبريري اينڊ ٽرانزڪٽ ايجوڪيشن
دانش گاهه ٽنڊو قيصر

اداري پاران

اعتراف

”سليٽ“ اشاعتي شعبو، دراصل ”سليٽ“ جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾، مالي معاملن ۾ پاڻ پري ٿيڻ لاءِ شروع ڪيو ويو هو، ۽ جنهن جي ابتدا نہ ماهي ”دوستي“ ميگزين جي اشاعت سان ٿي هئي، جنهن کي پڙهندڙن سڀني موٽ ڏئي اسان جي همٿ افزائي ڪئي هئي. (دوستيءَ جو اهو سلسلو انشاءَ الله ٻيهر جلد شروع ٿيندو.) ان دوران ٽن پرچن بعد ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو. ”سليٽ“ طرفان پهريون ڪتاب ڊاڪٽر منصور ملڪ جو شعري مجموعو ”ٽڏي اُس تِکي ڇانوَ“ (2002ع)، ٻيو ڪتاب ”سليٽ“ جي ٿي دوست علي احمد نظامانيءَ جي اخباري ڪالمن جو مجموعو ”سوچن جي صليب“ (2003ع)، ٽيون ڪتاب ٿر جي محبوب شاعر امر ساهڙ جي شاعريءَ جو مجموعو ”اکين ۾ الڪا“ (2004ع) هيو، ۽ هيءَ چوٿون ڪتاب ”ستايل“ سڪندر جي چُونڊ شاعريءَ جو مجموعو

”ڏُکوٺِيَنِ اهڃاڻ“ آهي، جيڪو اوهان کي سن 2005ع ۾ پڙهڻ لاءِ آڇي رهيا آهيون. ائين هر سال هڪ ڪتاب جو ٽارگيٽ هيستائين حاصل ڪندا رهيا آهيون؛ ليڪن اميد ته هاڻ اهو سالوار سلسلو شرطيه نه هوندو ۽ وچ ۾ ٻيا به ڪتاب آندا ويندا.

”ستايل“ سڪندر ”سليٽ“ جو سرگرم ساٿي آهي ۽ هڪ حساس دل تخليقڪار هئڻ سان گڏ، ”سليٽ“ جي ٻين سماجي سرگرمين ۾ پڻ اسان جو ٻانهن ٻيلي آهي.

ياد رهي ته ”سليٽ“ N.G.Os جي طرز کان الڳ ”پنهنجي مدد پاڻ“ جي اصولن تحت پنهنجي لاءِ هن طرح جي مالي وسيلي ذريعي، پنهنجي وس آهر سماجي، علمي، ادبي ۽ انساني ڀلائيءَ جي ڪمن کي بنا ڪنهن مذهبي مت ڀيد جي، صوفيائي سوچ رکي سرانجام ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، ۽ اسان جو ايمان آهي ته سچ سهاري، اسان انسان دوستيءَ جي راهه هموار ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪِين ٿڪنداسين ۽ ڪجهه ڪري ويندا سين.

ٿورا:

ڊاڪٽر منصور ملڪ جا، جنهن هن ڪتاب جي ڏِس ۾ اسان کي سڀ کان وڌ ساٿ، اتساهه ۽ تحرڪ بخشيو. گڏوگڏ ڳوٺ ٽنڊو قيصر جي سماجي شخصيت، **رئيس مشتاق احمد نظامائيءَ** جي سهڪار کي به ٿا وساري سگهون.

سليٽ جي دوست صوفي شوڪت، موهن مدهوش، لطيف شناس ڊاڪٽر علي نواز نظامائيءَ (جنهن جي صحبت ڪتاب کي عنوان ڏنو) جا پڻ ٿورا، جن ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ مدد ڪئي- ۽ ها! پياري هوت ميگهواڙ جي سهپ کي به سلام، جنهن ڪمپوزنگ دوران صبر سان اسان جي انگل آرن کي سَٺو.

– آسي زميني

زندگيءَ مان ڪونہ لاٿيون سڀئي سِڪون

زندگيءَ مان سڪون تہ اُهي ٿي لاهيندا آهن جن کي سک ۽ سلامتيءَ جي ضمانت نصيب ٿي هُجي، باقي جت خواهشن جا ڍير لڳل هُجن ۽ ارمان اڌورا رهجي وڃن، ڇا اُنهن بہ ڪڏهن زندگيءَ مان سڪون لاٿيون! ۽ جتي شاعري ڏکن جي ذات بڻجي پيار جي حسين واديءَ جو پنڌ پڇائيندي دردن جي دڳ ۾ ٿي دفن ٿي وڃي، اُتي ڀلا زندهہ رهڻ جو بہ حق آهي؟ ها! اُتي هڪ شاعر ٿي آهي جيڪو پنهنجا حوصلا بلند رکي، هنن انڌيرين پٽريلين راهن ۾ پنهنجي اجهل ذات جا ڏيئا ٻاري، هڪ واچوڙي جو وجود بڻجي، اُنهن وقت جي ويرين تي وار ٿو ڪري، جيڪي هن ديس جا، هن قوم جا، ۽ هن درياهَ جا دشمن آهن. توڙي ڇو نہ وک وک تي واڳو هُجن، پوءِ بہ اُنهن کُنن ۾ جهاڳڻو ٿي پوندو، جتي اسان جي اُميدن جون ٻيڙيون ٻڏي ويون هُجن؛ ۽ اُهو سڀ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن اسان سچائيءَ جي دامن کي مضبوط جهلي، هن ڪوڙ ۽ فريب جي بنياد تي بنايل دوکي جي ديوار سان ٽڪر نہ کائيندا سين؛ جنهن جي پردي پويان اسان جي قسمت ۽ اسان جي جيئڻ ۽ مرڻ جا فيصلا ٿيندا هُجن؛ ۽ اسان جي قوم اُنهن جي هٿن ۾ صرف قربانيءَ جو ٻڪرو بڻيل هُجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا اوهان ناهي ڏٺو جڏهن رات پنهنجي پُرنور ستارن سان صُبح جي وهندڙ سَموند ۾ گم ٿي ويندي آهي. ڪَتيونُ ڪر موڙينديون آهن ۽ ٽيڙو هن دکي ديس جي حد اورانگهي ڪنهن ٻئي ديس جي رڻ جا راهي ٿيندا هِن. تڏهن وقت جو ڪو وڏيرو ۽ رشوت خور آفيسر عيش عشرت ۾ رات ڪٽيندو آهي. ڇا اُنهن کي اُن رات جو اُهو منظر اکين جي آڏو نہ ڦرندو هوندو. جتي ڪا ماءُ پنهنجي ٻارن کي صبح واري سُڪل ماني سليماني چانھ سان ڏئي، کين سمهارڻ جي ڪوشش ڪندي هن اونڌي ورهاست جي سوچ ۾ ڪيترو نہ حيران هوندي! هي وقت جو وڏيرو ۽ هتان جو حڪمران طبقو، جيڪو انهن مِسڪينن کان ووٽ حاصل ڪري پنهنجي هڪ الڳ دنيا ۽ الڳ قانون بنائيندو آهي- جنهن قانون جي قفس ۾ هتان جو هيڻيون طبقو قيد ڪيو ويو آهي. ڇا اُهي سڀ حقيقتون اسان اکين جي پردي پويان لڪائي صرف محبوب جي زلفن ۽ سندس ڳلن جي ڳالھ ڪريون! جتي پيار ڪرڻ تہ سولو پر پيٽ ڏکيو ٿي پيو هجي ۽ "اياز" کي بہ اهو چوڻو ٿو پوي تہ: "ڏوَ بنا ڍولا، ناهي ساڃاھ سُونهن جي!"

منهنجي شاعريءَ لاءِ محرڪ اهڙا ئي خيال ۽ معصوم جذبا هُيا، جن مون کي ڪُجھ لکڻ تي مجبور ڪيو: جيڪي سدائين منهنجي وجود کي ولوڙيندا رهيا آهن. باقي منهنجي شاعريءَ جو بنياد ڇاهي؟ اِهو تہ هڪ عام سوال آهي. ظاهر آهي تہ اُهو عشق آهي جيڪو ڪنهن کي شاعر ٿو بنائي تہ ڪنهن کي ڪلاڪار ٿو بنائي؛ اهو ئي مجاز ڪڏهن سسئيءَ کي پڇاري جيئن پڇي ٿو، تہ ڪڏهن مومل کي ماڙين ۾ بہ ٻيچڻ ٿو بنائي؛ ۽ ڪڏهن سهڻيءَ کي اونڌيهن اونداهيءَ ۾ بہ وچ سير ۾ سڏي، هن جي وجود کي ولوڙي ٿو! هڪ انسان اُن مجاز جي موڙ تان گذرندي جڏهن حقيقت جي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو، تڏهن اُن کي ڪُنن جا ڪڙڪا ۽ چولين جي ڇڪ پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي، ۽ هو خود کي آتت ڏيندي چوي ٿو تہ:

ٻڏندين تہ ٻڏي ويندين، ڪوشش تہ ترڻ جي ڪر!

جڏهن بہ ڪو اُهڙو طوفان تري هُن پار پوي ٿو تڏهن ڪو لطيف، سچل ۽ اياز ٻڻجي ٿو. باقي هن وقت جي طوفان ۾ تہ ڪٿين "سڪندر" ويا لُڙهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان سڀ اُن پيڙهه ۾ پيڙهه جو حصو بڻيل آهيون. اُنهن ٿي طوفان ۾ ترڻ جو رستو ڏيکاريو آهي. باقي اسان کي گهرجي تہ انهن جي ٻاريل چراغ کي روشن رکون. ان کان علاوه دل چوي ٿي تہ پنهنجي زندگيءَ جا حسين لمحا ۽ يادن جا عڪس هِن اکرن جي آئيني ۾ اوتي ڇڏيان. پر افسوس جنهن ذهن جي باغيچي ۾ يادگيرين جا خوبصورت گُل ٽڙندا هُيا، اڄ اُن دماغ جي ديوار تي هن دورنگي دنيا جي دردن جي ايتري تہ دز داخل ٿي چُڪي آهي، جو اُهي حسين يادون جڻ ڪنهن جهوني پت کي پاڙ کان لڳل ڪلر جيان ڇٽي ويون هُجن! ۽ سمورا عڪس جڻ تہ ڌُنڌلي آڪاش جيئن نظر ايندا هُجن!

شاعر جي زندگي گُلن سان گڏ انهن ڪَنڊن جيان هوندي آهي، جيڪي گُلن کان پهرين ٽاريءَ ۾ نڪري نروار ٿيندا هِن. هي اُهو 1981ع جو سال هيو جتان منهنجي شاعريءَ جي شروعات ٿي. اُن وقت هتان جو نوجوان شاعر ۽ فنڪار "اُداسي عزيز"، ڳوٺ جي پرسان باغ ۾، ٽئين عشق جي لڳل چوٽ، ۽ اُن جي پُڄاڻيءَ کان اڻ واقف عشاقن کي ماسٽر چندر، پرسرام ضيا، شيرل بيوس ۽ پنهنجي درد ڀري شاعري، ڪيسي مان ماچيس ڪيڏي ان جي ڌمڪ/ تال تي خوبصورت انداز ۾ ڳائي ٻڌائيندو هُيو. تڏهن ڪن نوجوانن کي ڳائڻ جو شوق جاڳيو تہ ڪن کي وري شاعريءَ جو- ۽ منهنجي اندر ۾ شاعري برسات کان پوءِ نڪرندڙ سلن جيان نڪري نروار ٿي، ۽ مون پنهنجون سِٽون اُنهن ڪافين جي ڌُنن تي ڪچي ڦڪي وزن ۾ "اُداسي" کي پڙهي ٻڌايون تہ اُن مون کي آٿت ڏيندي اڳتي وڌڻ جو چيو. پاڻ وزن بحر سمجهائڻ سان گڏ ڪُجهہ طرحون بہ ڏنائين، جيڪي مون هن کي مڪمل ڪري ڏيکاريون تہ هن کي تمام گهڻي خوشي ٿي، ۽ هُن مون کي هتان جي مشهور سگهڙ ۽ صوفي شاعر اُستاد نورل نظامانيءَ سان متعارف ڪرايو؛ جنهن هِمَٿ افزائي ڪندي علم عروض بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏني، ۽ ائين اهو سلسلو جاري رهيو.

آخرڪار 1989ع ۾ سنڌ جي مشهور شاعر "آسي زميني"، نواز نظاماڻي، ڊاڪٽر علي نواز ۽ اداسي عزيز جي ڪوشش رنگ لاتو، ۽ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر شاخ کولي وئي. مون کي بہ اُتي اچڻ جي دعوت ملي، جتي گڏجاڻيءَ ۾ مون پنهنجي شروعاتي شاعري پڙهي ٻُڌائي تہ ٻين کان علاوه، خاص ڪري "آسي زميني" وزن بحَر ۽ خيال تي ڳالهائيندي،

نوجوانن کي جديد شاعريءَ جي نئين انداز ۽ نوَن خيالن ۽ لاڙن ڏانهن ڌيان ڇڪايو، جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي. اُن کان پوءِ وقت جي حالتن، هتان جي غربت، هتان جي پيڙا، هتان جي ماڻهن جي مسئلن (علائقائي توڙي قومي) ۽ مظلوم ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافين تي مبني خارجي عوامل، داخلي مشاهدن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار ڪلاسن جي زيرِ اثر منهنجي شاعري هڪ نئون رُخ اختيار ڪيو، ۽ جنهن ڪري مون کي منهنجي قلمڪار دوستن کان تمام سُٺي موٽ ملي جن ۾ "آسي زميني"، اداسي عزيز احمد، صوفي شوڪت، ڊاڪٽر علي نواز، علي احمد، اشفاق احمد، شهاب الدين، غلام رسول، شاعر گل موراني ۽ ڪهاڻيڪار عنايت لغاري (جنهن جي ڪهاڻين جو مجموعو "تصوير جو درد" پڻ هتان جي سنگت ڇپائي ڇڪي آهي) قابلِ ذڪر آهن.

آخر ۾ آئون "سليٽ" سنگت جي سيني دوستن خاص ڪري صوفي شوڪت، آسي زميني، موهن "مدهوش" ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪراچيءَ کان ڪَهي ايندڙ صوفي منش ڊاڪٽر منصور ملڪ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن منهنجي چونڊ شاعري ڪمپوز ڪرائي اوهان تائين پهچائي، ۽ آئون پنهنجي پڙهندڙن مان پڻ پُر اميد آهيان تہ هو مون کي چڱي موٽ ڏيندا. آخر ۾ پُڄاڻي آسي زمينيءَ جي بيت جي هِن سٽ سان تہ:

"سين جا الله! ٻچا رکين ٻاجهہ سين."

جيئي سنڌ!

اوهان سيني جو دعاڳو

"ستايل" سڪندر

ٽنبو تيمر

15 آگسٽ 2004ع

مهاڳ

شاعريءَ جا اسان تي وڙ آهن*

من نمي گويم اناالحق يار مي گويد بگو،
چون نگويم چون مرا، دلدار مي گويد بگو،
آنچه نتوان گفت اندر صومعه با زاهدان،
بي تحاشا برسرِ بازار مي گويد بگو.

هي اُنهي سرمست شاعر جون شاهڪار سٽون آهن، جنهن لاءِ سنڌ جي سرموڙ شاعر شاهه لطيف چيو هو تہ؛ "مون جيڪا ڪُني چاڙهي آهي، ان جو ڍَڪ هيءَ نينگر لاهيندو." هن مست ڍڪ تہ ڇا لاٿو پر پنهنجي ڪُني ئي الڳ چاڙهي ڇڏيائين! جنهن جو ڍَڪ اڄ تائين ڪوبہ لاهي نہ سگهيو آهي؛ ها البت ڪوشش جي حد تائين ڪجهہ چوڻ ۾ عيب ڪونهي.

جيئن تہ مٿين سٽن مان ظاهر آهي تہ شاعر جيڪو حق جو نعرو هڻي رهيو آهي، اهو هو شعوري طرح پاڻ نہ چئي رهيو آهي، يعني "هُو" ئي ڪيس چئي پيو تہ حق جو نعرو هڻ، تون چئو تہ آئون خدا آهيان! مطلب تہ سچي جوُن سچيون سٽون الهامي آهن. آفاقي شاعري ٿيندي آهي ڪبي ناهي. پر جڏهن شاعري ڪبي آهي تڏهن فقط تُڪبندي ٿيندي، ان ۾ نہ تہ خوشبوءِ

* يلوڙ شاعر سعيد ميمڻ جي غزل جي مصرع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي، نہ ئي رنگ ۽ نہ ئي روح ۾ لهڻ جي سگهہ. شاعري شاعري ٿيندي آهي، ان ۾ شاعر تہ فقط قاصد جو ڪم ڪندو آهي، باقي چورائڻ يا ڳالهرائڻ وارو ڪو ٻيو ئي هوندو آهي.

ڪُنيءَ جو ڏيک لاهڻ مان سڌي سنئين اها مراد وٺي سگهجي ٿي تہ، لطيف اڳڪٿي ڪئي تہ هن ڪان پوءِ بہ اهو سلسلو جاري رهندو. سندس دُور انديشي تہ ڏسو! اڄ تائين اياز ڪان وٺي ستايل سڪندر تائين اها زنجير هلندي پئي اچي، جنهن جي ديگهہ جي لاءِ مستقبل ۾ بہ چڱي اميد ڪري سگهجي ٿي. البت انهي زنجير ۾ ڪاني ڪمزور ڪڙيون بہ آهِن، جن انهي زنجير کي ڪافي ڇيهو رسايو آهي.

هي نعمت هر ڪنهن جي حصي ۾ ڪانہ ٿي اچي پر قدرت پاران ڪن خاص چونڊيل ماڻهن تي مهرباني ڪيل هوندي آهي. اهي ماڻهو معاشري ۾ مِس ڦت نظر اچن ٿا، اهي بظاهر پنهنجي پاڙي، ڳوٺ يا ماحول کان اڪثر ڪٽيل نظر رهن ٿا.

عشق، جيڪو شاعريءَ جو ٻج آهي تہ ڏک درد ۽ معاشرتي ناانصافيون وري پاڻيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. انهن سيني شين جي ملڻ سان هڪ پختو شاعر وجود ۾ اچي ٿو، جيڪو اڳتي هلي پوري معاشري جي رهنمائي بہ ڪري ٿو، تہ غلاميءَ جي دور ۾ ڪيترائي باغي پيدا ڪري، انهن جي تربيت بہ ڪري ٿو:

شاعري جتي لطيف جيان اندروني ويڙهہ ڪري ٿي، اُتي سچل جيان نعرو هڻي ميدان ۾ بہ لهي پوي ٿي. اهو شاعر ئي آهي جيڪو مُلائيت جي ڪنڊيٺي خلاف، انهن جي مزاحمت بہ ڪري ٿو تہ ڍال بڻجي، انهن کي روڪي بہ ٿو؛ ۽ ڪوڙين فتوائن تي عمل ڪرائڻ کان اڳ اتنڌڙ ٻانهن کي ڪَپي ڦِٽو ڪريو ڇڏي.

مولانا رومي چيو هو تہ، ”شاعري جزواست از پيغمبري“، يعني شاعري پيغمبريءَ جو حصو آهي. اُها ڪهڙي شاعري آهي جيڪا پيغمبريءَ جو حصو آهي؟ اُنهيءَ تي غور ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ اها شاعري، جنهن ۾ پوري عالمي انسانيت جي صحيح رهنمائي ڪيل هجي؛ جنهن جي پڙهڻ سان انسان پاڻ کي هر مذهبي متيبد کان مٿاهون سمجهي، ۽ منجهس شعور پيدا

ٿٿي؛ ۽ پوءِ هو پوري عالمي انسانيت لاءِ سوچي- اهڙي ٿي شاعريءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ شاعري پيغمبريءَ جو حصو آهي.

ٽنڊو قيصر شهر، جيڪو ٻن مکيہ رستن (شيخ پرڪيو ۽ ميرپورخاص روڊ) جي وچ ۾ آباد آهي، سو شروع کان ئي لڪل ڇپيل رهيو آهي؛ جو اڪثر ڪري خط لکڻ مَهل ڏيان سان ايڊريس لکڻي پوندي هئي تہ متان خط ڪيڏانهن گُم نہ ٿي وڃي! پر اڄ هتان جي شاعرن ۽ اديبن ان کي اهڙو تہ مشهور ڪيو آهي، جو لفافن تي اڪثر رڳو "پوسٽ آفيس ٽنڊو قيصر ضلعو حيدرآباد" لکيل هوندو آهي؛ نہ ڪي وايہ نہ ڪي تعلقو، پر خط پهچيو وڃن! انهيءَ جو مکيہ ڪريڊٽ تہ آسي زمينيءَ ڏي وڃي ٿو، پر سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر ۽ "سليٽ" بہ مانُ لهڻي.

"سليٽ" اشاعتي شعبي ٽنڊو قيصر جو هيءُ ڇوٿون ڪتاب آهي (ان کان اڳ "سليٽ" جو اشاعتي شعبو دوستي مئگزين جا ٽي پرچا ڪڍي چڪو آهي)، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن صاحبِ ڪتاب شاعر سڳوري کي جٿيو تہ مقامي سگهڙن، پر نپائي وڏو ڪيو سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو قيصر.

"ستايل" سڪندر جيتوڻيڪ اڄ بہ ڪيترن لاءِ نئون نالو آهي، جنهن جو سبب هن پاران نہ تہ ڪنهن رسالي ڏانهن شاعري موڪلڻ، ۽ نہ ئي ڳوٺ کان ٻاهر ڪنهن ادبي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ آهي؛ پر سندس شاعري ڪنهن بہ ٻرندڙ جبل کان گهٽ ڪانهي، جنهن جو اُهاءُ پڙهندڙ کي پوريءَ طرح پنهنجي اثر هيٺ آڻيو ڇڏي. علم عروض ۽ ڇند تي عبور رکندڙ هيءُ شاعر تقريبن سيني عام صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي.

معاشرتي طور هيءُ شاعر هيٺئين وچولي طبقي سان تعلق رکي ٿو، جتي مسئلن جا انبار آهن. غربت، بيروزگاري ۽ خودڪشيون آهن. جتي ڪاڏي پيتي جي شين کان وٺي معدني وسيلا ۽ قدرتي وسيلا پهچ مان نڪرندا وڃن. جتي بن قاسم کان وٺي ڌارين جي يلغار مقامي ماڻهن کي چپيندي وڃي، جتي افغان انقلاب جو سڄو ڦوڳ سنڌ ۾ اڇلايو ويو هجي، ۽ جتي سنڌ جو ساهہ درياءُ بادشاهہ بہ ساٿو ٿي پيو هجي، اُتي هڪ شاعر پيڙاءَ ۾ نہ دانهي تہ جلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻري وڃي. ڇاڪاڻ ته اهو هڪ فطري عمل آهي، جنهن کي پاڻ هو روڪي نه سگهندو:

ٺهري ڪالاباغ نهي پيو،
۽ هي ٿل ڪئنال نهي پيو،
ڇا جي لاءِ ڇٽو وڏيرا،
تو آ رکيو چُپ جو روزو!

**

سنڌ سان ايڏي نڀڳي ڇا لئه يلا؟
دل ڪرسيءَ سان لڳي ڇا لئه يلا؟
هيٺئن به ٿيندو هونءَ به ٿيندو ٿيو نه ڪجهه!
پيا هٿن خالي جهڳي ڇا لئه يلا؟

**

ڇا لئه وٺين وڪامي، ڇو ٿو يرين سلامي؟
توکي ڇوان چنيسر، يا ڪو ڇوان حرامي!
تو آهِ سر جُهڪايو، تو قوم کي لڄايو،
سونهين نه ٿي "ستايل" توکي اها غلامي.

ستايل پنهنجي شاعريءَ ۾ توڙي عام ڪچهريءَ ۾ زندگيءَ تي گهڻو ڳالهائي ٿو. زندگي ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ وارا سوال هر شاعر جيان هن جي دماغ ۾ به گهمندا رهيا آهن. صدين کان ماڻهو زندگي ۽ موت تي سوچيندو رهيو آهي. زندگي ڪيئن گهارجي؟ ۽ ڪيئن گذري پئي؟ ان ۾ جيتري انسان جو ذاتي عمل دخل ته نه هئڻ جي برابر آهي!

زندگي آهي ڊرامو آدمي ڪردار آ،
ڪو وڪامي ڪو وٺي پيو هي دُنيا بازار آ،
جنهن تي شاعر ٿو لکي ۽ جنهن کي ڳائي ڳائڻو،
آدمي اسٽيج تي جڻ گيت آ گفتار آ.

**

زندگي گذري وڃي جي پيار ۾،
پيو پلا گهرجي بہ ڇا سنسار ۾.

**

آدمي هرڪو اٿين ويندو رهيو،
پر انهن جا مسئلا رهجيو وڃن.

**

زندگي آ ويس بدلائڻ لڳي،
جلد پيريءَ جا وڳا پائڻ لڳي!
سوچ کي ويڙهي ويون هن سرحدون،
هاڻ هرڪا آس ايذائڻ لڳي.

**

زندگيءَ ۾ ڏار پئجو تا وڃن،
جڻ جڏي ڪائي پرائي پت هجي،
ڪونہ ٿو ماضي ڪڏهن موٽي اچي،
بس اُنهيءَ جا عڪس رهجيو تا وڃن،
زندگيءَ ۾ ڏار پئجو تا وڃن.

اڪثر صحت جي ڪمزور حالت هوندي بہ هن همت نہ هاري آهي.
ننڍي عمر ۾، بغير سهاري جي ڇتين، پتين ۽ وڻن تي چڙهي ويندڙ ڪنهن
سرڪس جي رانديگر جيان لڳندو هو. ننڍي وڏي واهہ ۾ مٿان کان ٽپا ڏئي
اچلندڙ ۽ ڪافي وقت پاڻيءَ جي اونهائيءَ ۾ ٽبي ڏئي گم ٿيندڙ هن جوان جو
سُٺن تارون ۾ شمار ٿيندو هو.

ننڍين ننڍين حرڪتن سان پاڙي وارن کي تنگ ڪندڙ ۽ اسڪول کان
گوهيون هڻندڙ کي جڏهن عشق جي چوٽ لڳي، تڏهن سڀ حرڪتون وسري
ويس! نہ تہ اُها اُڇل اُڇلان رهي، نہ ڪنهن کي تنگ ڪرڻ ۽ نہ ئي باقاعدگيءَ
سان واهن ۾ وهنجڻ؛ بس رڳو يار جي يادگيري ۽ انهيءَ سان ملڻ سندس

زندگيءَ جو دائرو بڻجي رهجي ويو؛ ۽ ائين شاعري سانوڻ رُت ۾ برسات کان پوءِ جبلن کي چيري نڪرندڙ سلن جيان، هن جي رڳ رڳ مان ڦُٽي نڪتي- ۽ اڄ هيءَ شاعريءَ سان سرهو، سائو ۽ آباد آهي؛

وضو ڪندي اوچتو، تنهنجي ياد وري،
ٻانهون ويون وسري، پهچي پيرن تي ويس.
**

دل چوي ٿي پيو سموري زندگي تو تي لکان،
مان نہ پنهنجي خوبصورت شاعري تو تي لکان.
**

سونهن کي تو سدا عشق سجدا ڪري،
ديوتا تون پرين! مان پوڄاريءَ جيان.
**

ساراهہ ڪيان ڪنهن جي، توکي آ ٻڌايو جنهن،
يا ڳالهہ ڪيان تنهنجي؟

هر شاعر، ٻئي جي پير ۾ چڀندڙ ڪنڊو بہ پنهنجي پير ۾ محسوس ڪندو آهي. معاشرتي اڻ برابريءَ جي ڪري لوڪ تي ٿيندڙ ظُلم، هو پاڻ تي محسوس ڪندو آهي. دوا لاءِ رهندڙ بيمار يا مانيءَ لاءِ ڪڇندڙ هٿ کيس جهوري وجهن ٿا. هن صاحبِ ڪتاب جي شاعريءَ ۾ انهن دردن، سورن ۽ ڏانهن جو ذڪر ڀرپور نموني ڪيل آهي. ڪيترين ئي جاين تي هو پاڻ سان گڏ پڙهندڙن کي بہ روئاڙيو ڇڏي؛

تنهنجي خوشيءَ جي مون کي دعوت قبول آهي،
منهنجا نہ غم سمورا ان ۾ شريڪ آهن،
توکي خوشيون بہ اريان پر سي ڏنيون مون ناهن،
اڳواٽ ڪيئن چوان مان باقي فضول آهي،
تنهنجي خوشيءَ جي مون کي دعوت قبول آهي.
**

خواهشون رهجي ويون سڀ ڪالهہ جون،
منهن سيائي ڏي ڪٽي ڪهڙو وڃان،
مان تہ نيرن جو پيو سوچيان اڃان،
تون ملهائين پيو خوشيون نئين سال جون،
خواهشون رهجي ويون سڀ ڪالهہ جون.

**

ڪيڏو تہ بکيو آهي! پيو ماس پَٽي پنهنجو،
ايڏو تہ بکيو آهي!

**

ڪوڏر ڪلهي تي ڪٽي، سوچي پيو مزدور،
هي سڀ مون لئہ سور، آخر ڪنهن خلقيا هئي؟

مذهبي ڇڪتاڻ سبب ٿيل رتوڇاڻ، اشرف المخلوقات جو ڪنڌ شرم کان جهڪو ڪري ڇڏيو آهي. انتهي هٿيارن جي ٺهڻ کان اڳ مذهبي انتها پسنديءَ جو هٿيار لکين سسيون لاهي چڪو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ ان جي تباهيءَ جا آثار جيترا ننڍي ڪنڊ ۾ آهن، اوترا شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪنڊ ۾ هجن!

ماڻهو مذهب مُٺ ۾، مذهب ماڻهوءَ مُٺ،
ڪيڏي وڏي جُٺ، ماڻهن مذهب سان ڪئي!

**

ماڻهو مذهب لئہ مَرن، مون لئہ پيٽ ڌرم،
مون کي بکَ پرَم، سيڪاريو سنسار ۾.

**

نہ ڪي پيٽ سُني نہ شيعو ڏسي ٿو،
هتي بُک سڀ جا ڌرم ٿي ڏُٽاري.
هي منبر تي ملون پري پيٽ پنهنجو،
وري ڊپُ جهنم جا ڏِئي ٿو ڊڄاري.

شاعر جي حساسيت تہ ڏسو! هو شيشي جي گلاس کان بہ وڌيڪ نازڪ آهي:

پوپٽ جي پرن کان بہ نرم خواب اسان جا،
راهن ۾ پيو چار تون ڪنڊن جو وڇائين!

**

احساس ڪٿي آهي؟ تو ڳالھہ ڪري هرڪو،
پر قياس ڪٿي آهي؟

ڏيڍ سنّو، جنهن جو مطلب آهي تہ 1 + 1/2 يعني هڪ جوڙيان اڌ؛ ان کي بلڪل صحيح لکت ۾ اسان جي هن شاعر ٿي لکيو آهي. يعني پهرين پوري سٽ پوءِ اڌ سٽ؛ خبر ناهي ڇو اهو خيال هن کان اڳ ڪنهن سينيئر، توڙي جونيئر شاعر کي نہ آيو! بهرالحال ڏيڍ سٽي جي صحيح لکت يا هئيت جو اعزاز بہ هن ڏانهن وڃي ٿو.

هن مجموعي جي عنوان تي ڏاڍو بحث هليو. هي بحث تقريبن مهيني کان هلندو رهيو. جنهن ۾ آسي زميني (پبلشر)، ڊاڪٽر منصور ملڪ (جنهن کي هي ڪتاب اريبو ويو آهي)، ستايل سڪندر (شاعر پاڻ) ۽ صوفي شوڪت سرگرم رهيا. آخرڪار آسي زمينيءَ جي عنوان "ڏڪوئيِن اُميَدن" تي اتفاق ٿيو.

آخر ۾ هڪ چڱي خواهش تہ، جيئن ڇپائيءَ جو مرحلو، جيڪو محترم موهن "مدهوش" ۽ آسي زمينيءَ جي ڪاوشن وسيلي انتهائي سهڻي انداز سان پورو ٿيو آهي؛ تيئن مارڪيٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ کپت وارو مرحلو بہ شال ڪاميابي ماڻي.

هيءُ شاعر "سليٽ" جي گهر جو شاعر آهي، جنهن کي اسان توري تڪي پوءِ اوهان تائين پهچايو آهي، ۽ جنهن لاءِ اسان پر اميد آهيون تہ هيءُ سنڌ جي موجوده دور ۾ ڪرنڊڙ شاعريءَ کي سهارو ڏيندو. اسان اها ضمانت پڻ ڪٽي سگهون ٿا تہ هن جي پڙهڻ سان نہ تہ اوهان جو وقت زيان ٿيندو ۽ نہ ئي پئسو.

– ابو سچل

جمال هائوس، ٽنڊو قيصر
24-7-2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گمنام شاعر جي نيڪ نام شاعري

لِيو ٽالسٽاءِ (1828ع کان 1910ع) جو چوڻ هو تہ، ”مذهب کان پوءِ فن ئي آهي، جيڪو انساني ذهن ۽ سندس احساسن جي جوڙجڪ ڪري سگهي ٿو. (ڇو تہ) هر ڪنهن فن ۾ هڪ ڳالهہ مشترڪ آهي تہ اهو ماڻهن کي متحد بڻائي ٿو.“ ياد رهي تہ هتي هو فن کي ايڏي وڏي اهميتا ڏيڻ جي باوجود ڪيس مذهب جي پيٺ ۾ ثانوي حيثيت ٿو ڏئي، جا ڳالهہ غور طلب آهي. ان کان اڳ هو مذهبي ادراڪ بابت پنهنجا ويچار هن ريت ونڊي ٿو؛ ”مذهبي ادراڪ مان مراد آهي خدا سان انسان جو رشتو، جنهن وسيلي انسان خدا سان ۽ انسان انسان سان هڪ (متحد) ٿيو وڃن.“ هو وڌيڪ لکي ٿو؛ ”ماڻهو فن جي ناقابلِ فهم هجڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا، ليڪن جيڪو فن انسان جي مذهبي ادراڪ مان ڦُٽي نڪتل آهي، تہ اهو هرگز ناقابلِ فهم نٿو ٿي سگهي.“

پر ڪيڏي حيرت ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي جو، فن کي مذهبي ادراڪ جي سونهن سان سنواري عوام دوستيءَ پيدا ڪرڻ وارو تصور رکندڙ فيلسوف - فنڪار، پنهنجي مذهبي ادراڪ ۽ خانداني عقيدن جي ٽڪراءَ جي ور چڙهي ويو؛ ۽ دلشڪستگيءَ ۽ ويڳاڻپ جو شڪار بڻجي آڪٽوبر 1910ع تي گهران مُنهن ڪري نڪتو، ۽ 6 نومبر 1910ع تي هڪ ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي مئل حالت ۾ مليو! ايئن هڪ عظيم ڏاهو، ”مذهبي ادراڪ“ وسيلي فن کي پرکيندڙ ۽ پرچاريندڙ مختلف مذهبي عقيدن جي جانبهہ ۾ پيڙجي، فرار جي راهہ اختيار ڪري، ”نيٺ ڇا ڪَجي؟“ واري سوال جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ٿو ڇڏي-! ۽ يقينن موت جي آخري هڏڪيءَ ويل بہ سندس ماڻڪين ۾ ان سوال جو ڪُنڊيو ڪُتل هوندو، ۽ سندس ڪَنن ۾ صدين جي ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال جو پڙاڏو هوندو، جيڪو اڄ تائين هر دؤر جي مذهبي توڙي فلسفيانہ رڻ پَٽن ۾ گونجندو رهي ٿو!

ان جي اُبتڙ ارسطوءَ (384-322 ق. م) فنِ شاعريءَ بابت پنهنجي ڪتاب "بوطيقا" ۾ لکي ٿو تہ، "شاعري يا تہ زبردست فطري صلاحيتن جي مالڪ ماڻهوءَ جو ڪم آهي، يا پوءِ ان جو، جيڪو صحيح الدماغ نہ هجي. پهريون شخص حد کان وڌيڪ حساس هوندو آهي ۽ ٻيو عالمِ جذب ۾ رهندڙ." ساڳئي ڪتاب ۾ تخليقي حسن بابت راءِ ڏيندي چئي ٿو تہ، "حسن توازن، تناسب ۽ مربوط ڪُل ۾ جزن جي فطري ترتيب جو نالو آهي."
ارسطو افلاطون جي ان نقطہِ نظر سان بہ سهمت ناهي تہ "هي دنيا اصلي دنيا جو نقل آهي ۽ فن وري نقل جو بہ نقل آهي." پر ارسطوءَ جي بقول؛ "هيءَ دنيا ئي اصل دنيا آهي ۽ ان جو نقل فن آهي. ليڪن ان کي جيئن جو تيئن نقل ڪرڻ اعليٰ فن ناهي، فنڪار جو ڪم فطرت جي حسن ۾ معنيٰ تلاش ڪرڻ ۽ ان منظر کي معنيٰ سميت نقل ڪرڻ آهي؛ ۽ ان ۾ ئي فن جو ڪمال آهي."

مطلب تہ ٿالسٽاءِ فن جي سلسلي ۾ مذهبي ڄاڻ، صلاحيت يا ادراڪ يا مذهب شناسيءَ تي زور ڏئي ٿو، تہ ارسطو فطري سونهن/ سُوجهہ ٻُوجهہ، صلاحيت يا ادراڪ تي زور ڏئي ٿو، ۽ مذهب شناسيءَ جي جاءِ تي فطرت شناسيءَ کي اهميت ڏئي ٿو. جنهن لاءِ هو چئي ٿو تہ فطرت شناسي ماڻهوءَ ۾ حساسيت پيدا ڪري ٿي. ٻئي پاسي جيڪڏهن ڏسجي تہ مذهب شناسي ماڻهوءَ کي شعور تہ ضرور بخشي ٿي، پر اهڙو شعور هڪ دائري تائين ئي محدود هجي ٿو. ليڪن فطرت شناسي ماڻهوءَ کي جيڪو شعور يا آگهي عطا ڪري ٿي، ان جو ذريعو جيئن تہ تخليقڪار جي فطري حساسيت آهي، تنهن ڪري اهڙي حساسيت جو بخشيل شعور ڪنهن بہ دائري جو پابندي ناهي؛ پوري ڪائنات يا خارج سندس حسي صلاحيت باعث، وجدان وسيلي سندس داخل ۾ ظهور پذير ٿي وڃي ٿو... ۽ جنهن جي داخل ۾ سمورو خارج موجود هجي، اهو بجا طور ڪامل شخص سڏجڻ لائق آهي.

هر مذهب پنهنجي جوهر ۾ هڪ مخصوص دائري اندر رهي عملي زندگيءَ جا بنياد فراهم ڪري ٿو، ۽ ان دائري کي اورانگهڻ واجب السزا جرم تصور ڪيو وڃي ٿو؛ جنهن جو تاريخ ۾ سڀ کان وڏو مثال حضرت حسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بن منصور حلاج رحہ آهي. ڇا منصور کي مذهبي ادراڪ حاصل نہ هو؟ لاريب هو صاحب ادراڪ هيو، ۽ ان ادراڪ جي بدولت ئي کيس معلوم ٿيو تہ هيءُ مذهب جو دائرو تہ تمام ننيڙو آهي، هن ۾ تہ فقط عام ماڻهو ئي رهي سگهن ٿا. هو تہ پنهنجي دؤر جو Genius خاص ماڻهو هو. هُن لاءِ اُن دائري کان ٻاهر ٽپي اڳتي جي ادراڪ جا مڙيئي دروازا کليل هئا، ۽ هو جڏهن انهن کليل دروازن کي عبور کندو ان حد تي پهتو، جتي زمان و مکان جو ڪوبہ سنڌو نہ رهيو هو، ۽ جڏهن اتان جو احوال، جيڪو کيس محدود عقل وارن عام ماڻهن آڏو آشڪار نہ هو ڪرڻو، سو سلي ويئو، تڏهن جاهل عوام پنهنجي دؤر جي ڏاهي، صاحبِ عقل و مذهبي ادراڪ انسان کي ديوانو/ باغي قرار ڏيئي، ترم جي دار تي چاڙهڻ بعد ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري سندس ساڙيل سرير جي خاڪ بہ اُڏاري ڇڏي! ۽ بيشڪ اهڙو موت سقراط توڙي منصور ڀارن جي شان لائق آهي. هوريس (65-8 ق. م) اهڙن غير معمولي (Extra ordinary) ماڻهن يا شاعرن لاءِ لکي ٿو تہ، "شاعرن (اصحابِ شعُور) کي اهڙو حق حاصل آهي تہ جيڪر هو چاهين تہ پاڻ کي ماري ڇڏين. اهڙي شخص کي بچائڻ، جيڪو بچڻ نہ چاهيندو هجي سا ڳالهہ کيس قتل ڪرڻ وانگر آهي."
لاشڪ سقراط يا منصور ڀارن، زندگي ۽ موت جو مشاهدو تمام ويجهڙائيءَ سان ڪري ڏٺو هو؛ ۽ هنن پنهنجي جيئري ڪئين ڀيرا مري وري جيئري ٿي پوڻ جو بار بار آنيوءَ حاصل ڪيو هيو. تنهن ڪري انهن لاءِ پنهنجي مرده سوسائٽيءَ ۾ موت قبولڻ زندگيءَ سان پيار برابر هيو... تڏهن تہ هو اڄ بہ زنده آهن.

ان بحث ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ ٿورو ويچاريو تہ هڪ عام توڙي خاص ماڻهو، جو ڪجهہ Observe يا Percieve ڪري ٿو، يا خارجي توڙي داخلي طور جو ڪجهہ محسوس ڪندي پوڳي ٿو، ان پوڳنا جي عملي توڙي علمي اظهار جي کيس آزادي ميسر آهي؟ اها ئي ڳالهہ آهي تہ تخليقي سگهہ سموريون بندشون ٽوڙي پنهنجي اظهار جي ڪانہ ڪا صورت آوس ڳوليو لهي؛ ۽ اها تخليقي سگهہ ڪنهن بہ مذهبي ادراڪ جي محتاج ناهي هوندي، جنهن کي تالستاءِ هرحال ۾ ان جو پابند بنائڻ گهري ٿو؛ تنهن ڪري اهو سندس فڪري مغالطو آهي تہ فن مذهبي ادراڪ جو محتاج آهي! مذهبي

ادراڪ کان انڪار ناهي، ليڪن ڪنهن تخليقڪار جي تخليقي سگهہ جو راز مذهبي ادراڪ ڪانسواءِ فطري ادراڪ ۾ سمايل آهي. اچو تہ ان ڏِس ۾ صاحبِ ڪتاب ”ستايل“ سڪندر کان پڇون، جيڪو جواب ۾ چئي ٿو؛

نہ ڪي پيٽ سُني، نہ شيعو ڏسي ٿو،
هِتي بک سڀ جا ڌرم ٿي ڏٺاري.

يـــا

اَگ اَندن جي اجهاڻ واسطي؛
مذهبن جي پابندي پلجي وئي.

ڪير سائنس اتفاق ڪري يا اختلاف، پر ستايل سڪندر جو ان معاملي ۾ ٽالسٽاءِ کي اهو ئي جواب آهي. سندس خيال موجب؛

پاڻ کي ئي جو نہ آ سمجهي سگهيو،
سو خدا جي ذات تي سوچي پيو!

هر ساڃاهہ وند تخليقڪار لاءِ بنيادي عنصر خود آگهي يا پاڻ سڃاڻ (Self perception) آهي، جنهن پاڻ سڃاتو، تنهن پرينءَ (خدا) سڃاتو، بقول ستايل؛

يار ”ستايل“ پري تہ ڪونهي،
پاڻ منجهان ئي ڳول هتي!

يقينن خدا شناسيءَ کان اڳ خود شناسي ضروري آهي، ۽ اهڙي شناس محبت جو مذهب ئي بخشي سگهي ٿو؛ نہ ڪي هي زماني جا اڻ ڳڻيا مذهب؛ جن مانهو مُنجهائي تاريخ جا ورق رت – هاڻا ڪري ڇڏيا آهن... ان ڏس ۾ ”ستايل“ ڇا ٿو چئي؛

اسان جو شهر ساڳيو آ، اسان جا گهر جدا آهن،
اٿين ٿي روز پيا گڏجون، تڏهن بہ ڀي فاصلا آهن!

بٺايا ڇا نہ بُتخانہ، هتي انسان پُوڄا لئہ،
سين جو ڌار مذهب آ، الڳ سڀ جا خُدا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڏِس ڪِيس ڪيڏو ٿيو، اٿين تڙيون پيا راهن ۾،
"ستايل" آس جا پنڇي، الاءِ ڪنهن ڪُنا آهن؟

آس جا پنڇي ڪنهن ڪُنا آهن؟ اهو سوال بظاهر "ستايل" پاڻ کان ٿو پڇي، پر اهو سوال اسان سمورن لئہ آهي؛ ۽ ان جي جواب طور هر ڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا دليل هوندا. پر هڪ ڳالهہ کان ڪوبہ انڪار نہ ڪري سگهندو تہ، هر دؤر جي فطرت شناس ماڻهوءَ جي من – پکي تي ڪيترا ئي آس جا پنڇي لهندا رهيا آهن، جن کي ڪڏهن مذهب تہ ڪڏهن سياست جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، نهايت بيدرديءَ سان وقت جي مذهبي – سياسي سگهارين ذُرين ڪُنو آهي. حيرت جي ڳالهہ تہ اها آهي جو ٻئي ڌريون ڳالهيون وري بہ انساني ڀائيچاري ۽ اظهارِ راءِ جي آزاديءَ جون ڪنديون رهيون آهن! ان قول و فعل جي تضاد کي اسان جو تخليقڪار اجهو هنن لفظن ۾ ٿو اگهاڙو ڪري؛

بند پڃري ۾ پکي ڇو ٿو ڪرين؟
ڇڏ تہ پنهنجي جوڙ سان اُڏري وڃي!

"ڇڏ تہ پنهنجي جوڙ سان اُڏري وڃي!" هن مصرع کي سونهن، تخليقڪار وٽ موجود محبت جو جمالياتي ادراڪ ٿي بخشي ٿو، نہ ڪي مذهبي ادراڪ. دراصل ذات ۽ ذاتہ جو اهو تخليقي جهان محبت جي جمالياتي ادراڪ جي بنيادن تي ئي بيٺل آهي. مذهبي قدر (Values) بجا طور انساني ڀلائيءَ سان واسطو رکن ٿا، پر عالمي سطح تي اهي ڪٿي نہ ڪٿي هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ ضرور اچن ٿا؛ جنهن سبب ماڻهن درميان ڌرمن جون ديوارون ڪڙيون ٿي پون ٿيون. پر محبت جي مذهب جا قدر آفاقي آهن. اهي نہ فقط ساري ڌرتيءَ جي انسانن کي قريبتر ڪن ٿا، پر پوري ڪائنات تي ان جو اطلاق ٿئي ٿو. روزِ اول کان محبت ئي ڪائناتي هم آهنگي ۽ توازن جو محور رهي آهي. اهو حُسنِ ترتيب و توازن "ڪُن فيڪون" جي جوهر ۾ موجود آهي. جنهن فرمان جو محرڪ پڻ بلاشڪ اها ئي محبت آهي. مذهب انفرادي حيثيت رکي ٿو، ليڪن محبت اجتماعي اهميت جي مالڪ آهي. تنهن ڪري مذهبي قدر جامد آهن پر محبت جا قدر (Values) غير جامد، سدا متحرڪ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهندڙ پاڻيءَ جيئن آهن. مذهب طيءِ شده، حتمي ۽ مکمل قاعدن تي مدار رکي ٿو، جن ۾ ڪنهن ڦيرڦار جي گنجائش (اجتهاد جي حڪم هوندي به) نه هئڻ برابر آهي؛ پر محبت پنهنجو رستو پاڻ ناهي ٿي، ۽ پاڻ تي ڪي به خارجي بندشون نٿي برداشت ڪري؛ تنهن ڪري محبت هر دؤر ۾ (زمان و مڪان جون حدون اورانگهي) شين کي پنهنجي نظر سان ڏسي، انهن بابت راءِ جوڙڻ جو اختيار رکي ٿي؛ جنهن کي آفاقيت جو درجو حاصل آهي. محبت کي اوهان ڪنهن به منطقي/ استدلالي دائري ۾ بند نٿا ڪري سگهو. هڪ شاعر به جيئن ته محبت جي مذهب جو پوئلڳ هوندو آهي، تنهن ڪري هو پنهنجي تخليقي فڪر ۽ رويي ۾ منطقي بجاءِ وجداني هوندو آهي، ۽ نتيجتن شين بابت چئو ۽ چگو تصور ڏئي ٿو؛

يار جي معصوم چهري کي ڏسي،
ٿي خدا جي روبرو پهچان آ.

خدا کي منطقي يا استدلالي انداز ۾ ڪنهن به ريت بيان نٿو ڪري سگهجي. جو ته خدا کي منطقي انداز ۾ ثابت ڪرڻ لاءِ جيترا دليل ڏئي سگهجن ٿا، اوترا دليل ان جي ابتڙ پڻ پيش ڪري سگهجن ٿا. ليڪن محبت جو ادراڪ اوهان کي وجدان جي اهڙين وادين جو سئر ڪرائي سگهي ٿو، جتي خدا سان اوهان روبرو سنمک ٿي سگهو ٿا؛ ۽ اوهان کي ان جي ثابتيءَ لاءِ ڪن به هٿ ٺوڪين منطقي دليلن جي ضرورت نه پوندي. رڳو اندر جي اک کولڻي پوندي، جنهن جي روشنيءَ ۾ هڪ معصوم يار جي چهري جي منڙي مُرڪ ٿي حسنِ ازل کي عيان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي؛ بشرطيڪ اوهان وٽ اها اندر جي اک يا قوتِ ادراڪِ جماليات يا عشق جي عطا ڪيل وجداني سرمستي موجود آهي. ٻئي طرف صاحبِ عقل و خرد جي خيابان جي گلن جون جدا جدا سڳنڌون، اوهان کي الرجيءَ ۾ مبتلا ڪري، حقيقت کان ڏيڙي به سگهن ٿيون؛ بقولِ ستايل؛

مت، عقل ۽ سيائپ ڇاجي؟
جڳ کي سمجهيو ڏاهن ڇاهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ ريت لطيف سرڪار فرمائي ٿو:

ڳھنڳھريا ڳھڻ – جاڻ، مُوڙھي مَت مُھائِيين،
ويا ڳُڌجي ويرَ ۾، پيا مُنھن مھراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وِسري.
– ڳھاتو

يـــا

ڪوھہ تو ڪاڳر ڪورٿيين؟ وينو وجائين مَس،
ڏور تِتائين ڏس، آڪر جِٿائين جُڙيا.
– يمن ڪلياڻ

توڙي جو شاھہ سائينءَ علم ظاهري توڙي باطنيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو هيو، پر عشق کان خالي علم جي مالڪ مُلن ۽ قاضين جي پت پڌري ڪندي حقيقي علم، جيڪو حضرت عشق عطا ڪري ٿو: تنھن جي اهميت ۽ افاديت تي زور ڏئي ٿو. ساڳي ڳالھہ اسان جو هيءَ ذات ڏٺي پڻ پنھنجي مٿئين شعر ۾ بيان ڪري ٿو، تہ سواءِ عشق جي مَڪتب (جتان حقيقي عقل جا اکر يا ڏاھپ جڙي ٿي) ٻي هر درسگاھہ مان پرايل عقل، مت ۽ سيائپ ذريعي جڳ توڙي جيوَن جو ڳُجھہ نٿو لھي سگھجي. اهڙيءَ طرح سندس شاعري پنھنجين ڪلاسيڪي قدرن ۽ روايتن سان جُڙيل رهي، جديد شاعريءَ تائينءَ جو سندر سفر طيءِ ڪري، پنھنجي دؤر جي سماجي شعور کي ساڃاهي پنھنجو مقام ماڻيو آهي.

"ستايل" سڪندر ڪنھن بہ روايتي درسگاھہ جو سَند يافتہ ناهي، ليڪن ڪيس مڪتبِ عشق جي شاگرد هئڻ جو شرف حاصل رهيو آهي: ۽ سندس هيءَ تخليقي ڪارنامو ان جو ئي نتيجو آهي. ان مان اها حقيقت پڻ عيان ٿئي ٿي تہ ڪنھن بہ ذات ڏٺيءَ لاءِ صاحبِ علم هئڻ ضروري ناهي: البتہ ڪيس عرفانِ ذات ۽ عشق جو عطا ڪيل سماجي شعور هئڻ لازم آهي. جنھن جي ثبوت طور سندس هن شعري مجموعي مان ڪوڙ سارا شعر مثال طورِ پيش ڪري سگھجن ٿا، جيڪي نہ فقط عصري تقاضائون پوريون ڪن ٿا، پر ادبي حوالي سان مختلف تحريڪن جا عڪس پڻ منجھن جڳھہ جڳھہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ملن ٿا؛ مثلاً رومانيت، قوميت، ويدانت يا تصوف، تجريديت، وجوديت وغيره. انهن مان نموني طور ڪجهه مثالي شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ڳل تي ڳوڙها، خواب اڌورا،
آخر پاڻ اکين جا هي؟

--

ڳالهه ٿوري يا گهٽي پر پاڻ ۾،
ڪنهن طريقي معاملو نبري وڃي.

--

لفظ پنڪن پيا ڪٿي آهي اياز؟
اڄ به جذبن کي ڪويءَ جي آ تلاش.

--

ذري ڳالهه ٿي جي ڪنهن تي پُڄائن،
اسان جي جماعت ۾ اهڙا به آهن!

--

پَراوَن تي ڪهڙيون ميارون ڪرين ٿو؟
خبر پئي ته پيرن ۾ پنهنجا به آهن!

--

هاڻ سنڌوءَ جو وڃي نالو بچيو،
تون وڃائين وقت پيو تڪرار ۾!

--

هن کي ضمير ڪهڙو؟ هن کي کپي ٿي ڪُرسي!
هن قوم جو ته دشمن، آ سنڌ جو وڏيرو.

--

هي لٽيرو اڄ به ساڳيو آ مڪر،
تو لٽڻ لئه روز بدلي چال پيو!

--

تون ته سنڌوءَ جي ڪرين پيو ڳالهه پر،
سو هتان جي "ڪافرن" پيلي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيان سمورا مثالي شعر سندس غزلن مان کنيل آهن، پر هن تقريباً سمورين مروجه شعري صنفن سان پرپور نڀايو آهي. سندس نظمن ۾ "سازش"، "اسين سڀ اياڻا"، "سنڌوءَ"، "سنڌ نامو" قومي حوالي سان شاندار نظم آهن. سندس ڪي نظم مثلاً "عجب آ ڪهاڻي" ۽ "امن جو گيت" ته نصاب ۾ شامل ڪرڻ جوڳا آهن. "ستايل" سڪندر جي هِن شعري مجموعي "ڏکوئيِن اُميائَ" ۾ غزل، نظم، ترائيل، پنجڪڙا، چوسٽا، بيت، وايون، ڏيڍ سٽا ۽ آدوها (شعري صنفون) موجود آهن. ڏيڍ سٽو، جيڪو پنهنجي هيئت ۾ حضرت شيخ اياز رحه جي ڏيڍ سٽي کان مختلف طور لکيل آهي، ان بابت آءٌ اهو چوندس ته ان صنف جي خالق جي جوڙيل هيئت بنسبت "ستايل" جي لکيت يا گھاڙيٽو وڌيڪ قابلِ قبول آهي. جو ته ڏيڍ سٽو پنهنجي بيهڪ/ هيئت ۾ "ڏيڍ سٽ" جي صورت ۾ ايئن ئي مناسب ۽ منطقي لڳي ٿو، جيئن هن صاحب لکيو آهي؛ ۽ اها ئي حقيقت سندس لکيل صنف "آدوهي" سان پڻ لاڳو ٿئي ٿي، جنهنجي هيئت پڻ تبديليءَ جي اهڙي ئي انداز جي متقاضي آهي.

"ستايل" سڪندر هُوندءَ ته مڙني شعري صنفن سان سٺو نڀايو آهي، پر غزل ۽ پنجڪڙي کي سعيد ميمڻ کان پوءِ ستايل ئي سونهن ڏئي سگھيو آهي. سندس پنجڪڙا پڻ ٻين صنفن وانگر فني توڙي فڪري طور مضبوط بنياد رکن ٿا، پر پنجڪڙي جي هيئتي ضرورت مطابق منجهس فڪري تسلسل سان گڏ، فني بيهڪ جي مَد ۾ پهرئين سِٽ جو آخري سٽ طور ورجاءُ نهايت ئي مَن موهيندڙ آهي. هيئين پنجڪڙن ۾ ڪافي حد تائين وجوديت (Existentialism) جو ڏيک ملي ٿو؛

اي ڇوڪرا! اجا تون ننڍڙو ته ٻار آهين،
ڇا جي تڪڙ لڳي آ توکي وڏي ٿيڻ جي؟
پنهنجي ته پيءُ وانگي جلدي جڏي ٿيڻ جي!
ڪهڙو ڀلا ٻڌا تون ذرتيءَ تي ٻار آهين؟
اي ڇوڪرا! اجا تون ننڍڙو ته ٻار آهين!

--

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيايون پيا اجا هن کي، گلي جو هار بڻجي وڃي!
نہ ساڳي سا رهي هاڻي، حقيقت هوڏ ۽ هَستي،
هلي وئي آ هتن مان سا جواني موج ۽ مَستي،
نہ چاهيندي بہ اڄ آخر حياتي بار بڻجي وئي،
نيايون پيا اجا هن کي، گلي جو هار بڻجي وئي!

—

موت جهڙي چيز ٻي ڪائي نہ آ،
زندگيءَ جي ٿو ختم پِيڙا ڪَري،
پير پنهنجا ٿو جڏهن جنهن وٽ ڀَري،
هت رهڻ لاءِ ڪوبہ هنڌ جائي(ا) نہ آ،
موت جهڙي چيز ٻي ڪائي نہ آ.

يا وري سندس هيٺيون ڏيڍ سٽو پڙهو:

آ ہَڪ لهي ويندي، انسان جڏهن مرندو؛
سڀ ٿڪ لهي ويندي.

هيٺين چوسٽن کي پڙهي اسان جي ووٽ وٺندڙن توڙي ڏيندڙن کان علاوه، ويچارن سياسي ورڪرن کي پڻ ويچارڻ گهرجي:

سنڌ سان ايڏي نڳي چا لئہ ڀلا؟
دِلُ ڪُرسيءَ سان لڳي چا لئہ ڀلا!
هينئن بہ ٿيندو، هونءَ بہ ٿيندو، ٿيو نہ ڪجهہ!
پيا هٽن خالي جهڳي چا لئہ ڀلا؟

—

ڇا ڇڏيندي ٻاهہ جت آهي ٻري،
ڪاٺ ڇا پر لوهہ ٻي ويندو ڳري،
فرد مرندا فرد جمندا پيا هِتي،
پر نہ جمندي قوم جا ويندي مري.

(ا) جائي = سچ تہ (سنڌ جي اترئين علائقي جي ٻوليءَ جو لفظ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ستايل“ سڪندر جي شاعريءَ تي لکڻ لاءِ، جيڪر وقت اجازت ڏئي ۽ پڙهندڙ جي مجبوريءَ جو احساس نہ رهي تہ گهٽو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو؛ جيڪو شاعر ۽ سندس شاعريءَ کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. پر وقت جي تقاضا اها ٿي آهي، تہ وڌيڪ تجزيي لاءِ پڙهندڙن کي دعوت ڏئي پچائي ڪجي؛ ڇو تہ اڄ جو پڙهندڙ بلاشڪ باشعور ۽ چڱي مَتي جي ساڃاهہ رکندڙ آهي.

ليڪن آخر ۾ بينجامن فرينڪلن جا سدا حيات لفظ لکڻ لازم لڳن ٿا. جنهن جي بقول؛

”جيڪر چاهيو ٿا تہ مري، سڙي، ڳري ڪيپي وڃڻ بعد اوهان کي وساريو نہ وڃي، تہ پوءِ يا تہ پڙهڻ لائق ڪجهہ تخليق ڪريو، يا لکڻ لائق ڪي ڪم ڪريو.“

– ۽ اسين سمجهان ٿو تہ ”ستايل“ سڪندر پنهنجي زندگيءَ ۾ بينجامن فرينڪلن جي قول تي عمل ڪندي، پڙهڻ لائق جو ڪجهہ تخليق ڪيو آهي، سو ڪيس مُٿي پچاڻا ياد رکڻ لاءِ ڪافي آهي. باقي جيستائين لکڻ لائق ڪنهن ڪم ڪري وڃڻ واري صلاح جو تعلق آهي، تہ اُن ڏس ۾ پڻ اسان منجهانئس مايوس ناهيون.

– آسي زميني

”سليٽ“، دانشگاهہ/منصوريہ آستانو،
ٽنبو قيصر، ضلعو حيدرآباد.
جمعو 26 نومبر 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گودڙيءَ ۾ لعل

ٽنبو قيصر سان منهنجو رشتو شروع کان وٺي اهڙو ئي رهيو آهي، جهڙو پنهنجي اباڻي ڳوٺ پڊعيدن سان- پر هيءَ ڳالهه سن 2002ع جي آهي، جڏهن منهنجو شعري مجموعو ”تنڌي اُس تِکي چانوَ“ ڇپائيءَ جي شروعاتي مرحلن ۾ هئو. ڪتاب جا پروف پنهنجي لائق دوست، بوليءَ جي ماهر تاج جويو جي حوالي ڪيم، جنهن جي مصروفيتن مون کي ٽنبو قيصر ۾ هڪ نئون دوست بخشيو.

تاج جويي ڪتاب جا پروف آسي زمينيءَ جي حوالي ڪيا، جنهن سبب مون کي ٽنبو قيصر ۾ هڪ اهڙو دوست ۽ آستانو مليو، جنهن جي مزاجاً مون کي غير شعوري طور تلاش هئي. اهو آستانو، جنهن کي ”سليٽ“ دانش گاهه ٽنبو قيصر سڏيو پئي ويو، تنهن منهنجو مذڪوره ڪتاب ڇپي پڌرو ڪيو ۽ جتي جي ادبي دوستن مون کي ڪراچيءَ جي ٽڪ لاهڻ لاءِ ماحول فراهم ڪيو. خاص طور ڊاڪٽر علي نواز نظاماڻي، آسي زميني، ستايل سڪندر، صوفي شوڪت، اشفاق احمد، فيصل فقير ۽ نورل فقير وغيره. چند ئي ملاقاتن دوران مون محسوس ڪيو تہ ”سليٽ“ جي گودڙيءَ ۾ جيڪي گوهر لڪل آهن تن مان هڪ گوهرِ ناياب ”ستايل“ سڪندر بہ آهي. جنهن جي شاعري پڙهي مون کي اڄ جا نالي چڙهيا شاعر ڄامڙا نظر ايندا آهن.

هن ڀيري ”سليٽ“ اشاعتي شعبي پاران سندس شعري مجموعي جي ڇپائيءَ جو ٻُڌي مون کي دلي راحت ملي؛ اُها بي ڳالهه آهي تہ سندس پاران ڪتاب جو انتساب منهنجي نانءِ ڪرڻ واري رمز منهنجي لاءِ سواليہ نشان آهي. اهو صاحبِ ڪتاب جو ذوق نظر آهي جو مون جهڙي فقير منش شاعر کي ايڏي وڏي اعزاز لائق ڄاتائين.

منهنجي دُعا آهي تہ شال ”ستايل“ ۽ ”سليٽ“ جي ساٿين جي تخليقي صلاحيتن جي سڳنڌ، سنڌ ۽ دنيا وارن لاءِ ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجي.

منصور ملڪ

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رايو

محبتن، محرومين ۽ مزاحمت جو شاعر

انساني فطرت ۾ ذهني پيڙاءَ ذريعي اندر جيڪا احساساتي ٻيچ ڊاهہ ٿئي ٿي، تنهن جا داخلي ۽ خارجي ٻہ پهلو هوندا آهن. خارجي پهلوءَ ذريعي ڪنهن انسان کي جسماني طرح ايذاءَ ڏئي ان کي ذهني طرح ان حد تائين پهچايو وڃي ٿو، جنهن سان اندر جو غصو بغاوت جو روپ وٺي ٿو. جڏهن تہ داخلي پهلوءَ ۾ انسان جسماني طرح آزاد هوندي بہ روحاني طرح قيد هوندو آهي. جنهن ۾ اندر جا احساس ٻرندڙ جبل جي لاوي وانگي هڪ وڏي سگهہ جو روپ وٺي، مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿيندا آهن، جنهن جي نتيجي طور ڪي انسان سماج ۽ مذهب کان باغي بڻجي ويندا آهن. ڪي علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ عرفان مهدي واري آتم هتيا واري واٽ جي چونڊ ڪندا آهن، هڪڙا ڊاڙيل بڻجي ٻيلا وسائيندا آهن، تہ ڪي وري اندر جي ٻرندڙ باهہ کي ادب ۽ شاعريءَ جو روپ ڏئي، دونهي جون لاٽون ڪڍي سماج ۾ پنهنجي حيثيت جو تعين ڪندا آهن؛ پر اهو دونهون ڪو ڪبڙ جي ڪاٺيءَ وارو ساهہ کي ٻوساٽڻ وارو نہ، بلڪ اگربتيءَ وارو هلڪو، فضا کي معطر ڪندڙ انسان دوست دونهن هوندو آهي.

انساني حيات جي باري ۾ جڏهن سائنس جو ڪتاب کولجي ٿو، تڏهن انسان جي ارتقا جو سفر پٿرن جي دؤر کان شروع ٿيندڙ ڄاڻايو وڃي ٿو؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ اڳئين انسان کي حيوان سان تشبيهه ڏيڻ کان پوءِ وقت جي ڪلهن تي سفر ڪندي، ڪنهن مقام کي انساني ارتقا جي مڪمل هئڻ جي اهڃاڻ طور فل اسٽاپ لڳائي، اسان جي نصابي ڪتابن ۾ اهو جملو لکيو ويو ته: ”اڄ انسان پنهنجي اصلوڪي يعني هاڻوڪي شڪل ۾ اچي ويو.“

اڄ هن وقت، جنهن مقام کي 21 هين صديءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، ڪجهه دير پنهنجون مڙئي جسماني ۽ ذهني سرگرميون هڪ طرف رکي ڪو ديوانو پرهه ڦٽيءَ ويل ايرندڙ سج جي پهرئين ڪرڻي کان اهو سوال پڇي ٿو ته، ’ڇا انسان واقعي هڪ مڪمل انسان بڻجي ويو آهي!؟‘ جنهن تي ڏينهن جي پڇاڙي ويل اهوئي ڪرڻو لهندڙ سج جو آخري ڪرڻو بڻجي، بنا ڪو جواب ڏيڻ جي اُفق جي هن پار هليو ٿو وڃي! جنهن کان پوءِ وري هو ساڳيو سوال، آڌيءَ رات ڪنهن سنڌر ناريءَ جي ان ڪاري رَئي جيان نظر ايندڙ آسمان تي، ٽم ٽم ڪندڙ ستارن کان پُڇي ٿو، جنهن تي معصوم ٻار جيان مرڪندي نظر ايندڙ ستارا پاڻ ۾ سرگوشيون ڪرڻ لڳن ٿا! ڄڻ ديواني جي اهڙي عجيب سوال تي کلندا هجن! ايتري ۾ چنڊ کي بلڪل ويجهو رهندڙ ۽ وڏيڪ چمڪندڙ ستارو ديواني سان مخاطب ٿئي ٿو: ”تو وارو انسان جيتوڻيڪ ظاهر ۾ مڪمل آهي، پر اندر ۾ هو اڃا تائين اڌورو آهي، ۽ شايد اڳتي لاءِ به اڌورو ئي رهي. اونداهين راتين ۾ سندس ڪلور ڏسي، ڏينهن جو وڏيڪ ڪجهه ڏسڻ جي سٽ ئي نه سهي سگهندا آهيون، ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسان رات جي پڇاڙيءَ جي پهر جي پڇاڙيءَ تي وقت جون واڳون سج جي حوالي ڪري هليا ويندا آهيون.“

اهو چئي اهو ستارو وڏيڪ چمڪي مرڪڻ لڳندو آهي. ان کان پهرين جو جواب حاصل ڪندڙ ديوانو ڪجهه وڌيڪ چئي، ايتري ۾ ڪٿان ڪنهن طرف کان ڪو آواره ڪڪر اچي، ستاري جي مٿان پردو ائين اچي وجهي ٿو، جيئن ڪا شرميلي ناري ڪنهن گهيروءَ ڏانهن پيار جي پهرين نهار نهارڻ کان پوءِ، ڪجهه شرم مان ۽ ڪجهه ناز مان چهري کي رئي جي پردي ۾ لڪائي ڇڏيندي آهي.

هونئن ته سماجي لحاظ کان ڪيترائي انسان جانبه وچ ۾ جيئن ٿا، پر هر انسان جسماني طرح هڪجهڙو هئڻ جي باوجود روحاني طرح هڪ ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان مختلف آهي. ھڪڙن جي اڳيان جيئڻ عياشي آهي تہ ٻين جي لاءِ مجبوري؛ ڪن لاءِ زندگي نعمت آهي تہ ڪن لاءِ سزا! جيتوڻيڪ ڀاڳ جي ڀلائيءَ/ برائيءَ وارو فرق ان ڏينھن کان ئي شروع ٿي ويو ھو، جڏھن ڪو ٻار حڪمران جي محل ۾ اک کولي ٿو، تہ ڪو ھاريءَ جي جھڳيءَ اندر! دراصل ان وقت ئي طبقاتي فرق جي ننڍڙي ديوار جو بنياد پئجي ويو، ۽ پوءِ اھا ديوار ھر نئين ايندڙ ڏينھن سان وڌيڪ اوچي ٿيندي ويندي آهي.

طبقاتي حوالي سان احساسِ محروميءَ جو شڪار نوجوان ڪيا واٽ ڳولڻ چاھي ٿو، جنھن تي ھلي ھو ان منزل تي پھچي، جتي طبقاتي فرق سندس آڏو گوڏا کوڙي ڇڏي. اھو سوچي ھو پنھنجي اندر لڪل صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ لڳي ٿو، تہ خبر پئي ٿي تہ سندس اندر ۾ ذات جي راڻي پڻ گھر ڪيو ويٺي آهي؛ جنھن کي راضي ڪرڻ سان ھو پنھنجو مقصد ماڻي سگھي ٿو ۽ تڏھن نوجوان جي وڌيڪ تڙپ ڏسي، اھا ذات جي راڻي مٿس مھربان ٿي پئي ٿي؛ ۽ ائين ھڪ Ordinary انسان Extra Ordinary بنجو وڃي. پوءِ حاصلات واري منزل تي پھچي طبقاتي فرق کي ھڪ نوڪر سان اڏائي ڇڏي ٿو. اصل ۾ اسان جي نام نھاد معاشري ۾ سماجي قدر، انتھائي گھٽيا درجي تي ھئڻ سبب، ظاھري ڏيک ويک ڏسڻ سان ئي ڪنھن جي حيثيت جو تعين ڪيو ويندو آهي. جڏھن تہ ان جي ابتڙ ڪنھن بہ قسم جو ڪردار [عمل] ئي اصل ۾ انسان دوستيءَ جي قدر جو تعين ڪندو آهي. جيڪڏھن ان جي ڪردار ۾ اتم ۽ اعليٰ گڻ آهي تہ ھو بلڪل پنھنجي عظمت جي رتبي جو لائق آهي. پر ھتي ڪنھن طويل بحث کان ھٽي ڪري صرف اھو ٻڌائڻ ٿو چاھيان، تہ جڏھن ڪو ڪمزور وجود پنھنجي ڪنھن اعليٰ صلاحيت وسيلي پنھنجو ھڪ مقام ناھي وٺي ٿو، تڏھن ان جي اھا حيثيت ان وڏيري جي پٽ کان سؤ ڀيرا وڌيڪ ھجي ٿي، جنھن کي سندس حيثيت ورثي ۾ ملي ٿي. اسان جي معاشري جي ھزار خرابين مان ھڪ خرابي اھا پڻ آهي، جنھن ۾ حيثيت جي خيرات ورثي ۾ ڏني ويندي آهي- پر اھو سڀ ڪرڻ لاءِ ڪيس داخلي طرح وڏا ڪشالا ڪيڻا پوندا آھن. اندر جي احساسن کي لفظن جو روپ ڏئي، ڪنھن سُن ٿي ويل سماج کي پنھنجي ڪاوش وسيلي ذات جي

گرمي ڏني هڪ نئين روح ڦوڪئو پئي ٿو؛ جيڪو اڳتي هلي شعور جي اهڙي شمع روشن ڪري ٿو، جيڪو مستقبل جي نسل جي رهنمائي ڪرڻ لڳي ٿو.

مون کي خبر ناهي ته سڪندر پنهنجو تخلص "ستايل" ڪيئن ۽ ڇو رکيو آهي، پر جڏهن ڪجهه وقت جي لاءِ ان لفظ تي سوچان ٿو ته اندر ئي اندر ڪيس داد ڏيڻ لڳان ٿو. بظاهر ڪٿي اهو هڪ عام لفظ نظر اچي ٿو پر پنهنجي گهرائيءَ ۾! اهو هڪ طويل معنيٰ خيز مطلب رکي ٿو. ڏنو وڃي ته دنيا ۾ رهندڙ تقريبن هرڪوئي انسان ڪنهن نه ڪنهن جو ستايل آهي. ٽنڊي تيمر جي بنير ڪنهن رٿابنديءَ جي نهيل آڏين اُبتين گهٽين ۾ راند سان گڏ شرارتون ڪندڙ ڪاله جو بالڪ ۽ اڄ جو.... ٻارن جو پيءُ سڪندر "ستايل"، سماج جي هيٺين طبقي سان تعلق هئڻ ڪري، پنهنجي طبقي جي ٻين نوجوانن وانگي جيتوڻيڪ شهر ۾ هڪ غير معروف ماڻهو هو، پر جڏهن کان ذات جي راڻي مٿس راضي ٿي، تڏهن کان ڪيس ان منزل جي واٽ ملي وئي، جنهن تي هلي ڪري هو پنهنجي ذاتي ۽ قومي احساسِ محروميءَ جو اظهار ڪرڻ لڳو- نه رڳو ايترو بلڪ اڃا اڳتي، هُن، غاصب قوتن جي ناهيل ٽڪسات مٿان احساسن جي بارود سان ڀريل لفظن سان وڏا وار ڪيا.

ستايل جي فني زندگيءَ کي جيڪڏهن هڪ جملي ۾ سمائجي ته پوءِ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو خوبصورت جملو جڙندو، ته سڪندر محرومين جي احساسن مان جنم وٺندڙ پيار ۽ مزاحمت جو اهو شاعر آهي، جنهن پنهنجي محبوب ۽ پنهنجي سنڌ کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو آهي؛ ۽ بغير ڪنهن لالچ جي، اونداهين راتين ۾ ذات جا ڏيئا روشن ڪيا آهن. "ستايل" سڪندر پنهنجي ننڍڙي وجود اندر جسماني طرح ڪمزور، پر روحاني طرح سگهارو نظر اچي ٿو. ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ ناهي ته سڪندر مون کي شهر جي ان ورياج خور واپاريءَ کان وڌيڪ عظيم لڳي ٿو، جنهن جو ڏينهن ڏرم صرف درلت گڏ ڪرڻ آهي؛ ۽ جنهنجي لاءِ هو مسڪين ۽ ابوجهن کي قرضن جي ڪوڙن ۾ قابو ڪري ٿو.

بلاشڪ ترمن جي تهذيب، ثقافت، تاريخ ۽ ٻوليءَ جا وارث اديب ۽ شاعر ئي هوندا آهن، جيڪي بي ضرر (ڪنهن کي نقصان نه ڏيندڙ) هئڻ جي باوجود ڪال ڪوٺڙين اندر واڙيا ويندا آهن. هن لاءِ سنڌن سچ وڏو ڏوهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنجي ويندو آهي. جڏهن هڪ اشاري سان توبن جا منهن ڪوليندڙ جنرل نهايت هينئين طبقي سان تعلق رکندڙ ڪمزور شاعر جي ڪنهن هڪ سِٽ جي سَٽ سهي نہ سگهندا آهن، ۽ جڏهن ڪنهن جا ٻول ڪنهن آمر جي ننڊ ڦٽائڻ لڳندا آهن، تڏهن ان مهل، ها بلڪل ان ئي مهل هڪ قوم پنهنجي تاريخ جو سنهري باب لکڻ لڳندي آهي؛ ۽ اُهي مزاحمتي ڪردار، عظمت جي اوچائين تي نظر اچڻ لڳندا آهن.

جيتوڻيڪ اڄوڪا شاعر ناهيان جو "ستايل" سڪندر جي شاعريءَ جي بحر وزن جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهائي سگهان، پر هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ سندس خيالن جي گهرائي ۽ لفظن جي معنيٰ جي وسعت سبب، ڪيس نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي فهرست ۾ شروعاتي نمبرن ۾ رکي سگهجي ٿو. ممڪن آهي تمام گهڻ ڇيڇڻ ڪري "ستايل" سڪندر سنڌ وارن لاءِ نئون هجي، پر سندس خيالن جي اوچائي ۽ شاعريءَ جي ٽيڪنيڪ تي مڪمل گرفت، "ستايل" سڪندر کي اڄ جي نامر نهاد نامور شاعرن کان مختلف نہ، بلڪ تمام گهڻو مختلف ۽ الڳ ڪري ٿي. سڪندر جو هيءُ مجموعو، جنهن ۾ لفظن جي صورت ۾ پيار جا اُهي گل آهن، جن جي سرهاڻ تمام جلد سنڌ جي هر ڪنڊ ۾ ڦهلجي ويندي، ۽ ان کان سواءِ سنڌ جي مزاحمت واري شاعريءَ ۾ هڪ نئون ۽ موثر آواز پڻ شامل ٿي ويندو؛ ها، بلڪ هي اُها ئي منزل آهي جنهن جا خواب هر شاعر ڏسڻ لڳندو آهي.

ڪنهن دانشور ڪيڏي نہ خوبصورت ڳالهہ چئي آهي تہ پنهنجا لفظ تہ هرڪوئي ڳالهائيندو آهي، پر عظمت اُن ۾ آهي جو اوهان جا لفظ ٻين جون زبانون ڳالهائڻ لڳن.

– علي احمد نظاماڻي

ٽنڊو قيصر
8 سيپٽمبر 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر درد وندي ديس جي هڪ السنتي شاعر جو

اسان جي هن (ستايل) سڪندر جو نالو رومانوي معنيٰ رکي ٿو، پر تاريخ ۾ هڪ سڪندر اهڙو به ٿي گذريو آهي، جنهن هزارين سال اڳ مغرب ۽ مشرق کي ستائي ماريو هو. ليڪن اُها هزارين ورهيه اڳ جي دوُر جي ڳالهه هئي؛ هي اڄوڪي دور جي سڪندر جي ڳالهه آهي. مون کي اُهو اتفاق حاصل آهي ته آئون به سائس گڏ هن دوُر جون عقوبتون برداشت ڪري رهيو آهيان. اڄوڪو سڪندر هن دور جي عقوبتن کي پنهنجي خوبصورت شاعريءَ جي مالائن ۾ پروئي ان جي هڪ تاريخ رقم ڪري رهيو آهي. ان حوالي سان متس جيڪا ذميداري عائد ٿئي ٿي، سا هو چڱيءَ ريت انجام ڏيئي رهيو آهي؛ ان ڪري پڙهندڙن کي ڪتاب پڙهڻ کان پهرين اهو ذهن نشين ڪرڻ کپي ته هي سنڌ جو هڪڙو اهڙو شاعر آهي، جنهن ايئرڪنڊيشنڊ بنگلن يا روالونگ چيئر تي ويهي تصوراتي شاعري نه ڪئي آهي، پر هن سڀ ستم ذاتي طور ڀوڳي لکيا آهن. اُنهان ڪيس روبرو ڏسڻ سان به ان جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

اتفاق سان ”ستايل“ ان دور جي پيداوار آهي، جنهن ۾ سنڌ پنهنجن ۽ ڌارين جي بي رحم ڪرتوتن سبب ڀوڳي رهي آهي. ”ستايل“ اهڙي وقت جو شاعر آهي، جو جنهن ڌرتيءَ تي هو رهي پيو سان ناانصافيءَ جي تاريخي دوُر مان گذري رهي آهي. گذريل ڪن ڏهاڪن کان شهرن اندر لساني ويڙهه ۽ اندرون سنڌ لُٽ مار جو چيچ نامي کان وٺي هيستائين ڪوبه مثال نٿو ملي. ”ستايل“ جي شاعري انهن سمورن ضربن مان ڳاڙهسري ٿي نڪتل شاعري آهي. تنهن ڪري جتي اوهان کي معشوق جون ادائون ملنديون، اتي هن جي شاعريءَ ۾ هن دوُر جي اُها پيڙا به ملندي جنهن هن جو روح رهڙيو آهي، ۽ جيڪو عذاب هن پنهنجي اکين سان ڀَسيو ۽ وجود تي وَسايو آهي.

پڙهندڙن کي اهو هرگز وسارڻ نه گهرجي ته شاعري ۽ شاعر جي

زندگيءَ سندس تهذيب ۽ دؤر جي ترجمان هوندي اهي. سندس شاعريءَ ۾ جيڪڏهن توهان کي ڪٿي بہ ڪو عيبو لفظ يا سٽ نظر اچي تہ اٿين هرگز نہ سوچجو تہ اها شاعر ۾ ڪا خامي آهي. بلڪ هي اُها ڪيفيت آهي جيڪا تخليقڪار جي اندر پيدا ٿيل نفرت جو هڪ انداز ۽ اظهار آهي. بهترين شاعر هميشه سنجيده ۽ حساس رهيا آهن. وقت ۽ حالتن جي درد ناڪيءَ کي بيان تہ هر انسان ڪري ٿو، ليڪن پنهنجن پنهنجن لفظن ۾- لکندڙ ۽ عام ماڻهوءَ ۾ اهوئي فرق آهي جو قلم ڪار ان کي چيري ڦاڙي ان کي اهڙو سبق ٿو ٻڌائي، جو اهو سدا لاءِ مثال بڻجو وڃي. ستايل جو مثال شاهہ سائينءَ جي هن سٽ جيان آهي. ”ڇايس تان سور، سامايس تان سک ويا“. اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هر طرح جي قومي الميئن کي رقم ڪيو آهي. جتي چور ۽ پاٿاريدار ڪروڙن ۾ ڪيڏن ۽ معتبر ليکجن، خوني معاشري جا آئيڊيل بڻجي وڃن ۽ خود معاشري ۾ 90 فيصد نئون نسل حرام جي پيسي مان پليل هجي، ۽ جتي جا پنج وقت نمازي، حاجي ۽ زوار ڪوڙا قسم ۽ ڪلما پڙهي کڻن... تورن لفظن ۾ جتي رڳو گندهہ نوازيل هجن، اتي ستايل جي شاعريءَ ۾ ”ڪامان پچان پڄاران، لُڄان ۽ لوچيان“ ڪانسواءِ ٻيو ڇا ٿو ملي سگهي!

سنڌي سماج هن وقت هڪ طرف پنهنجي ئي اندر ۾ تعصب ۽ نفرت، هڪٻئي خلاف بي سبب منافقت ۽ ڪارو - ڪاري ۽ مڪاري، ڪارنهن، سڱاوتي ۽ ٻين جهالت وارين اجاين گهٽيہ رسمن کي زنده رکڻ لاءِ تينڌڙ قبائلي ويڙهہ واري انتهائي انڌوناڪ دؤر مان گذري رهيو آهي، تہ ٻئي طرف سنڌي قوم ايتري بي حس ٿي ويئي آهي جو ماءُ، پيءُ سنڌي هوندي بہ اولاد سان اوپري ٻولي ڳالهائين ٿا؛ سندن اولاد تہ سنڌي ڄائي ئي نٿو! انهن حالتن ۾ ستايل سڪندر جهڙو شاعر سنڌ جي ڪيفيت جي ڪهڙن رخن ۽ پهلوئن تي پنهنجي شاعريءَ جا پها رکي؟ اهو ڪنهن ننڍي تہ ڇا ليڪن وڏي شاعر لاءِ بہ شايد ئي ممڪن هجي. تنهن ڪري هن پنهنجي قلم جي نوڪ کي باز جي چنهب جيان تيڙو ڪري شاعري لکي آهي. سندس شاعريءَ جو اهو ئي ڪمال آهي، جو اُها ڪنهن بيمار کي ويڄ جيان ۽ ڪنهن رهزن کي آئيني جيان منهن ۾ لڳي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو هن ڪتاب ۾ شاعر بدعنوانن جا ٻُت ۽ نقاب کولي، سندن بکيا ادبيڙي ڇڏيا آهن. اهو سيني پڙهندڙن لاءِ هڪ نئون ۽ انوکو پاسو آهي، جو تہ هن کان پهرين شاعريءَ ۾ اهو سپ

ڪجهه يا تہ علامتي انداز ۾ لڪيل ويو اهي، يا وري ان کي پنهنجي نام نهاد پرم جي پاسداري خاطر ايترو اُجاگر نہ ڪيو ويو آهي. ليڪن هتي شاعر ان کي عام فهم لفظن ۾ واضح طرح بيباڪيءَ سان اُجاگر ڪيو آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي گمنام شاعر آهن، جن جي شاعري ڏاڍي ديده دليريءَ سان لکيل آهي؛ ليڪن افسوس جو ان کي اشاعت ذريعي منظر تي آڻڻ جو جگر ڪنهن بہ پبلشر وٽ ڪونهي. ستايل جي شاعريءَ ڇپجڻ جا پڻ اسان کي پري پري تائين ڪي آثار بہ نظر ڪونہ ٿي آيا. پر چوندا آهن تہ رب راضي تہ سڀ راضي، ۽ نيٺ رب پاڪ هن ستايل جي زخمن تي پها رکيا. ان ڏِس ۾ ڊاڪٽر منصور ملڪ ۽ "سليٽ" سٽ ڄَس لهڻي، جنهن هن نيڪ ڪم کي تڪميل تي رسايو.

ستايل جي زندگيءَ تي خاڪو لکڻ کان پهرين اهو سوچڻ ضروري آهي تہ ستايل ڪهڙي طبقي جو فرد آهي. بقول ڪنهن ڏاهي جي تہ طبقا فقط بہ هوندا آهن هڪ بکيو ۽ ٻيو سکيو. بدقسمتيءَ سان اسان جو طبقو پهريون آهي. بدعنوانيءَ جي هن دور ۾ انساني قدرن جي ڏاڍي بي رحماڻي طريقي سان پائمالي ٿي رهي آهي. سکيئي کي هاڻي بکيئي جو ذرو بہ احساس نہ رهيو آهي. هاڻوڪي تهذيب، شينهن، بگهڙ، گدڙ، لومڙ ۽ سوئر کي تہ هڪ ئي ٽَب ۾ پاڻي پياري ڇڏيو آهي، ليڪن ٻڪري ويچاريءَ لاءِ ڪو پٽڻ بہ پاڻي پيئڻ لاءِ محفوظ ڪونهي!

ڪتاب ڇپجڻ هر ڪنهن غريب ليکڪ جو وڏو خواب رهيو آهي. سنڌ جا ڪيترا ناميارا ليکڪ سموري زندگي لکندا رهيا، ليڪن حياتيءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ ۽ ميڻا جي آسن ۽ اُميدن جي خوابن ۾ حياتي پوري ڪري، هميشہ لاءِ رڻ ڄا راهي بڻجي، اَبد جي ننڊ سمهي رهيا؛ پر ان جي ابتڙ ستايل وڏو خوشنصيب آهي جو هو شعر و ادب جي تاريخ جي دنيا ۾ جيئري داخل ٿي رهيو آهي، جنهن جي هن سان گڏ اسان سيني کي خوشي آهي. هو پنهنجي شاعريءَ جي مالڪن کي ڪتابي صورت ۾ پَسندو، سا ڳالهہ اڳ سندس گمان ۾ بہ ڪانہ هئي. پر اهو سڀ ڪجهہ ستايل جي سچ، سهپ ۽ صبر جو ثمر آهي، جيڪو اڳتي بہ لازمن رنگ لائيندو.

– غلام رسول نظاماڻي

گلفام هائوس،
ٽنڊو قيصر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَهرا پَيا بدلجن، انسان ساڳيو آهي،
هر گل جي خوشبوءِ پنهنجي، گُلدان ساڳيو آهي.

اڄ پيو اُها عدالت، عادل نئو ڏسان مان!
قيدي پيا روز مَتجن، زندان ساڳيو آهي.

تلوار توب ائٽم، تحفظ تيا تہ ڪنهنجو؟
اڄ پيو تباهيءَ جو هي، سامان ساڳيو آهي!

تُنهنجا بہ سُور ساڳيا، مُنهنجا بہ سُور ساڳيا،
دردن جو سڀ جي دل ۾، ديوان ساڳيو آهي.

ايمان آهي مهمان، مهمانَ جي عزت ڪر!
ايندو ڪڏهن ڪڏهن آ، ايمان ساڳيو آهي.

ويچن جي وس ۾ هوندي، دارُون نہ ڪا دوا ٿي،
اڄ پيو غمن ۾ هرڪو، غلطان ساڳيو آهي.

هي حُسن جون هلائون - ۽ عشق جو تماشو،
سُورن سندو "ستايل"! سامان ساڳيو آهي.

❖

جِيوَن رُت جي رات انڌاري،
ڪنهن بہ نہ مُرڪي شمع ٻاري.

ڪيڏي خوشبوءِ روز هوا ۾،
گُل ٽڙيل ها ٽاريءَ ٽاري.

هولي آئي هولي ويئي،
ڪنهن جي گهر ۾ روز ڏياري.

موتي سارا لهر ڪٽي وئي،
باقي مُٺ ۾ خالي واري.

ڪيڏا جڳ ۾ چنڊ ڪڙيا پر!
رات اڃا ٻي ڪاري ڪاري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ماڻهوءَ سان ڪري چا حال پيو،
آدمي ڏس پوءِ بہ ميڙي مال پيو!

هر گهڙي ڪانٽو هميشه پيو ڦري،
ڏينهن سيني جا گهٽي گهڙيال پيو.

هي لُٽيرو اڄ بہ ساڳيو آ مگر،
پر لُٽڻ لئہ روز بدلي چال پيو.

ڳالهہ چوندي ئي زَبان رُڪجي ويس،
چا نہ لفظن ۾ وڌو هڪ خال پيو!

ڪيئن بڻايو ڏس جهان کي سنگتراش،
مورتيءَ تي جڻ مَڙهيو آ لال پيو!

تو لڳي دل ۾ اچا ڪجهہ ٻيو اٿس،
ڳالهہ چوندي ئي لڪائي ڳالهہ پيو.

وَهت کي ڪُهندو رهيو هو بيدڀو،
پل نہ هن کي ڪُجهہ خدا جو خيال پيو!

هِن حياتيءَ کان بہ وڌ ڪو ٻيو عذاب؟
هڪ ”ستايل“ تو پڇي هيءُ سوال پيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ انقلاب آهي،
غلامي بي حساب آهي.

گهٽا ڳيرا پيا ڦٽڪن،
وري آيو عُقاب آهي.

جي تنهنجو سوال سُوري آ،
تہ سِر منهنجو جواب آهي.

بغاوت گر گناهہ آهي،
ڇا خاموشي ثواب آهي؟

چوڻ جي پُهچ ڏاري مون،
زبان تي بي نقاب آهي.

قفس ۾ آ جيئڻ ڪهڙو؟
اگر آهي عذاب آهي.

نئين تاريخ نهٽي آ،
نئون تيو انتخاب آهي.

"ستايل" ساڀيا ٿيندو،
ڏٺو جيڪو تو خواب آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن انتظاري ڪڏهن بيقراري،
اسان زندگي بس ائين آ گذاري.

اميدن جا موتي ڪِري پيا هٿن مان،
بچيل آهہ باقي فقط مُٺ ۾ واري.

نہ ظالم سان سرچاءُ نہ ايري تي آڪڙ،
نہ غُربت کان نفرت نہ دولت سان ياري.

مُقدر جي وٽ کي وڏو واءُ ڏوڏي:
ٽُٽِي پئِي اِجهو جاڻ قسمت جي ٽاري.

اجا خواب پنهنجا فقط خواب آهن،
حقيقت جي آڏو اجا رات ڪاري.

اجا جاڳ ۾ ڪا وڏي جهاڳ آهي،
اجا وک اڳتي اجا پنڌ جاري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روئاڙي سگهين تو کِلائي تہ ڏس تون!
ٽُٽي دل آ ڪنهن جي مِلائي تہ ڏس تون!

چَڙهيي جو تہ سيکو سلامي پري ٿو،
ڪريل ڏي قدم ڪُجهہ وڌائي تہ ڏس تون!

ٻين جون برائيون ٻڌائين تہ وينو،
ڪڏهن پاڻ ڏي ٻي چِتائي تہ ڏس تون!

وڌائيندي جيڪر وڌي آگ ويندي،
ٻہ ٽي ٽُڙڪ هاري اُجهائي تہ ڏس تون!

نہ ڪنڊن جي بدلي ۾ ڪنڊا وڇائج!
گُلن ساڻ راهُون سجائي تہ ڏس تون!

رڳو نفرتن جون نديون پيو وهائين،
ڪو چاهت جو چشمو وهائي تہ ڏس تون!

زماني جو ڪوئي "ستايل" جي آهي،
گلي سان اُنهيءَ کي لڳائي تہ ڏس تون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيا ڏينهن ٽڏا رات ٿري مند وري آ،
ڪيڏي تہ حسين رات ستارن سان ڀري آ!

راهُن ۾ هُجي چنڊ ۽ ٻانهن ۾ هجين تون،
سؤلي تہ چوڻ آهہ مگر ڳالهہ ڳري آ.

آ ماڪ وٺي ٻاک ڦٽي صبح ٿئي پيو،
تنهنجي بہ اچڻ جي تہ وٺي ويل ٽري آ.

نفرت جي هوائن سان اُجهائي آ وٺي ڇو،
جڏهن بہ ڪٿي پيار جي ڪا جوت ٻري آ.

ڇا لاءِ خزائن ۾ ڇٽي قول وچن تا،
مَس مس تہ گلن ساڻ هي جهولي مون ڀري آ.

ڏس ڇيت منجهان سَرنهَن جي سُرهاڻ اچي پئي!
ڪيڏي تہ اُتر واءُ ڪئي جادو گري آ.

آڪاش مٿي آهہ وري ڪونج اُڏاٽي،
هن ويل ”ستايل“ جو پيو هانءُ ڏري آ.

جيڪا تو تڙ پائي آهي.
سا بہ تہ ڪنهن جي ڄائي آهي!

تو ڪان هُن خيرات گُهري پئي-
۽ تو اک ملائي آهي!

آخر ڪهڙي مجبوريءَ ڪان،
جهولي هُن ڦهلائي آهي!

نالو ڪاريءَ جو ڏئي تو هوءَ،
ڪُهاڙين سان چچلائي آهي!

هڪڙيءَ کي طلاق ڏئي تو،
ٻيءَ سان راند رچائي آهي!

اڄ بہ عُمَر جو ويس مَتي ڪنهن،
پنهنجي تڃ لڄائي آهي!

گُل تيڻ ڪان اڳ "ستايل"!
مُکڙي چو مُرجهائي آهي!

❖

سيئي سپنا سيئي سوچون، وري ويراڳ بڻجي ويون،
هيون آسان راهون پر، اسان لئہ جهاڳ بڻجي ويون.

اڪيلائيءَ جي منظر ۾، لڳي هر ياد توهر تي،
الا! هي چندڊ جون راتيون، اکين جي جاڳ بڻجي ويون.

نہ ڪو رهبر نہ ڪو رستو، هتي هرڪو اڪيلو آ،
اسان جي قوم جو واڳون، ائين ڇڙواڳ بڻجي ويون.

ڪٿي ڏِس وَر پيا ڪسجن، ڪٿي پاِئر ڪٽي پيٽيُون،
دکي هِن ديس جون ناريون ڏکيون ڏهاڳ بڻجي ويون.

نہ ڪِي سُر ۾ ڪڏهن آيون، نہ ئي ڪنهن ڳائڻي ڳايون،
اسان جا گيت ۽ وايون، ائين بي راڳ بڻجي ويون.

گهڙيون جيڪي گُهريون سين تي، گهڙيون سي گهاءَ تي آيون،
”ستايل“ ساعتون اڄ سي، اندر جي آڳ بڻجي ويون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا راهہ وٺي ٻي صُبح ويس، تنهن راهہ اندر ٿي شام وئي،
مون کي تہ ڏکن جي رات ڏٺي، ٿي شام بہ ڪنهن جي نام وئي.

هو چاندوڪيءَ جو روپ وٺي، آ جاڳي منهنجي نيڻن ۾،
پر چاهت جي تہ چڪور منجهان، اڄ ساڳي سا تہ اُڏام وئي.

پيا هلندي هلندي پير ٿڪي، پر منزل جو پيو ڪونہ پتو،
ڪٿ رسبو ڪائي ڪَل نہ آ، ٿي عُمر ائين گمنام وئي.

هو تيز اُڏارون جوين جون، جڻ ڪو تہ هوا جو جهُوٽو هو،
اڄ ياد جوانيءَ جي آئي، ڇلڪائي اکين مان جام وئي.

جو گذريءَ کي ٿو ياد ڪرين، موٽي نہ "ستايل" ايندس مان،
اڄ هِير وٺي جي آهہ وري، ڏٺي ماضيءَ جو پيغام وئي.

مؤت کان اڳ زندگيءَ جي ڳالهه ڪر!
پوءِ يلي تون بندگيءَ جي ڳالهه ڪر!

جو هليو ويو سو نہ موٽيو آ ڪڏهن،
يار! جيئري آدميءَ جي ڳالهه ڪر!

نانگ نفرت جو ڪڍي ڇڏ دل منجهان،
دوست بڻجي دوستيءَ جي ڳالهه ڪر!

هر طرف تُنهنجي اُجالا هِن هتي،
پر پري ڪِٿ روشنيءَ جي ڳالهه ڪر!

اُڃَ بُک ۾ جو پيو تڙپي سدا،
تون سين کان اڳ اُنهيءَ جي ڳالهه ڪر!

سُکَ وارن وٽ "ستايل" وڃ يلي،
پر ڪڏهن ڪنهن دلُ دکيءَ جي ڳالهه ڪر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤت جو راڪاس ۽ هي زندگي،
هر طرف هيراس ۽ هي زندگي!

مختصر هوندي بہ ڪيڏي آ وسيع،
آدميءَ جي آس ۽ هي زندگي!

ڪير ماڻهوءَ جي مٽائيندو پلا،
بک سان گڏ پياس- ۽ هي زندگي!

ڪيئن بچائي پاڻ ڪي سگهبو هتي،
وکَ وک تي ٽِياس ۽ هي زندگي!

هر گهڙي هاٿي اُڌاري تي لڳي،
وقت جو احساس ۽ هي زندگي!

هي ٻِجهن جو ماڳ سارو تو لڳي،
جي گهرن ٽيوُن ماس ۽ هي زندگي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙو آهي تهڙو ناهي!
ماڻهو تنهنجو جِيَون ڇاهي!

اُس جي گرمي جُهڙ جو سايو،
چند گهڙين جو جوين ڇاهي!

وهندڙ پاڻيءَ جيئن وهي تو،
چار ڏينهن جو ٻچپن ڇاهي!

ڳل تي ڳوڙها خواب اڌورا،
آخر پاتو اڪين ڇاهي!

مت، عقل ۽ سياڻپ ڇاجي،
جڳ کي سمجهو ڏاهن ڇاهي!

مون ڇيو جيڪي ڇيو ۽ ڇا ڇيو!
ڳالهہ منهنجيءَ ڪي نہ ڪو سَمجهي سگهيو!

روز داناءَ ڪئين ديوانا تي ڪري،
آهہ غربت ٻي وڏو هڪ الميو!

ڇا هُيس ۽ ڇا وري بڻجي ويس!
عڪس پنهنجو ئي ڏسي پٺي خوف ٿيو!

مان تہ چاهيندي نہ ڪجهہ ٻي چئي سگهيس،
وقت بي معنيٰ ائين ويندو رهيو.

روز چاندوڪيون اِئين وينديون رهيون،
پر نہ هڪڙي رات ڪو آيو ويو.

مون ڏٺو جيڪي ڏٺو بس خواب هو،
جڻ اکين ۾ خواب جو منظر هُيو!

هي "ستايل" پيٽ جو آهي مگر،
پر نہ مايا تي ڪڏهن آهي مَٽيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو سارا مري وڃن پل، ليڪن منهنجو مان ٿئي،
مون کي گاڏي بنگلو گهرجي، مُلڪ پلي ميدان ٿئي.

پيٽ ٻکيا هٿ ٻارن جا ڏس- ۽ ٻيو گهر جي پت پگهل،
هوڏانهن هُن جو محل ڏسي ٿو، هرڪو پيو حيران ٿئي.

هيڏانهن ڪاٿڻ لئہ ڪجهہ ڪونهي، هُتي قبر جي مرمت لئہ،
'پنجويهہ[1] لک منظور ڪياسون،' هو ڏس پيو اعلان ٿئي.

'اوهان جي پنهنجي آهہ حڪومت،' وزيراعليٰ روز چوي؛
روز هَلائون ڏاڙيلن جون، روز پيو احسان ٿئي!

جن کي پنهنجا ووٽ ڏناسين، ليڪن تن کان لاش مليا،
ملڪ سمورو مقتل بڻيو، قتل پيو انسان ٿئي.

ڪاٿين جا ويا پئسا ڪاٿي "ايس اِي" ۽ انجنيئر سيٺي،
پُوچڙ وارو پاڻيءَ جي لئہ، ڪيئن پيو پريشان ٿئي.

دوُر ڪَنان ڏس دانهون ڪيڏيون، روز لبن تي آنهُون ڪيڏيون،
آن وَيو سڀ ڪٽي وڏيرو، هاري پيو حيران ٿئي.

بوڏ[2] چڏيا هٿ راڱا لائي، سڀ "ستايل" گهر لُڙهيا،
هوڏانهن انڌيءَ نگريءَ ۾ ڏس، گاديءَ پٺي گلدان ٿئي.

❖

(1) ڀُٽي جي مزار لاءِ 25 لکن جون اعلان ڪيو ويو PPP حڪومت پاران.
(2) 92ع جي ٻوڏن دوران 14 آگسٽ تي سڄي اسلام آباد کي سينگاريو ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُليل هُيو در خالي خالي،
ڏٺم تہ اندر خالي خالي!

ڳولين چا پکوان اُتي پيو!
هيءُ جو مندر خالي خالي!

پنهنجي هٿ سان پاڻ تراشي،
پوڄين پٿر خالي خالي!

ماڻهوءَ پاڻيءَ لاءِ پياسا،
گهر جا نڪر خالي خالي!

واريءَ سنڌوءَ منجهہ اُڏاڻي،
ھيٺي ڪپَر خالي خالي!

سانوڻ ۾ بہ ڪونہ وٺا ڏس،
هي جي ڪڪر خالي خالي!

ساوڪ ۽ سرهاڻ هلي وئي،
سارا منظر خالي خالي!

بيماري ۽ بک وڪوڙيو،
آهن پيا گهر خالي خالي!

ڪيڏي آس ڪئي "ستايل"
موٽيو آخر خالي خالي!

الوداع چئي زندگيءَ جي شام کي،
هو نہ چاهيندي پڄو انجام کي!

ڪير هو، ڪيڏانهن ويو، آيو بہ ڇو؟
ڪنهن نہ سمجهو آ اچا ان مام کي!

زندگيءَ جاڪوڙ جو نالو اٿئي،
اي مسافر ڇڏ هتي آرام کي!

ڪنڌ ماضيءَ جي طرف موڙي نہ ڏس!
لاءِ گلي سان حال جي پيغام کي!

ڇا پيو ڳولين ٽلها شيشا اٿئي!
پي ڇڏيوسين زندگيءَ جي جام کي!

ويهين صديءَ جو هو وڏو شاعر 'اياز'،
پر پڙهي ناهي ڏٺو تو 'شيام' کي!

بس "ستايل" ٿي ڇون تا دوستو!
ڇا ڪندؤ منهنجي پلا ٻئي نام کي؟

باغ ۾ ڪويل نماڻي ٿي لڳي،
جڻ بهارن جي پڇاڻي ٿي لڳي.

ڪالهه جا آئي هتي ٽاندو ڪٽڻ،
اڄ ڏسو سا گهر ڌڄياڻي ٿي لڳي!

گهر اندر توڙي گهٽيءَ ۽ شهر ۾،
بي حفاظت هر نياڻي ٿي لڳي.

آ خزان ڪيڏو وڪوڙيو سال کي،
رُت گُلن جي پڻ پُراڻي ٿي لڳي!

وقت جوين جو، وهي ويو وهڪرو،
اڄ حقيقت پڻ ڪهاڻي ٿي لڳي!

درد وارن جو دوا دارون نہ ٿيو،
سنڌ سُورن منجهہ ساڻي ٿي لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان ڪان مٿاهين، ٻي چيز ناهي ڪائي،
هر هر مرڻ جيئڻ جي، آ راند ڪنهن رچائي؟

ڪيڏا حَسين چهرا، ڪيڏو حَسين جِيوَن،
آخر فنا ٿيڻ لئه، ڪنهن زندگي ٺاهي!

ڪکرن ۾ چنڊ جو هي، منظر ڏسڻ وٽان آ،
پل پر ۾ آ انڌيرو، پل پر ۾ روشنائي!

دنيا چون ٿا جنهن کي، حاصل نہ ڪُجھ ٿئي ٿو،
دولت جي رُڃ ۾ آ، انسان ٿيو ٿوائي!

ائٽم جي دؤر ۾ پيو، ٽڙبي امن جو ڳيرو،
جيڏانهن اک ڦِرائج، تيڏانهن آ تباهي!

ڌرتي بہ بار ايڏو، شايد ڪٿي سگهي نہ،
ڪيڏي تہ ڏس تباهي، آ زلزلي مچائي!

انسان جو تہ دشمن، انسان ئي بڻيو آ،
شيطان خوار خالي، انسان ڪئي وڏائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي گهڙي هرڪا هتان نڪري وڃي،
جا نہ چاهيندي بہ تي گُذري وڃي.

ڳالهہ توري يا گهٽي پر پاڻ ۾،
ڪنهن طريقي معاملو نبرِي وڃي.

بند پڃري ۾ پکي ڇو تو ڪرين؟
ڇڏ تہ پنهنجي جوڙ سان اُڏري وڃي.

پيار جي ٻوٽي بنا هر دل اندر،
نفرتن جو سنگ ڇو نسري وڃي.

او شڪاري! روڪ ٻحري باز کي،
ڏس چنبن ۾ ڪيئن ڪنيو تِتري وڃي!

خوف ڇو اڻ هوند جو ڪيڏو لڳي،
ننڊ ۾ ٻيي ڇِرڪ ڇو نڪري وڃي!

جو "ستايل" ڪان نہ هو وسري سگهيو،
وقت آيو سو بہ ڇو وسري وڃي!

آدمي ڪيڏو نہ ڏس آهي اَمُل،
پوءِ بہ هر هر پيو ٿئي اُن جو قتل!

ڪنهن نہ سمجهيو آ حقيقت کي اجا،
سڀ هلائين پيا هتي پنهنجو عقلَ!

جي وڪامن ڪونہ ٿا بازار ۾،
پيو اجا تن جو پڇائين پوءِ بہ مُل!

چاهتن جو چنڊ رک تون چِتّ ۾،
رات اوندھہ، راھہ ۾ ايڏو نہ رُل!

نفرتن جي بوءِ رهندي ڪيترو؟
ڪيترو ٽڙندا خزائن منجھہ گُل!

سنڌ ساري تي سِڪي سُرهاڻ لئہ،
ڪو هوائن جو "ستايل" ٿيو نہ هُل!

وڏي وڏي تي ڦٽ ويَو آ،
سُور ڏئي جا سَٽ ويو آ.

مون تہ جيئڻ لئہ جَتن ڪيا پر،
موت سُمهاري پَٽ وَيو آ!

ڪيڏا َگهرا داغ اندر ۾!
ڪير چِڏي هي ڪَٽ وَيو آ!

موڪيءَ جا مئخانا خالي،
ڪير اُجاڙي هَٽ وَيو آ!

وقت بہ ڪيڏا وار ڪيا ڏس!
آخر تي سڀ چَٽ وَيو آ!

❖

جِيوَن جيل ۾ ٽاٽو آهي،
قيدي هرڪو ماٺو آهي.

پنهنجي گهر ۾ خوف وچان ڏس!
هرڪو هِت آياٽو آهي.

هاڻ ته هر ڪنهن ماڻهوءَ جو هِت،
تي پيو درد پراٽو آهي.

سيري جو ته سلامي سيڪو،
ايرو عيبن - هاٽو آهي!

ڏُيري ڪي تو ڏيهه ڏڪاري،
رت چون تا راٽو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جو سورج لهي ويو شام بدلِي رات ۾،
سڀ سهارا ويا ڇڏي اونداهہ ۽ ايڪانت ۾.

ڪو سُجهي ٿي ٿو نہ رستو جو ڪٽي پل پر جيان،
مان اڪيلو منهنجو جِيوَن جڻ تہ واڳوءَ وات ۾.

ڪنهن وساريل ياد جئن اڄ ياد آيو ڪو وري-
۽ ٿيو ميلاپ جنهن سان هو پري برسات ۾.

ساز ۾ آواز ۾ يا گيت ۾ گفتار ۾،
سو مزو ناهي اڳوڻو بزم جي هر بات ۾.

وقت جا طوفان جاڳيا ڪا اُجهامي لاٽ وئي،
هاڻ صبح کي سڏي ٿو لوڪ پنهنجي لاٽ ۾.

وستي وستي خوف خطرا ويا وڌي هن دوستو!
ڪو هتي محفوظ ناهي ماڳ ۾ محلات ۾.

ڇو اڃا سُنسان راهن ۾ ڏيئا ٻارين پيو؟
ڇؤ "ستايل" ڪير ايندو رات جي هِن سانت ۾؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِيوَن ڪاري رات مثل،
هيسيل ڪنهن جذبات مثل.

اڪثريون پيون ٿيون روز وَسن،
سانوڻ جي برسات مثل.

آيري ڪي ڳڙڪائي ٿي،
دنيا واڳوءَ وات مثل.

ماڻهو ٿا خاموش لڳن،
اونداهيءَ ۾ سانت مثل.

پٽر دل جو پيار الا!
موذيءَ جي خيرات مثل.

اڪثر ائين گذاريون پيا،
”ستايل“ سَڪَرات مثل!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات آ خاموش ڪيڏي! چنڊ تارا ماٺ ۾ هِن،
بيقراريءَ جو آ عالم: لوڪ وارا ماٺ ۾ هِن.

ناهه ڪا ترِترِ تِڏن جي ۽ نہ ڪو آواز ٻيو آ،
ٻول ٻاٻيهو نہ ٻولي، جيت سارا ماٺ ۾ هِن.

نيٺ ڪهڙي خوف ڪان هي ڏيهہ سارو ويو ڏڪي هِت،
جُنگ ڏرتيءَ جا ڏٺي اڄ سڀ ويچارا ماٺ ۾ هِن.

موڪلائي چو وڃن پيا هو مهاڻا ۽ ملاح سڀ،
شور سنڌوءَ ۾ نہ سُڻجي اڄ ڪنارا ماٺ ۾ هِن.

ڇا وڪامي ويا سيئي هِن، يا ڊڄي ويا ڊپ ڪان هو،
سنڌ پاڻيءَ لئہ سڪي پئي، سنڌ وارا ماٺ ۾ هِن!

رات ڪان هي رنگ سارا، ڪير چورائي ڪٿي ويو،
ڪوڪ ڪويل جي نہ ٻڌجي، سڀ نظارا ماٺ ۾ هِن.

ماٺ ۾ هن، ماٺ ۾ هِن، ڇو ڀلا سڀ ماٺ ۾ هِن؟
سڀ وسيلا ويا "ستايل"! پوءِ بہ ڇارا ماٺ ۾ هِن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُليل هو چنڊ جو چهرو، ستارن مُسڪرايو پئي،
چِٽي هئي رات چانڊوڪيءَ، هوائن گُل نچايو پئي.

ائين ٻاتين ئي ٻاتين ۾، سموري رات گُذري وئي،
اڃا ٻانيم تہ ترسي ها، جڏهن هُن موڪلايو پئي.

هزارين سُر سمايل ها، سندس آواز جي ڏُن ۾،
جڏهن ڪنهن شام جو ڪويل، پري ڪان گيت ڳايو پئي.

هي جِيوَن سچُ جِيَون آ، يا ڪوئي خواب جو منظر!
جڏهن مون ڪُجهہ ڀُلايو پئي، تڏهن ڪُجهہ ياد آيو پئي.

”ستايل“ وقت جوڀن جو، وهي سڀ وهڪري جئن ويو،
هليون ويون مؤج مستيون سي، ڪنارن ڪُجهہ ٻڏايو پئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪو چنڊ چاهت جو، وري تي چاندنيءَ گهرجي،
تڪائي آ چڙيو اُوندهه، وري نئين روشنيءَ گهرجي.

وري ميلا ٿين موتي، وري ساونڻ وسي پيهر،
وري هن سنڌ ساريءَ کي تي ساوڪ ساوڻيءَ گهرجي.

نہ جنهن ۾ ڊپ جهنم جو، نہ جنت جي خواهش ڪا،
هتي انسان کي پيهر، اُها ئي بندگيءَ گهرجي.

وڏائي تي نهي اُن کي، جو ماري ٿو، جياري ٿو،
هي مٽيءَ جو نهيل ماڻهو، سدائين سادگيءَ گهرجي.

وري نئين سر حياتيءَ کي جنم ڏي شل اچي ڪوئي،
اُهو ئي ديوتا گهرجي، اُهو ئي آدميءَ گهرجي.

هزارين نفرتون جنهن ۾، لکين محروميون ڏسجن،
نہ سو جِيَون هتي گهرجي، نہ اهڙي زندگيءَ گهرجي.

وري هن قيد ۾ آخر، هتي ڪيسين پيا رهبو،
جيئڻ جي لاءِ سڀ کي تي، وري آزادگيءَ گهرجي.

وري لفظن جي تيرن سان، وڏا ڏونگر وجهي ڏاري،
”ستايل“ قوم کي هاڻي، اُها ئي شاعريءَ گهرجي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامونڊي طوفان

(نظم نما غزل)

لاشن جي متان لاش لٽي لهر هلي وئي،
گهر مال ٻچا ٻار ڪٽي بحر هلي وئي.

هر شام غريبن پٺي خوشيءَ ساڻ گذاري،
هي شام ڪري تن سان وڏو قهر هلي وئي.

ڪو ورَ نہ وسيلو نہ ڪي واهر آ بچيو ڪو،
سيني کي ڏيئي موت سندي گهر هلي وئي.

خالي تہ ڏسي ٻيٽ ۾ سنڌوءَ جا ڪنارا،
مهراڻ جي رڳ رڳ ۾ ڀري زهر هلي وئي.

هي وير چڙهي سِير سچو سمنڊ لتاڙي،
سنڌڙيءَ جا اُجاڙي تہ سوين شهر هلي وئي.

اولاد هي آدم جو ڪفن ري پيو دفن ٿي،
انسان جي عظمت کي ٿڏي لهر هلي وئي.

ڪو داد نہ فرياد نہ ڪي دانهن ٻُڌي ڪنهن،
پويان تہ مُصيبت جا ڇڏي پهَر هلي وئي.

آ ماٺ ۾ آڪاش ۽ خاموش زمين آ،
هر ڪائي صدا عرش ڪَنان ڀهر هلي وئي.

هي باک "ستايل" آ ڦُٽي جهڙي ڦُٽي ناهہ،
هن قوم کي سورن جي ڏيئي سحر هلي وئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيا ڄاڻ جيئڻ لئہ ڪڙا طوفان هزارين،
ڌرتيءَ تي نوان ظُلم جا زندان هزارين.

انسان ۾ انسان جي عظمت نہ رهي آ،
انسان آهہ ڪو ڪو، حيوان هزارين.

هٿ پيٽ ٻڪيا ڪيترا پاٽي نہ پسن ٿا،
مانيءَ ڳپي لئہ هتي حيران هزارين.

هر آس آ نراس ۽ اميد اڌوري،
۽ دلين ۾ ڏٻجي ويا، ارمان هزارين.

ريتن جو نهيل ڄار ۽، رسمن جو پيل طوق،
آهن تہ عمر قيد ۾ انسان هزارين.

هاڻي تہ اُها رُوح ۾ راحت نہ رهي آ،
غربت جا لڳن سيني ۾ ٿا ڪانَ هزارين.

اڄ تائين "ستايل" جا گهٽائي نہ سگهيو ڪو،
دل ۾ تہ اڃا درد جا ديوان هزارين.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلو اڪيلو سفر زندگيءَ جو،
ڇيو بي اثر آ اثر زندگيءَ جو!

وري اُبري رحمت جا بادل وسو اڄ،
پُڪاري پيو ويران تر زندگيءَ جو!

نہ امرت جي ڏارا نہ الفت جو زم زم،
پيون پيا تا هر دم زهر زندگيءَ جو!

نہ راهي نہ رستو نہ ڪي ماڳ منزل،
نہ ڪوئي ٽڪاڻو نہ گهر زندگيءَ جو!

بهارن ڪي باهَيون لڳائي ڇڏيون تو،
جلائي ڇڏيو تو ثمر زندگيءَ جو!

ولوڙي ولوڙي ڇِيو ڪونہ حاصل،
وهيو خوامخواهہ هي پگهر زندگيءَ جو!

وڃائي هٿن مان پريںءَ وقت پنهنجو،
پڇين پيو تو هاٿي حشر زندگيءَ جو!

چڱو هو "ستايل" تڏهن تو چيو تي،
جڏهن ڇيو جنازو گذر زندگيءَ جو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي وڻ جو ٻچو آ ناڻُ،
هاٿي کهڙي اُس ۾ ڇاڻُ!

گهر جو گهر ۾ گسي اڄ،
نيٺ پراٺو ٿي پيو ٿاڻُ!

واهيرن تان وَهيا اُڏاڻا،
ڪُٺڪَنِ وينا ڪارا ڪانءَ!

رَڃ رکي ڇڏ ٻيڙيءَ وارا!
سنڌوءَ ساڳيو هاڻ نہ پاڻِءِ!

ڏاڍايون ڏهڪاءَ ڏسي،
هرڪو هاريَ وينو هانءَ.

قوم سُتل کي جاڳائي جو،
گيت وري ڪو اهڙو ڳاڻِءِ!

آهہ "ستايل" کهڙي ڪم جو،
ڏات ٻنان هي خالي ڏاڻُ.

❖

سوچي ڏس ھي ساگر ڇاھي؟
آخر ھِن جي اندر ڇاھي؟

لھر مٿان ھي لھر چڙھي آ،
اَنت اُنھيءَ جو آ، پر ڇاھي؟

ساڳي مٽيءَ منجھ بڻايل،
مسجد ڇاھي، مندر ڇاھي؟

پيٽ بکيو ڇا ڄاڻي ماڻھو،
ڌرتي ڇاھي، انبر ڇاھي؟

ظاھر چنڊ ستارا آھن،
رات سَندو ھي منظر ڇاھي؟

ساز منجھان آواز اچي ٿو،
ٿاھيو سو ڪاريگر ڇاھي؟

سوين ”ستايل“ ھتان ھليا ويا،
ھڪڙو ھيءُ ”سڪندر“ ڇاھي؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي آ پرين تر جي واريءَ جيان،
ولولو واءَ ۾ روز تاريءَ جيان.

خواب منهنجا ستارن جيان ٽا لڳن،
ڏينهن جِيَون سندا رات ڪاريءَ جيان.

مان تتر چار ۾ پيار جي آڙ ۾،
جڳ ماري بٽيو آ شڪاريءَ جيان.

سُونهن کي تو سدا عشق سجدا ڪري،
ديوتا تون پرين، مان پوڄاريءَ جيان.

آ "ستايل" وري ساھ وينو سڏي،
زندگي بي بقا تُنهنجي ياريءَ جيان.

❖

الوداع الوداع زندگي زندگي!
بيوفا بيوفا هر خوشي هر خوشي!

موت تائين ڏسو درد مون سان رهيا،
دنگ تي وئي اها دوستي دوستي!

راز هن جي ستم جو لبن تي هُيو،
پر نہ چئي ها سگهيا بيوسي بيوسي!

سِير سُهڻي ڏسي ڪانہ پُنتي هٽي،
انتها تي وئي عاشقي عاشقي!

ڪونہ سمجهي سگهيو، ڳالهہ ان کي اچا،
قول موسم بنا چو چٽي ويا چٽي!

هن انڌيري اندر ڪيسين رهندِي يلا،
چنڊ توکان سوا چاندني چاندني!

اي تون بادِ صبا! چئُ پرينءَ کي وڃين:
آ ”ستايل“ هتي بس گهڙي ڪا گهڙي!

❖

چاهتون چوري اچين ها،
پيار جي توري اچين ها.

پنڌ جي ايڏو پري هو،
تون بہ ڪجھہ ڏوري اچين ها.

ساھہ سپ ڪان آھِہ ويجهو،
تون اجا اوري اَچين ها.

ڇا لڄايو ڪاڪ کي تو،
ڪنڌ کي ڪوري اچين ها.

ڇا ڪڙي ديوار نفرت،
سا ڀڃي ڀوري اچين ها.

آ محبت آزمائش،
گھر سڄو گھوري اچين ها.

راھہ الفت ۾ "ستايل"!
جيءَ کي جھوري اچين ها.

نِوڙي جهيٽو ٻول هتي!
پَنهنجو اندر ڪول هتي!

دنيا دوکو آهي سائين!
روح نہ پنهنجو رول هتي!

سڀ ڪي جيڏو سمجهہ سياڻا،
جهل نہ ڪنهن وٽ جهول هتي!

ويل هٿن مان متان وڃائين،
وقت اٿئي انمول هتي!

سرُهو تي رابيل جيان،
گندو آ ماحول هتي!

محنت ڪر ۽ گهُر خدا کان،
هٿ ڪري ڪشڪول هتي!

يار "ستايل" پري نہ ڪونهي،
پاڻ منجهان ئي ڳول هتي!

❖

جِيوَن آهي جاريءَ ۾،
گهر جي چؤديواريءَ ۾!

ماڻهوءَ جا ارمان هتي،
گهر تهيل جڻ واريءَ ۾!

واءُ لڳو پيا پَٽ ِ چِٽي،
آڪيرا جي ٽاريءَ ۾!

ڏک هٽين تہ بہ سامهون هڻ،
مار نہ ڪنهن کي ياريءَ ۾!

ڪيڏا پيا حالات ڦِرن،
هو ڏس دنيا ساريءَ ۾!

وري نئون ڪو ديپ جلاءِ!
اُوندهہ اندو ڪاريءَ ۾.

پند "ستايل" اٿئي پري،
تون نہ اجا ڪنهن تياريءَ ۾!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڪِيئن مُنهنجي ياڳ ۾ آئين؟،
ڇڪجي واپس واڳ ۾ آئين؟.

رات جي سپنن ۾ ڇا پر تون،
صبح جي روشن جاڳ ۾ آئين؟.

پِيڙائون ۽ پُور لهي ويا،
تون جي هن ويراڳ ۾ آئين؟.

شاعر جي ڪنهن گيت جيان تون،
روز سُريلي راڳ ۾ آئين؟.

اڄ اکين جي اُڃ لهي وئي،
تون جي موتي ماڳ ۾ آئين؟.

ڳولي ڳولي تڪجي پيس مان،
ڪيئن تون ايڏي جهاڳ ۾ آئين؟.

سڀ "ستايل" سور لهي ويا،
تون جي ڏک ڏهاڳ ۾ آئين؟.

حاصل نہ ٿيو پوءِ بہ طلبگار ملن ٿا،
بازار ۾ هر شيءِ جا خريدار ملن ٿا.

ڪو خون خريدي تہ ڪو عزت پيو خريدي،
هن قلم ۾ هر قسم جا ڪردار ملن ٿا.

رهبر جو وٺي روپ جِنين رهبري ڪئي،
گهر چور دغا باز ڪئين غدار مِلن ٿا.

ڪيڏي نہ تباهيءَ تي وڃي قوم پُڳي آ!
اهڙا تہ سوين روز هِت آثار ملن ٿا!

پوٺن لئہ ڪري ڪو تہ اجا گڏ پيو خزانو،
ڪنهن کي تہ ڪٿا پيٽ لئہ لاچار ملن ٿا.

ايڏو تہ بي خبر ٿي ائين گُهم نہ باغ ۾،
هر گُل جي وٽي آڙ سوين خار ملن ٿا.

مُشڪل ۾ ”ستايل!“ جي هلي توڙ نيائن،
اهڙا تہ اجا ڪونہ ڪٿي يار ملن ٿا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ رهين جت به تون انسان سڏائين،
پيغام اهو شال سين کي تون پُڄائين.

ڌرتي ته خدا توکي امن لاءِ ڏني آ،
پر تون ته پيو جنگ جو ميدان بنائين.

پاڻي ته پِتا سڀ جو مِٽي آهِه ماءُ جيئن،
هر ديس اندر وَصل جا درياءَ وهائين.

مذهب ته سيئي واٽ هتي حق جي ڏسن ٿا،
پر تون ته پِيو تن کي فِرقن ۾ ورهائين.

پوپٽ جي پرن کان به نرم خواب اسان جا،
راهن ۾ پيو ڄار تون ڪنڊن جو وڇائين.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديليءَ جو نانءُ حياتي،
يا ڪو هيسيل هانءُ حياتي.

ڏک لڳڻ سان پور تيو پئي،
جڻ تہ نڪر جو ٿانءُ حياتي.

ڪنهن جي ڪويل جهڙي ڪُو ڪُو،
ڪنهن جي ڪارو ڪانءُ حياتي.

ڪوتہ اجا پيو اُس ۾ ٿهڪي،
ڪنهنجي ڇپر ڇانءُ حياتي.

سور بہ جنهن ۾ ٻہ پور بہ جنهن ۾،
کهڙو کهڙو نانءُ حياتي.

برف هٿن ۾ جيئن ڳري ٿي،
تون بہ ائين ٿي يانءُ حياتي.

ڪنهن آ پاتي ذات ازل ڪان،
ڪا تہ "ستايل" ڏانءُ حياتي.

گل چهڻ جي اجا آس ڪيڏي اٿن،
روز مُڪرين متي پوئنر پيرا ڏين.

موج مَهراڻ ۾ سنڌ سُرهاڻ ۾،
پوک پچندي رهي روز ميلا مچن.

جو نہ ملجي وري هيل برسات ۾،
سُونهن ساوڻ جتي روز بوندون وسن.

ڏينهن توسان ڪٽيل ياد بڻجي ويا،
دل گهري ٿي وري شال موٽي اچن.

ڪي تہ شاعر چون ڪي چريو ٿا چون،
عشق ۾ تہ سوين نانءَ مون کي ملن.

زندگيءَ جا مزا توڙڙا ٿي سهي،
پوءِ بہ ڪيڏا پيا خوبصورت لڳن.

اڄ ”ستايل“ وري ڪيئن وساري ڇڏيئي؟
روشنيءَ جو شهر چاهتن جو چمن!

هتي يار سڀ کي خدا تو جياري،
ڪو ڪنهنجي سهاري، ڪو ڪنهنجي سهاري.

اُهو ئي تو رحمت جا درياءَ وهائي،
اهو ئي پياسن کي پاڻي پياري.

مٽيءَ جو هيءُ ماڻهو، وڏائي آ ڪيڏي!
اصل ۾ حقيقت کي وينو وساري.

هو پنهنجو بہ هوندي، نہ پنهنجو ڪري ٿو،
پيو غربت جي نالي پري ڪان ڌڪاري.

نہ ڪي پيٽ سُني نہ شيعو ڏسي ٿو،
هِتي بُکَ سڀ جا ڌرم تي ڏُٺاري.

هي مَنبر تي مُلون پري پيٽ پنهنجو،
وري ڊپ جهنم جا ڏئي تو ڊڄاري.

لُڇي تو پُڇي تو نہ ڪنهن سان ڪُڇي تو،
"ستايل" پيو سر تي رضا رب جي پاري.

❖

وحشتن جو دؤر آ،
آدمي ڪمزور آ.

هو سڏائي ساد پيو،
پر اصل ۾ چور آ.

ڪيئن چوين انسان تو،
هي تہ آدم خور آ.

سُونهن تارين ۾ اَتس،
پر اندر ۾ پور آ.

حالتن مجبور ڪيو،
هر ڳليءَ ۾ شور آ.

ڏپ ڪيڏو ڏيل کي،
ماڻ ۾ اڄ مور آ.

شاعرن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو،
ها چرين جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

چند لفظن مان بڻائن آئينو،
تون اُنهن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

ڪجهہ پکوڙا، ساڻ مانيءَ جو ڳيو،
ڇو بُکين جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

هو جمهوريت جو ٻُڌائن راڳ پيا،
مسخرن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

تا آمن جي لاءِ واجهائن هتي،
تون پکين جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

هو تہ ڪاڻڻ لئہ وري وينا اٿئي،
ڇا نِگن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

شور ڪيڏو آ هوائن ۾ تہ ڏس!
تون پڻن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو.

ساهہ ڪان يي وڌ "ستايل" سنڌ آ،
ڇو وطن جي ڳالهہ کي سمجهين نٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جي مانگر مڇن ڀيلي ڇڏيو،
سنڌ کي آ رهزنن ڀيلي ڇڏيو.

هت غريبن جي سدائين آڙ ۾،
ملڪ سارو آ ٺڳن ڀيلي ڇڏيو.

هاڻ مذهب جو وڃي نالو بچيو،
بس انهيءَ کي آ مُلن ڀيلي ڇڏيو.

زندگي ڪيڏي تہ پياري آ مگر،
موت جي سوداگرن ڀيلي ڇڏيو.

تون تہ سنڌوءَ جي ڪرين پيو ڳالھ پر،
جو هِتان جي ڪافرن ڀيلي ڇڏيو.

خوف پنهنجو پاڻ کان پيو تو لڳئي،
ڪنهن پلا تنهنجو حُسن ڀيلي ڇڏيو.

بي منداٽيون هوائون پيون لڳن،
جن اچي سارو چمن ڀيلي ڇڏيو.

اڄ بہ اونداھ جو هتي موقعو ڏِسي،
وقت جي ڪوڙن سِڪن ڀيلي ڇڏيو.

هي "ستايل" ڪو نَہ ساڳيو آ رهيو،
نيٺ دنيا جي غمن ڀيلي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن تہ اجا بند پيا خواب اکين ۾،
هر وقت حقيقت جي لئہ بيتاب اکين ۾.

ڪيڏا تہ غريبن جي متان ڪِيس تين پيا،
ڏسجن تہ پيا روز نوان باب اکين ۾.

سمجهي نہ سگهيو ڪوبہ اجا راز اکين جو،
ميلا بہ اکين منجهہ وڇوڙا بہ اکين ۾.

هُن جون تہ اکيون جڻ تہ ڪي ساوڻ جون گهٽائون،
چا خوب اتس سونهن جا سيلاب اکين ۾.

ڪيڏو بہ لڪائين تون لڪي ڪونہ سي سگهندا،
سؤ سوال اکين منجهہ ۽ جواب اکين ۾.

پنهنجو تہ عَمَل خود ئي اکيون پاڻ ڏسن پيون،
ڪئين ڏوهہ اکين منجهہ ۽ ثواب اکين ۾.

هن ديس کي هو دل جي اکين سان نہ ڏسي ٿو،
ڪيڏا تہ نفرتن جا تَسِ عُقاب اکين ۾.

موسم جي بنا روز هي برسات وسي پئي،
ويو ڪير "ستايل" کي ڏئي آب اکين ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ مان ڪونہ لاتيون سين سکُون،
دل چوي ٿي ڪُجهہ اجا تورو ٽِڪُون.

هو تہ هوڏانهن مان تہ هيڏانهن پيو ڇِڪان،
ساهہ ساٿون ٿي پيو سهندي ڇِڪون.

هر طرف کان تو وري آڏو اچي،
موت کان آخر پلا ڪيڏانهن لِڪون؟

پنڌ مشڪل آ پريَنءَ جي پار جو،
چؤطرف آهن رڳو چارا ڇِڪون!

من ڪٿي منزل ملي پئي دوستو!
بس اجا پيا راهہ ۾ ڊوڙون ڊُڪون.

سُور جي توکي مِلن سر تي وساءِ!
ڊور وانگي جو ڪرين وينو ڊِڪون؟

مان تہ پياسو ئي هتي رهجي ويس،
تو نہ پياريون پيار پنهنجي جون پِڪون.

حال کهڙا تو "ستايل" جا پُڇين؟
بس مڙئي پيا وقت کي اڳتي ڌِڪون!

قانون جي قفس ۾ انسان لُڇي ٿو،
ڌرتيءَ تي بنايل هي مهمان لڇي ٿو.

هت ٿوڪي رسم ريت رواداري هتي ڇو،
آزاد رهڻ لئہ هتي اعلان لُڇي ٿو.

هو ڏوهہ ڪري پوءِ بہ ڇڏيو ڇوٽ ويو ڇو،
هُن جي تہ ڏسڻ لاءِ هِت زندان لڇي ٿو.

هن ڪان تہ مليون موٽ ۾ ڇو توکي مدايون،
هُن تي هو ڪيو تو جو سو احسان لُڇي ٿو.

اميد جي آڌار گذاري پيو حياتي،
پورو نہ هِن جو هڪ بہ ٿيو ارمان، لڇي ٿو.

پورهيي تہ منجهان پيٽ جي پوري نہ ٿئي ٿي،
اڻ هوند ۾ مزدور جو ايمان لڇي ٿو.

هي ڏات ”ستايل“ ڪي ملي آهہ اُنهيءَ ڪان،
جنهن جي تہ ثنا لاءِ سو، حيران لڇي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ڪاري ڏسي ڏات روئي ڏنو،
تانگهہ تن ۾ رهي تات روئي ڏنو.

اڄ بہ آڪاش تي، ڏنڌ چانيل رهي،
چنڊ ڇا لئہ رُنو رات روئي ڏنو.

شام خاموش ۽ جڳ ٻُسائيل هُيو،
ڪُوڪ ڪويل ڪئي لات روئي ڏنو.

وقت ويرُن جيان آ وڪوڙي ويو،
حال منهنجو ڏسي سانت روئي ڏنو.

مون چوڻ تي ڳُهريو هُن ڏڪاري ڇڏيو،
راز دل ۾ رهيو بات روئي ڏنو.

اڄ ”ستايل“ وري ڪِيس ڪيڏو ٿيو،
سر اڏيءَ تي ڏسي ڪات روئي ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت تي، حالات تي، سوچي پَيو،
آدمي هر بات تي سوچي پَيو.

راهہ مان سڀ روشنيون وينديون ڏسي،
هن انڌيري رات تي سوچي پَيو.

ڇا ڪٿي پيغام آيو آ پکي،
هو سندس هر لات تي سوچي پيو.

ڪاش! سانوڻ جي وسي ها وقت تي!
بي مندي برسات تي سوچي پَيو.

خون ڪنهن جو بيگناهہ وهندو ڏسي،
ڪو اڏيءَ ۽ ڪات تي سوچي پَيو.

پاڻ کي ئي جو نہ سمجهي آ سگهيو،
سو خدا جي ذات تي سوچي پَيو!

هي جي ورثي ۾ "ستايل" کي مليا،
سُور تنهن سَڪرات تي سوچي پَيو.

ڪهاڻي ٻُڌي سون، ڪهاڻي ڏني سون،
شمع زندگيءَ جي اُجهاڻي ڏني سون.

ڪڏهن رنگ جوين جي مستي ڏني سون،
ڪڏهن زندگيءَ جي پُڄاڻي ڏني سون.

ڪڏهن مؤج ساحل سان وهندي ڏني سون،
ڪڏهن منجهه واري اڏاڻي ڏني سون.

سچائيءَ کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو آ،
اها ريت جڳ جي پراڻي ڏني سون.

ڪتي راند تي پي پيا لک لُٽجن،
ڪتي هٿ جهليندي نياڻي ڏني سون.

پيو تَرس ڪيڏو، هليو وس نه ڪوئي،
ڪتي اک ڪنهن جي نماڻي ڏني سون.

هي سودو ٻه ڪيڏو نه سستو هيو ڏس!
بنا اگهه ناري اگهاڻي ڏني سون.

"ستايل" چيا ڪولي گريبان پنهنجو،
هتي ڪنهن جي عزت وڪاڻي ڏني سون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي خوديءَ ۾ دل لڳي پلجي وئي،
مون ڪَنان منهنجي خوشي پلجي وئي.

چوٽ جِيوَن کي وري اهڙي لڳي،
چاهتن جي ڳالهه ئي پلجي وئي.

زندگي ٿي وئي مسئلن جو شڪار،
واٽ ويندي جڻ گهٽي پلجي وئي.

ياد آيون پيار جون پهريون گهڙيون،
بي سموري زندگي پُلجي وئي.

اڳ آندن جي اُجهائڻ واسطي،
مذهبن جي پابندي پلجي وئي.

آزمائش جون گهڙيون آيون جڏهن،
بزرگن کان بندگي پلجي وئي.

مَهل اوکيءَ ۾ "ستاياِ" اڄ وري،
دوستن کان دوستي پلجي وئي.

هر گهڙي انسان لئہ اعلان آ،
زندگي يا جنگ جو ميدان آ.

چند تي پهتو تہ ڇا ٿيو آدمي،
پيٽ خاطر اڄ بہ سو حيران آ.

بک بُڇڙو ٿول آهي تا ڇون،
اَن سڀ ڪنهن جو هتي ايمان آ.

بار جي معصوم ڇهري کي ڏسي،
ٿي خُدا جِي روبرو پهچان آ.

اڄَ تائين روزِ اول کان وٺي،
هر "ستايل" پيٽ جو انسان آ.

❖

چاهتن جو ٿل ملي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!
همسفر ڪوئي هجي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

منهنجي اکڙين جو پرين هت، ۽ اندر جو ڪاش هُو-
راز جي سمجهي وجي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

خواب منهنجا خواب ٿي بس، خواب ٿي رهجي ويا،
پر حقيقت جي ٿئي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

هت نہ ڪا حسرت پُني ۽ هُت جنت ڪي ڇا ڪبو،
هُوَ جي دنيا ۾ ملي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

آهَہ مجنون جي چون ٿا، عرش تي آهي پڳي،
ڪاش جي ليلا ٻڌي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

ماءُ جي جهوليءَ کان اڳ ۾، ۽ سَندس لوليءَ کان اڳ،
موت جي پهرين اچي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

اڄ تہ ڪيڏو شرمندو آهين ”ستايل“ جي اڳيان،
وقت کان اڳ سڀ ٿئي ها، پوءِ تہ ڪيڏو هو چڱو!

❖

زندگيءَ کي زندگيءَ جي آ تلاش،
خوبصورت آدميءَ جي آ تلاش.

زندگي جڻ کو اُجايل آ پکي،
رُڃ ۾ جنهن کي ڦڙيءَ جي آ تلاش.

جو ڪتابن مان نہ ٿيو حاصل هتي،
آسمانن ۾ اُنهيءَ جي آ تلاش.

لفظ ڀٽڪن پيا، ڪٿي آهي اياز؟
اڄ بہ جذبن کي ڪويءَ جي آ تلاش.

سچّ کي ثابت ڪرڻ جي لئہ سدا،
رات کي ٻي روشنيءَ جي آ تلاش.

جيئن چوليون ٿيون ڪنارن کي ڇُهن،
تيئن چپن کي پڻ چُميءَ جي آ تلاش.

واهہ "ستايل" تون ڪٿين جيوَن پيو!
نا اميديءَ ۾ خوشيءَ جي آ تلاش!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڌورا اڌورا اجا خواب آهن،
هميشه حقيقت لئہ بيتاب آهن.

هي دنيا تہ دردن جو درياءُ آهي،
غمن جا وڏا جنهن ۾ غوراب آهن.

سڄي رات سپنن جي دنيا ۾ گذري،
سڄو ڏينهن سوچن جا سيلاب آهن.

اوهان جي ذڪر ۾ اوهان جي فڪر ۾،
اکين مان سدائين وهيا آب آهن.

ڪبوتر تي ڪهڙو ڀلا قياس ايندو،
اوهان جون اکيون جڻ تہ عُقاب آهن.

ذري ڳالهہ ٻئي جي ڪنن تي پُڄائن،
اسان جي جماعت ۾ اهڙا بہ آهن!

پراوَن تي ڪهڙيون مياروں ڪرين تو؟
خبر پئي تہ پيَرن ۾ پنهنجا بہ آهن!

اجا سنڌ گدڙن تہ ڪاڏي نہ آهي،
اجا هوجمالا ۽ ميلا بہ آهن.

”ستايل“ نہ کوليو وري دل جو دفتر،
اجا بند سارا پيا باب آهن.

زندگي آ زندگيءَ لئہ بيقرار،
رات کي جڳ صبح جو آ انتظار.

سُونهن ماڙين جي نٿي محتاج ٿي،
جهوپڙين ۾ پي انهيءَ جو آ شمار.

مُسڪراهٽ آ چپن تي پوءِ بہ ڏس!
هي اکيون آهن سدائين اشڪبار.

خوف ايڏو ڪاڏ نہ اوندھہ رات کان،
جاڻ صبح آهي تَنهن جي هم - ڪنار.

هي خزان جي مُند بہ ٿي ڏينهنڙا،
بس اجها آئي وري موسم بهار.

زندگي بيڙيءَ مثل آ دوستو!
آدمي هرڪو انهيءَ ۾ آ سوار.

هي "ستايل" اڄ بہ ساڳيو آ مگر،
آزمائين چو َپيو تون بار بار.

وقت سان گڏ آدمي مَنْجو وجي،
جڻ تہ ساري زندگي مَنْجو وجي.

دوست يي ساڳيا رهن ٿي ڪونہ تا،
هر قدم تي دوستي مَنْجو وجي.

سيءُ سيارو ۽ اونهاري مان سرؤ،
سال ۾ هر مند تي مَنْجو وجي.

مؤج مستي سڀ وهيءَ جي ڳالھ آ،
نيٺ پيريءَ ۾ سيئي مَنْجو وجي.

سڀ سکن ۾ تا وري ويجهو اچن،
پر ڏکن ۾ مائٽي مَنْجو وجي.

رات پنهنجي جاءِ تي، پر ڪيترو،
سج اُيريو، رات ٿي مَنْجو وجي.

اي "ستايل" ڏس وري گهڙيال ڏي!
جت نظر ۾ ٿي گهڙي مَنْجو وجي.

زندگي گذري وڃي جي پيار ۾،
ٻيو ڀلا گهرجي بہ ڇا سنسار ۾.

چيز هر ڪا پئي وڪامي پوءِ بہ ڏس،
خواهشون رهجو وڃن بازار ۾.

آدمي ڪا شيءِ نہ آهي دوستو!
جو بہ آهي سو سندس ڪردار ۾.

تون جهالت جي انڌيري کي ڇڏي،
اڳيرو ٿي علم جي رفتار ۾.

هُئي تہ سهٽي پوءِ بہ ڪاري ٿا چون!
مون ڏٺي تصوير جا اخبار ۾.

مُند مُکڙين جي ڪلڻ جي هئي مگر،
ڇو خزان آئي ڪتان گلزار ۾؟

ڏس وڏيري صرف ڪرسيءَ جي ڪري،
سنڌ پيي وڪٽي ڇڏي واپار ۾!

هاڻ سنڌوءَ جو وڃي نالو بچيو،
تون وڃائين وقت پيو تڪرار ۾!

چُپ رهڻ لئہ تو "ستايل" کي چوين،
ڇا مَٽي ويندين اٿين ماٺار ۾!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهہ ۾ ڪجهہ قافلا رهجيو وڃن،
ساعتن جا فاصلا رهجيو وڃن.

ڪير چاهي ڪو نہ تو پر پوءِ بہ هت،
جو انين جا لئہ پلا رهجيو وڃن.

تي چُپي هر ذهن ۾ ذاتي انا،
مُختصر تا مرحلا رهجيو وڃن.

آدمي هرڪو انين ويندو رهيو،
پر انهن جا مسئلا رهجيو وڃن.

تون اُتان جا لئہ گهرين انصاف تو؟
جت اڌورا فيصلا رهجيو وڃن!

پاڻ سارا تا رهون اُن ديس ۾،
جت سمورا معاملا رهجيو وڃن.

مال ميڙيندين "ستايل!" ڪيترو،
موت ڪان پوءِ هت نلها رهجيو وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کي ڪلهوڪن ڪتابن جي ڳولا،
اسان کي اڄوڪن حسابن جي ڳولا.

اوهان جهول پنهنجي ڪندن سان سجائي،
اسان کي سدائين گُلابن جي ڳولا.

ڏنئي نندب ۾ جي، اُهي ڪم نه ايندئي،
اُتي جاڳ ۾ ڪر، تون خوابن جي ڳولا.

تڏهن توکي واقعي شڪاري مڃان مان،
سهن کي ڇڏي ڪر عُقابن جي ڳولا.

اڃا سوال ساڳيا "ستايل" سُجهن تا،
صدين کان آ جن جي جوابن جي ڳولا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا زندگيءَ جي پڄاڻي نہ ٿي آ،
ختم يار جلدي ڪهاڻي نہ ٿي آ.

وڏو آ قصو هي ٻُڌي ڪونہ سگهندين،
اجا اڪ تُنهنجي نماڻي نہ ٿي آ.

حقيقت هميشه حقيقت رهي ٿي،
حقيقت ڪڏهن ڀي پُراڻي نہ ٿي آ.

اجا ريت رَسمن سندو قيد ساڳيو،
اجا وس پنهنجي نياڻي نہ ٿي آ.

وري توکان بدلو تہ وٺنداسين ويري،
ٻُڌي چڏ اجا هڪ- هڪاڻي نہ ٿي آ.

اجا تو سان پاڻيءَ ٿي پاڻي بہ ٿيندو،
اجا ڳالهہ ايڏي پُراڻي نہ ٿي آ.

ائين ڪوڙ آڏو جڏي سر جهڪائي،
سچائي اجا تائين ساڻي نہ ٿي آ.

اجا ڪاڻ ڪنهن جي پَيو روز اُيري،
اجا ذات ايڏي اياڻي نہ ٿي آ.

اجا قرب واريون ڪچهريون بہ ٿينديون،
"ستايل" اجا موڪلاڻي نہ ٿي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن رات اونداهيءَ ۾، هر شمع اُجهاڻي آ،
منزل کان اڳي تي وئي، راهن جي پُڄاڻي آ.

آئي تہ ڀلا آخر، هي ڪهڙي بهار آئي،
هر ڦول اُداس آهي، هر ڪَلي ڪماڻي آ.

ڪاري نہ ڪري هن کي، او مار ائين قاتل!
پنهنجي تہ بُرائي ڏس، هي پاڪ نياڻي آ.

ويو ڪير هٽي ڌاڙو، وڃو ڪير ڪٽي مُرڪون،
هر ڪنهن جي دُکي دل ۾، هر اڪ نماڻي آ.

مون ڪونہ ٻُڌو ڪڏهن، ڪو هينئن بہ تيندو آ،
سيني جي زبان تي اڄ، بس پاڻيءَ ۾ پاڻي آ.

دُهرائي نہ ڪو هاڻي، فرقت جي فساني کي،
هي ڪير ڀلا ٻڌندو، ٻي انت ڪهاڻي آ.

هي سور "ستايل" کي، ويو ڪير ڏئي آخر،
ويو جِيءُ جهُري سارو، نَس نَس تي ساڻي آ.

❖

آدميءَ جي درد ڏک جي ڳالھہ ڪر،
راند کي ڇڏ، اڄ ٻک جي ڳالھہ ڪر!

مُرڪندڙ چهرا تہ مُرڪن پيا پلي،
خُشڪ چَپ ۽ زرد مک جي ڳالھہ ڪر!

مات ۾ رهندي ٻُڌاءِ ڪيترو؟
هاڻ خالي تون ٻَہ ڪک جي ڳالھہ ڪر!

حال پنهنجا پاڻ سان اڄ اوريون،
ڪيئن پڇايون ڏور ڏک جي ڳالھہ ڪر!

ڪُل عمَن کان چونڪارو تي پوي،
پوءِ ”ستايل“ تون بہ سک جي ڳالھہ ڪر!

سوچ جي هر لهر تي بندش پيل،
روشنيءَ جي پهر تي بندش پيل.

چڪ چولين ۾ نہ آ ساڳي رهي،
هر نديءَ هر نهر تي بندش پيل.

ڪانہ مرضي تي هلي ڪنهن جي هتي،
هر گهٽيءَ هر شهر تي بندش پيل.

رات جي هرڪا صَدا لڇندي رهي،
هر گهڙي هر پهر تي بندش پيل.

مُلهہ ماڻهوءَ جو وڃي باقي بچيو،
پر نہ تُنهنجي قهر تي بندش پيل.

ساهہ سڏڪي پيو "ستايل" جو مگر،
پر پيئڻ لئہ زهر تي بندش پيل.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو شهر ساڳيو آ، اسان جا گهر جدا آهن!
ائين ٿي روز پيا گڏجون، تڏهن ٻيي فاصلا آهن!

بڻايا ڇا نہ بُت خانا، هتي انسان پُوڄا لئہ،
سين جو ڏار مذهب آ، الڳ سڀ جا خدا آهن!

سمورو شهر جاڳيو آ، نہ جاڳيا خواب ڇو منهنجا!
لڳي ٿو رات سي ٿِڪي، هينئر شايد سُتا آهن.

هي ساڳي جاءِ سا آهي، جتي هو پيار پُوڄوسين،
ائين بيخود ڪٿي ويندي، قدم منهنجا رُڪيا آهن.

ڪٿي ڪا وڄ ڪري هوندي، جليو ڪو آشيان هوندو،
رُنو آڪاش آ، شايد، وري بادل وٺا آهن.

رُنا پرتا ٻُڌاسين جي، اکين ڳوڙها ڳڙي آيا،
الائي سي ڪڏهن ملندا، اسان ڪان جي رُٺا آهن؟

وري ڏس ڪيس ڪِيڏو ٿيو، ائين ٽڙين پيا راهن ۾،
”ستايل“ آس جا پنڇي، الائي ڪنهن ڪُٺا آهن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي آ ويس بدلائڻ لڳي،
جلد پيريءَ جا وڳا پائڻ لڳي.

ڏيهہ پنهنجي ۾ ڏکيون ڏس ڪيتريون!
ڳيچ ڪويل ٻي اهي ڳائڻ لڳي.

چوهہ مان چوليون جتي وهنديون هيون،
سا ڪنڌي اڄ آڪَ اُپٽائڻ لڳي.

سوچ کي ويڙهي ويون هِن سرحدون،
هاڻ هرڪا آس ايذائڻ لڳي.

چوديواريءَ جي اندر خُود کي ڏسي،
بي زبان گونگي بہ ڳالهائڻ لڳي.

مڃ تي موٽيو "ستايل" هو نہ پر،
اڄ لڳن کي لُڪ لهسائڻ لڳي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ خاطر آدمي لاچار ٿي،
ريت رسمن کان وَيو بيزار ٿي.

آ جيئڻ جي آرزو جاڳي پئي،
زندگي گهرجي وري ٻيهار ٿي.

نيٺ ڪهڙي ڳالهہ آ مجبور ڪيو،
ياءُ پنهنجي ياءُ کان ويو ڌار ٿي.

هي ٻہ پنهنجي ديس جي ڄائي تہ هئي،
ويئي پنهنجن وچ ۾ سنگسار ٿي!

چند جهڙيون راتيون گهرجن اجا،
چانڊني گهرجي اجا چوڌار ٿي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چاهتون ختم ويون، چؤطرف آ انڌيرو،
هن پيار جي چمن ۾، نفرت ڪيو آ ديرو.

ويٺا وري بہ ساڃيا، هر گس متي شڪاري،
دهشت جي ڄار ۾ پيو، تڙپي امن جو ڳيرو.

هن کي ضمير ڪهڙو، هن کي کپي تي ڪرسي،
هن قوم جو تہ دشمن، آ سنڌ جو وڏيرو.

انڌلٺ جي آس ۾ اڄ، آڪاش تي ڏنو مون،
ڏسجي نٿو اجا پي، ليڪن سو رنگ سنهرو.

ڪيئن ڏس پَيون بدلجن، دنيا جون حالتون اڄ،
پر پاڻ ۾ "ستايل"، آيو اجا نہ ڦيرو!

چؤ هاڻ چمن جو ڇا ٿيندو، پؤنري جي لين جو ڇا ٿيندو،
گُلشن ۾ خزان جي پهچي وئي، پوءِ يار گُلن جو ڇا ٿيندو.

آ شور هوائن منجهہ گهڻو، طوفان وري ڪو اچڻو آ،
جت وڻ وڏا ٽا پَٽ پَون، اُت ڪک پنن جو ڇا ٿيندو.

او مالهي! تون ڪن ڪولي ٻڌ، مان توکي هان مان توکي هان!
پاڻي بہ ڇڏيندين وڪڻي تون، معصوم وڻن جو ڇا ٿيندو؟

اي چوڪَر ڇَڏَ گُليل ڀَڃِي، ڳوڙهو نہ وهائج ڳيري کي،
ايڏو جي ڪرين تون پاپ پيو، پوءِ هن جي ٻچن جو ڇا ٿيندو.

آ خون سهانگو ماڻهوءَ جو، پر آن مهانگو ائٽمُ ڪان،
هي هيڏا هاڃا ڌرتيءَ تي، پوءِ پيٽ ٻکين جو ڇا ٿيندو.

هي مال پرايو ميڙي سڀ، تون بند ڪرين پيو بئنڪن ۾،
پنهنجو تہ "ستايل" سوچين ٿو، پر سوچ ٻين جو ڇا ٿيندو.

❖

خشڪ چهرو ۽ پنل ٻئي ڳل اٿئي،
ڄڻ اکين ۾ آس جا بادل اٿئي.

پير پنهنجا ڪڻ سنيالي راهہ ۾،
رات اونده ۽ پري منزل اٿئي.

ڇا ٿيو اڄ رات جي پيتو نہ تو؟
ڪنهن بکئي جي زندگي بوتل اٿئي!

سڀ اڌوريون خواهشون آهن اڃا،
موت وچ موٽي هتان موڪل اٿئي!

اي مسيحا! تون پَنيون رک پيار جون،
نفرتن سان هي جسم گهايل اٿئي.

جا نہ چاهيندي "ستايل" تو نہ چئي،
ڳالھہ دل ۾ سا اڃا اٽڪيل اٿئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جي پيتڙ ۾، بي ڪفن زندگي،
موت کان اڳ هتي، تي دفن زندگي.

روز رستن متي، ڪيس ڪيڏا تيا!
نيٺ جهوري ڇڏي، حادثن زندگي.

رنگ سارا هوائن ۾ گُم تي ويا،
هاڻ اُجڙيل لڳي تي، چمن زندگي.

ديس پنهنجو مگر، پوءِ بہ ڌاريان لڳون،
ڇو تہ گذري پئي، بي وطن زندگي.

زندگيءَ جو يلا، مُلهہ ڇو تو پُڇين؟
ڪئين هٿن ۾ ڪنيو، پيا گهمن زندگي!

ڪي ٻُلي سان لڳائن پيا موت کي،
ڪي اکين تي رکيو، پيا چُمن زندگي.

اڄ وري ننڊ مان، ڪنهن اُٿاريو اچي،
خواب ئي خواب ۾، هئي مگن زندگي.

هي "ستايل" سڃي، تي غمن ۾ گذر،
خوبصورت هتي، تا چون زندگي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل چوي تي پيو سموري، زندگي تو تي لکان،
مان تہ پنهنجي خوبصورت، شاعري تو تي لکان.

تنهنجي چهري تي لکان ۽ تنهنجي وارن تي لکان،
ڪم دنيا جا ڇڏي بس، هر گهڙي تو تي لکان.

تو تہ اربي رات کي آ، ڏينهن جهڙي روشني،
چنڊ آئينو بنائي، چاندني تو تي لکان.

برپٽن ۾ باغ جوڙين، ۽ سُڪا ساوا ڪرين،
تي پياسن کي پيارين، سانوڻي! تو تي لکان.

تو سَنا ڪيڏا سِتم هڻ، سنڌ منهنجي اي امڙ!
هانءُ پرجي پيو "ستايل" اڄ وري تو تي لکان.

❖

بي معنيٰ ڪٿين مرندا آهن، معنائن کي موت نہ ڏي!
اڃا تہ دل جون دل ۾ آهن، آشائن کي موت نہ ڏي!

ڇو تو ڇرڪ ڀرائين ايڏا، مون کي مُنهنجي ننڊ منجهان،
اڃا تہ خواب اڌورا آهن، ساپيائن کي موت نہ ڏي!

منهنجي لاءِ منهنجون لکڻيون، آهن سڀ اولاد جيان،
رات ۽ ڏينهان رت ولوڙيم، رچنائن کي موت نہ ڏي!

جهڙو آهيان تهڙو آهيان، روڪ نہ ڪنهن جي ڳالهين کي،
هرڪو پنهنجو حق رکي ٿو، فتوائن کي موت نہ ڏي!

اندر منجهہ ٻوساٽ اڳيئي، وري گلن تي وار نہ ڪر،
ساهہ سين جو گهٽجي ويندو، هوائن کي موت نہ ڏي!

قوم قبيلا وٽ وسيلا، سڀ سُونهن تا ديس اندر،
هيڏي حد اورانگهي ڪنهن جي، سيمائن کي موت نہ ڏي!

برساتن جو ڪري بهانو، بند نہ ڪنهنجو پاڻي ڪر،
جيئن وهن پيا تيئن وَهن ڏي، دريائن کي موت نہ ڏي!

مايوسيءَ کي مات ڏيڻي ڏي، مايوسيءَ کان مات نہ کاءِ!
منزل ملندي نيٺ "ستايل"، ڳولائن کي موت نہ ڏي!

نَظمَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سازش

پاڻ تہ ھڪڙي گھر جا ہار،
پوءِ بہ الڳ چو آھيون ڌار!

موُج، منجھان مھراڻ ھلي وئي،
باغن مان سرھاڻ ھلي وئي،
ڏيھہ سموري منجھہ ڏڪار!

بند جڏھن ڪان پاڻي آھي،
ھرڪا اک نماڻي آھي،
ميرا منھن ۽ اٽيا وار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي مچي پٽي نندين کي کائي،
اها بہ کنهن جي سازش آهي،
توڙي ڦاسن ساڳئي چار!

ظاهر مسلمان سڏائن،
پهرين پنهنجن جو حق کائن،
ڪَچ ۾ ڪاتي هٿ ۾ هار!

سُور بہ ساڳيا سُک بہ ساڳيا
درد بہ ساڳيا ڏُک بہ ساڳيا،
ساڳيا آهن غمر- غُبار!

پاڻ سين جو پنڌ بہ ساڳيو،
مرڻ جيئڻ جو هنڌ بہ ساڳيو،
ساڳي منزل آهي يار!

واري واري سڀ جو وارو،
ويڙهہ سوا پيو ناهي چارو،
وقت ڪَيا ڏِس ڪيڏا وار!

اچو تہ بادل ٻٽجي برسون!
پياسي من تي ٻيهر ترسون!
ڪوتہ "ستايل" ٿئي سڪار!

❖

اَنياءُ

انصاف هليو ويو، ماڻهن مان، آ هرڪو وينو ڪاڻ لئہ،
تو سيڪو پنهنجو پيٽ ڀري، هِت پنهنجي بک مٽائڻ لئہ.

هي ڪات ڪهاڙا لائين ٿو، ڇو ڪنهنجو سر وڃائين ٿو؟
ڇو ماڻهوءَ جو تو خون ڪرين، تون ٻئي جو حق ڦٻائڻ لئہ!

ڇا هِن مان ڀربو پيٽ ڀلا، ڪُجهہ سوچي ڏس تون نيٺ ڀلا!
ڇو وات وڏو تو ڦاڙيو آ، هن ڳيري کي ڳڙڪائڻ لئہ!

هي درد ڀريو آواز تہ ٻڌ، هي سڏڪن وارو ساز تہ ٻڌ!
هي ڪوڪ نماڻي ڪويل جي، ٿي واجهائي ورنائڻ لئہ!

هي سنڌوءَ ڪناري شام وري، هر سهڻيءَ جي ٿي نام وري،
تون زوري ڇو تو ڏم ڏئين، هن مڪڙيءَ کي مرجهائڻ لئہ؟

هي ڪاري ناهي گوري آ، تو بند ڪئي ڇو زوري آ؟
هي سدا سهاڳ سدوري آ، ٿي پيدا پيار وڌائڻ لئہ.

هي گيت "ستايل" ڇيڙيو تو، ڇڻ پٿرن کي آ ٽيڙيو تو،
تن ماڻهن کي آ ميڙيو تو، جي ڳرن پيا ڳالهائڻ لئہ.

سنڌوءَ

تون ڳالهہ ڪرين تو دشمن جي، مان وهندڙ وهندڙ واهن جي،
تون سنڌ سُڪائڻ چاهين ٿو، مان ساون ساون گاهن جي.

هي سنڌو منهنجو ساهہ اٿئي، هر وستيءَ جو ويساهہ اٿئي!
هي سنڌو هر هر وهٽو آ، هن قوم کي زندهہ رهٽو آ.
هي ڦهري ڪالاباغ وري، ٿو درد نوان ڏي داغ وري،
هي ڪاٺي جو تہ گلاس ڪٽي، تون ڏيکارين ٿو ماڻهن کي،
هي ماڻهو سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا، هي زهر پيالو ڪيئن پيئندا؟
جي پيٽو پيو سو پيئنداسين، پر پاڻي مور نہ ڏينداسين.

هي ڪرسي اڄٽي وڃٽي آ، هي ڪرسي مور نہ رهٽي آ،
هي ڪرسي تي انصاف گهري، هي ڦيرو پيو تو روز ڦري،
جو هٺ ڪري سو هيٺ ڪري، قانون اهو قدرتي آ،
تو ڪيڏو وئل وهايو آ، ۽ ترڙ ترڙ تي تڙپايو آ،
تو منهنجن مڙن مارن کي، هڪ سُرڪيءَ لئہ بہ سڪايو آ،
هي بدلو توکان وٺنداسين، جيسين بہ "ستايل" جيئنداسين.

تون بند ٻڌين تو پاڻيءَ کي، مان مڪڙي موج ملاحن جي،
تون ڳالهہ ڪرين تو دشمن جي، مان وهندڙ وهندڙ واهن جي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون سفر

سڄي زندگاني، رڳو جهاڳ آهي،
نہ ڪوئي ٺڪاڻو، نہ ڪو ماڳ آهي،
اها چوٽ ڇولين جئن ڇڙواڳ آهي،
نہ ڪوئي ڪنارو، نہ ڪوئي ڪپر آ-

اڳيان يار چاهي، پتو ڪوبہ ناهي،
مگر قافلو پوءِ بہ هرڪو پيو ڪاهي،
پٺيان وقت وينو سندن ڳاهہ ڳاهي،
انهيءَ ڪان تہ بندو، بنهہ بي خبر آ-

لکين خواهشون ۽ لکين خواب آهن،
لکين يار سوچن جا سيلاب آهن،
جي ميلا بہ آهن، وڇوڙا بہ آهن،
عجب رنگ دُنيا سندو هي چڪر آ-

اڃا ڪالهہ آيو، مگر اڄ وڃي پيو،
رهيو رات هڪڙي، هو پاڻ ئي مڃي پيو،
نہ چاهيندي سيني ڪان پيرو پڃي پيو،
قصو آ وڏو پر، بڻيو مُختصر آ-

هي دردن جو درياءَ، اتئي پار ڪرڻو،
آ مرڻو "ستايل!" اڳي پوءِ بہ مرڻو،
جڏهن سر تي آئي، اتئي پير پرڻو،
اهو موت سڀ ڪنهن سندو منتظر آ-

ڏکيو يار ڏاڍو، هي جيوَن سفر آ،
ڪٿي ڇيهہ تيندو، نہ ڪائي خبر آ.

اسين سڀ اياڻا

اسان جي ثقافت، ۽ ٻولي ٻہ ساڳي،
ڏني ماءُ جيڪا، سا لولي ٻہ ساڳي،
ائين ڇو نہ ٿياسين جٺين سنگ- ڀر داڻا؟

اجا نفرتن جو ڀڳو جنڊ ناهي،
ستارا تہ اُڀريا چڙهيو چنڊ ناهي،
اسان جا تہ راهن ڪيا سَنڌ ساڻا-

هتي جون هوائون اجا تيز لڳنديون،
ڇپر ڇٽ سارا اڏائي ڇڏينديون،
امن جا پکي سڀ اڏاڻا اُڏاڻا-

اسان ڪان تہ سنڌوءَ جو پاڻي ڪٽي ويا،
هلي ڏس تہ ڪيڏو هو ڏاڙو هٽي ويا،
رهيا ڪو نہ ساڳيا اڃها سي اباڻا.

اسان کي تہ پنهنجن هٿن سان لٽيو آ،
سياست جي نالي تي ڪيڏو ڪُٺو آ،
اُهي جيڪي پٽسن تي آهن وڪاڻا-

اڳي جيڪي ٻارن جي ڳالهين تي اٽڪيا،
اهي جيل ڳاٽن ۾ ڪيڏو تہ پٽڪيا،
اجا تائين وينا روئن رت سي راڻا-

ڪيو اڄ آ قاتل مٿان منهنجي مارو،
سياڻي ”ستايل“ آ سيني جو وارو،
ذهن ۾ رکيا هِن اجا زنگ پراڻا!

پري آهہ منزل، پري هن نڪاڻا،
اياڻا اياڻا، اسين سڀ اياڻا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امرتا

زندگيءَ جو اگر زهر مرکي پيئان،
پوءِ امر ٿي وڃان پوءِ امر ٿي وڃان.

نفرتون نفرتون، زندگي نفرتون،
سي مٽائي سيئي پيار اربي ڇڏيان-
پوءِ امر ٿي وڃان.

چنڊ ناهي ته ڇا، ڏُنڊ آهي ته ڇا،
خود جلي رات کي روشني جي ڏيان-
پوءِ امر ٿي وڃان.

رنگ سارا ڪٽي، پن ويا جي ڇٽي،
آئيني جئن سيئي، عڪس اوتي ڇڏيان-
پوءِ امر ٿي وڃان.

آگ جي اُڃ ۾، روح جي رُڃ ۾،
سڪ جي سِڄ جو، سمنڊ جي بي وڃان-
پوءِ امر ٿي وڃان.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار کي وڌائجي

ڌِڪار کي گهٽائجي، ۽ پِيار کي وڌائجي،
وڌائجي وڌائجي، ۽ پِيار کي وڌائجي.

جڏي هي روز رنجشون، اچو تہ سک ورهائيون،
گهٽِي گهٽِي کٽي خوشيون، اي دوست! مُسڪرائجي.

اچو تہ ترُ جي تاڪ ۾، پرهہ ڦٽيءَ جو ماڪ ۾،
سنڌوءَ جي خاڪ پاڪ ۾، نئين ڪا سُونهن سمائجي،

ائين نہ ڪنهن تي ڪُرڪجي، جي تي سگهي تہ مُرڪجي،
نہ ڦٽ تي لوڻ ٻُرڪجي، جي تي سگهي مِٽائجي.

آ شور ڪيڏو گهنڊ ۾، اسين اجا بہ ننڊ ۾،
وري وَٽيءَ جي مُنڊ ۾، نئون ڪو گيت ڳائجي.

نہ ڪنهنجو گهر اُجاڙجي، نہ ڪنهنجي حد لتاڙجي،
نہ ڪنهن جو ڪم بگاڙجي، جي تي سگهي تہ ناهجي.

اسان تہ پنهنجي ماڳ ۾، رهون ٿا ڏک ڏهاڳ ۾،
اجاڳ ۾ يا جاڳ ۾، اي دوست! دل نہ لاهجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجب آ کهاڻي!

اڙي تنهنجي آدم عجب آ کهاڻي!
نہ شروعات جنهنجي نہ جنهنجي پڄاڻي!

ڪڏهن گل گُلابي ڪڏهن خار آهين،
ڪڏهن چنڊ چوڏينهن ۽ چمڪدار آهين،
ڪڏهن جهور پوڙهو ڪڏهن ٻار آهين،
ڪڏهن تنهنجي خوشبوءِ هوا ۾ اُڏاڻي.
اڙي تنهنجي آدم عجب آ کهاڻي!

ڪڏهن پيٽ توکي ڀِڪاري بنايو،
ڪڏهن شوق توکي شڪاري بڻايو،
ڪڏهن توکي غربت ڏوهاري بڻايو،
ڪڏهن منجهہ محلين مزا وينو ماڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ کهاڻي!

ڪڏهن بت شڪن ۽ ڪڏهن بت پرستي،
ڪڏهن چئين مران تو، ڪڏهن هوڏ هستي،
هتي موت سڀ جي مٿائي تو مستي،
نہ رهندو ڪو راجا نہ رهندي ڪا راڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ کهاڻي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا تي حڪم تون هلاءِ ٻه ڄاڻين،
جهازن کي اوچو اڏائي ٻه ڄاڻين،
دريائن جو رُخ ٻي مَٽائي تو ڄاڻين،
نه ڄاڻين سُڪائي ڪٽي اک جو پاڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ ڪهاڻي!

اڃا تو نه سمجهيو صدين جي سفر کي،
اڃا تو نه سمجهيو دنيا جي چڪر کي،
هوائن فضائن ڪنارن ڪپر کي،
اڃا ڪُوڪ ڪويل جي آهي نماڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ ڪهاڻي!

اڃا توکي ماڻهن سندو قياس ناهي،
اڃا ڪنهن جي آهُن جو احساس ناهي،
دنيا منجهه ڪيڏو نه هيراس آهي،
اڃا ٿي نه دهشت جي آهي پڄاڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ ڪهاڻي!

بُرائي ٻه تو ڀي ٻلائي ٻه تو ڀي،
ڪُپت ڪوڙ ڪِينو ڪچائي ٻه تو ڀي،
سموري "ستايل" سچائي ٻه تو ڀي،
اها ٿي نه تنهنجي آ فطرت پراڻي!
اڙي تنهنجي آدم عجب آ ڪهاڻي!

اڪيلو اڪيلو!

اڪيلو آ اڪيلو آ، هتي هرڪو اڪيلو آ،
لڳي آ ساهه جي سپ کي، نه ڪنهنجو ڪنهن سان ميلو آ–

اسان جي ديس جي هاري، ڏکن ۾ زندگي گهاري،
ٻڌيو آ قرض ۾ ڪارو، مٿان ٻي ٻک بيماري،
اُپائي ان تو ليڪن، نه ڪائڻ لاءِ ويلو آ–
هتي هرڪو اڪيلو آ!

ڏٺي ڏاڙيل پيا سڏجن، حرامين جي ته واري آ،
پراوا پڻ پراوا هن، ڪٺي پنهنجن غداري آ،
سمورا وڻ ويا وڍجي، لِڪڻ جي لئه نه ٻيلو آ–
هتي هرڪو اڪيلو آ!

نه ڪا مهراڻ ۾ مستي، نه کي چوليون نه کي ٻوليون،
پيا پاڻيءَ جي سرڪيءَ لئه ڪڪر آڪاش ۾ گوليون،
نه کي ساوڻ لڏيون سارون، نه کي سنڌوءَ ۾ ريلو آ–
هتي هرڪو اڪيلو آ!

اڃا سيارو سڃو پيو آ، نه پٿسو آ نه کي پاڻي،
چيم ڪٺڪن مان ڪُڇهه تيندو، ڪري ڪان اڳ ويس ڪائي،
الا! ٻيو چانهه پاڻيءَ لئه، ڪُڪڙ ٻڪري نه چيلو آ–
هتي هرڪو اڪيلو آ!

يَنجُهو تي وونٽڻ بيٺا هِن، نه پيارڻ لئه مليو پاڻي،
سموري سنڌ سورن ۾، "ستايل" تي پٽي ساٽي،
سُڪي وئي پوک هر ڪائي، ڪمند ساري نه ڪيلو آ–
هتي هرڪو اڪيلو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَمن جو گيت

نفرتن جا ديرا ڈاھيو،
الفت جا تہ بسيرا ٺاھيو!
غربت جا آثار مٽايو،
خوشحاليءَ جو چار وڇايو!

مانيءَ لئہ محتاج آ ماڻھو،
پيٽ بکيي جي آگ اُجھايو!
مندر مسجد گرجا گھر ۾،
گيت امن جا گڏجي ڳايو!

اوير کان اڄ اولھہ تائين،
دنيا کي آزاد بنايو!
بارودن کي باھيون ڏيئي،
سرحدن تي گُل سجايو!

جنگ تباھي، جنگ نہ گھرجي.
ھاڻ اُمن ڏي وک وڌايو!
توبن ۽ ٽئنڪن جي منھن تي،
ڳيرن جا آکيرا ٺاھيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بنا

هر چمن هر بهار تو بنا بيقرار،
هرڪلي هر پڪار تو بنا بيقرار.

چانڊنيءَ ۾ گل ڪِلن ماڪ ۾ تا ڪُل پِڄن،
آءُ تن کي ڏي قرار تو بنا بيقرار.

رات جو آ رخ مثيل پوءِ بہ تو لئہ در کليل،
آهہ تُنهنجو انتظار تو بنا بيقرار.

لهر لهر ۽ هوا آ اُداس تو سوا،
هي نديون هي آبشار تو بنا بيقرار.

دور دور ڪان اچن بادلن جئن لُڇن،
تُنهنجون يادون بار بار تو بنا بيقرار.

نہ سونهن دل جي باغ ۾ نہ روشني چراغ ۾،
هر پکي هر اُڏار تو بنا بيقرار.

سنڌ نامو

هر شام غم ۾ گذري، راتيون اُداس آهن،
چهرا اُداس آهن، باتيون اداس آهن.

پڙلاءَ مليو نہ ڪوئي، بَن ۾ صدا رُلي وئي،
آخر بهار ۾ هي، ڪهڙي هوا گُهلي وئي؟
ڪوئيل اداس آهي، لاتيون اُداس آهن.

ڪکرن جا رنگ سارا، اڄ سي لڳن ٿا ٻاڙا،
راتيون ڦڪيون ڦڪيون ۽- بيچين هن ڏهاڙا،
اندلٺ اُداس آ برساتيون اُداسَ آهن.

چو ڏاڍ جي اڳيان اڄ، تنهنجيِ نظر جُهڪي وئي؟
هر ماءُ جي ٿڻن مان، اڄ ٿَڃَ ٻي سُڪي وئي،
چوليون اداس آهن، ڇاتيون اداس آهن.

اڄ ٻاڪ جي چپن تي، ساڳي سان مُرڪ ناهي،
سنڌوءَ جو پيٽ خالي، پاڻيءَ جي سُرڪ ناهي،
خاموش هن پکي پرياتيون اداس آهن.

قانون ٻي لڄي تو، انصاف ٿياس تي آ،
ڌرتي اسان جي آ پر، ڌارين جي قياس تي آ،
سڀ جون اکيون امن لئہ، آتيون اُداس آهن.

اڄ تائين سي نہ پرتا، راتين ۾ جي رُسي ويا،
ڪنهن کي لِکي ڏسين تو، هرڪو آ تنها تنها،
ڪکرن مان چَندَ! تنهنجيون، جهاتيون اُداس آهن.

اي شاهہ! سنڌ تنهنجي، اڄ آب لئہ سڪي تي،
جا ڏوهہ آ انهيءَ ۾، پنهنجو ئي حق گهري ٿي،
تو جي وکون "ستايل!" پاتيون اداس آهن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس

سچو جيوَن تماشو آ بڻي هر ڳالهہ رسوائي،
ويو احَساس ماڻهن مان هتي هرڪو تماشائي!

هينئر هي چند جون راتيون سيائي ڏينهن سانوڻ جا،
پرهہ جو ڪوڪ ڪويل جي مٿان هي مينهن سانوڻ جا،
اڪيلائي اڪيلائي فقط آهي اڪيلائي!

وڃن بوندون وسائينديون صبح جي ويل هي ڪڪريون،
هوائن جي اشارن تي وري جي پاڻ ۾ ٽڪريون،
نظارو ڇا نہ دلڪش آ مگر تنهن ۾ بہ تنهائي!

وري معصوم چهرن تي وڏا هي داغ دهشت جا،
وري وحشين ڪيا آهن وڏا ڪي وار وحشت جا،
وري مُڪڙيون ڇٽيون آهن وري موٽي خزان آئي!

هزارين حادثا جِيوَن سندو حصو ويا بڻجي،
فقط اخبار جي ڪالم سندو قصو ويا بڻجي،
نہ ڪنهن انصاف پاتو آ نہ ڪنهن جي دانهن ورنائي!

ڪڇون ڪنهن سان پڇون ڪنهن کان وڃايل حق وٺون ڪنهن کان؟
هٿي ويو ڪير هي ڏاڙو "ستايل" ڇۆ پڇون ڪنهن کان؟
مليا پئسا غريبن لئہ، وڏا ماڻهو ويا کائي!

سچو جيوَن تماشو آ بڻي هر ڳالهہ رسوائي،
ويو احَساس ماڻهن مان هتي هرڪو تماشائي!

❖

سفر!

رات جي آغوش ۾ هي انتظارن جو سفر!
بس ائين هلندو رهي ٿو بيقرارن جو سفر!

چنڊ يي ڪنهن قافلي جي جڻ قيادت پيو ڪري،
هر ستارو جڻ تہ هن جي حاضري ويٺو ڀري،
پر ٿڪن ئي ڪين ٿا هي، پنڌ جي آهي پري،
بس الئہ ڪيڏانهن ويندو هي ستارن جو سفر؟

لهر پويان لهر آئي ۽ وري موٽي وئي،
جو ائين ٿيو ۽ ٿئي پيو ڪَل اڃا ڪنهن کي نہ پئي،
”ڪو ٻُڏو ۽ ڪو تري پيو!“ ڳالهہ پئي مون سا ڪئي،
تيز طوفانن متي هي رهگذارن جو سفر!

جي خزائن ۾ رلي ويون سي وري ايندیون ڪڏهن؟
۽ چمن کي رنگ پنهنجو سي وري ڏيندیون ڪڏهن؟
هر طرف ۽ هر گهٽيءَ ۾ چؤ! خوشيون ٿينديون ڪڏهن؟
شل نہ پهچي ڪو پڄاڻيءَ تي بهارن جو سفر!

ڪي مليا هر موڙ تي ۽ ڪي رُلي ويا رُڃ ۾،
ڪا تہ لُڙه ۾ وئي لڙهي ۽ ڪا تہ سسئي سڃ ۾،
ڪي تہ پياسا ئي رهيا هت هِن اياڳي اُڃ ۾،
بس اهو ئي آ ”ستايل“ عشق وارن جو سفر!

❖

لوچ

سانوڻ جي برسات لچي تي، چاندوڪيءَ جي رات لُچي تي،
هيڏي لچ پُڇ م او سانول! تَن م تنهنجي تات لچي تي.

پياسو جيِءَون خواب اڌورا،
ڪونه ٿيا هي سپنا پورا،
رهجي ويا ارمان سمورا،
تنهنجي وائي وات لُچي تي.

بَن م سارا مور لچن ٿا، چوڌس ڪئين چڪور لچن ٿا،
لڳ سوين ڪمزور لچن ٿا، ڪويل جي هر بات لچي تي.

اڄ به اُها ئي تر جي جائي،
تو ته عمر آ قيد بڻائي،
وات نه جنهن جي ٻي ڪا وائي،
مارن لئه محلات لچي تي.

ماڻهن جا احساس لُچن ٿا، لچن پچن ٿا پر نه ڪچن ٿا،
روز مَرن ۽ روز جيئنِ ٿا، بند لبن تي بات لچي تي.

سنڌوءَ جي تهذيب لُچي تي،
شاعر جي تخليق لُچي تي،
جتي "ستايل" ڪانه ڪچي تي،
اتي ڏکن جي ذات لچي تي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُڪار

رحمت جي برسات وَسائي،
جيڪا ڏينهن ۽ رات وَسائي.

ترسي ترسي نيڻ تڪي پيا،
هاڻ گهڙي ڪا سا ته وَسائي.

ٿر پپيهو روز پُڪاري،
ساڳي وائي وات وَسائي.

جڳ ۾ آهيان جهڙو ناهيان،
مون تي پنهنجي ذات وَسائي.

پياسو رُڃ ۾ پياسو جِيَون،
ڦڙي ڪڪر مان ڪا ته وَسائي.

ڏيهه سمورو ڏولاوَن ۾،
خوشين جي بارات وَسائي.

سال "ستايل" سڪ ۾ گذريو،
تَن ۾ ڪيڏي تات وَسائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا تہ....

اجا تہ مون ڪُجهہ لکيو ئي ناهي، اجا تہ مون ڪجهہ چيو ئي ناهي،
اجا جيئڻ ڏيو اجا لکان مان، اجا تہ دفتر پريو ئي ناهي.

اجا تہ تر جي پٽن تي لکجي، شهر شهر ۽ گهٽين تي لکجي–
۽ چڪ ڇولين منجهان هلي وئي، سندوءَ جي لهرن ڪپن تي لکجي،
اجا تہ ڌرتي اُجي آ ڪيڏي، اجا تہ پاڻي پڳو ئي ناهي.

اجا تہ ريت ۽ رسم تي لکجي، ۽ ڪوڙي وعدي قسم تي لکجي،
اجا حقيقت سڄي اڌوري، اجا تہ دنيا ڏرم تي لکجي،
اجا تہ ٻيو ڪجهہ گهٽو رهيل آ، اجا تہ پردو هٽيو ئي ناهي.

اجا لڪڻ لئہ بهار تڙپي، اُداس ڪوئل پُڪار تڙپي،
اجا شڪاري اهي ئي ساڳيا، پکيءَ پکيءَ جي اُڏار تڙپي،
امن جون ڳالهيون سيئي اڌوريون، اَمن تہ ڪنهن کي مليو ئي ناهي.

اجا تہ ڪيڏا اکين ۾ ڳوڙها، اجا تہ ساڳيا وري وڇوڙا،
اجا تہ ماٺهو مرن پيا هت، اجا تہ ساڳي آ گهوڙا گهوڙا،
اجا تہ راهن ڇڏيو آ رولي، اجا تہ ميلو متو ئي ناهي.

اجا اندر ۾ درياءَ آهي، اجا تہ ساڳيو لقاءَ آهي،
اجا تہ ساڳيا زخم سُڄهن ٿا، اجا تہ تازو هي گهاءَ آهي،
اجا لڪڻ لئہ ڄمار گهرجي، اجا ”ستايل“ کُليو ئي ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيوض

غم زندگيءَ جا آهن، ٿوري خوشيءَ جي عيوض،
سودو تہ موت سان ٿيو، هت زندگيءَ جي عيوض!

ڪنهنجي تہ گهر ۾ ماتم، ڪنهن جي تہ گهر ڏياري،
ڪنهنجو شڪار پيو ٿئي- ۽ ڪو بڻيو شڪاري،
ڪنهن کي مليو انڌيرو، آ روشنيءَ جي عيوض!

ڪنهن وٽ ڪٽون بہ ڪونهي، ڪو پيو لڪن سان کيڏي-
۽ ڪو چمار ساري، وينو ڪکن سان کيڏي،
پٽسن کي پڳ ٻڌي وئي، هت آدميءَ جي عيوض!

اي ڪاش! وقت کي تون، واپس وري ورائين،
ٻچپن جا ڏينهن چا پر- ڪو پلُ جي پَسائين،
توکي چمار اربيان، هڪڙي گهڙيءَ جي عيوض!

انڪار ڪيئن ڪيان مان، اِبليس ڪيئن ٿيان مان؟
وڪ وڪ مٿي "ستايل"، سَجدا سوين ڏيان مان،
پر جي خدا ملي پئي، هن بندگيءَ جي عيوض!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس محرومي

جُوءِ ڏاڍي تتل، منهن سڀ جا لتل،
تا لڳن اي پرين، نيڻ سڀ جا ڀنل!

سانت چانيل رهي رات ڪاري مٿي،
چنڊ ڪنهن ٻيءِ ڏنو، ڪونه واري مٿي،
ماڻ جي ننڊ ۾ لوڪ سارو سُتل!

سُونهن سورج جيان، وئي لڪن ۾ لهي،
پيار پورو نه ٿيو، آس اڌ ۾ رهي،
سا نه اُجڙي وئي، راند هُئي جا رتل!

جا ڪُڇون جا پُڇون، ڪُجهه نه ڇئي تا سگهون،
جڻ لڪي ۽ ڇُپي ساهه پيا تا ڪڍون،
وقت جي ديوَ ڪان هرڪو آهي ڊنل!

زندگانيون ڪسي، تو جوانيون ڪسي،
مؤت جو ديوَ تو روز جانيون ڪسي،
تو اُجاڙي سوين روز ميلا متل!

جُوءِ ڏاڍي تتل، منهن سڀ جا لتل،
تا لڳن اي پرين، نيڻ سڀ جا ڀنل!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي صورت

نہ ساڃي چڪ چولين ۾، سچو مهراڻ خالي آ،
صدين کان جو هيو وهندو، سنڌوءَ سرواڻ خالي آ!

سُکي آ سنڌ وٺي ساري، اُڏامي پٽي رڳو واري،
اُهو ئي وڻ اها ٿاري، وٺي سُرهاڻ خالي آ!

هي هيڏو روڄ ۽ راڙو، تڏهن ڀي چُپ رهيو پاڙو،
هٽي ويو ڪير هي ڏاڙو؟ نہ پٽي ڪا ڄاڻ خالي آ!

لڳل هر شام تي پهرو، لٽل آ چنڊ جو چهرو،
زخم هر رات جو گهرو، مٿي ڪاراڻ خالي آ!

ڪٺي پنهنجن دغائي آ، تڏهن آفت هي آئي آ،
ڳچيءَ ۾ پٽي چڱائي آ، هتي سڀ هاڻ خالي آ!

هتي موسم گلابن جي، لڳي ٿي ڄڻ عذابن جي،
نہ ڪر تون ڳالهہ خوابن جي، اکين آلاڻ خالي آ!

جتي وهندا هيا واهڙ، جتي سُهٽي جتي ساهڙ!
”ستايل“ ويا سُکي سي تڙ، بچيو اُهڃاڻ خالي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت

وقت سان رک دوستي،
وقت جي ڪر بندگي.

وقت اوندهہ جو آ گهر،
وقت آهي روشني.

وقت ڏي جو موٽ ۾،
مرڪندي سو جام پي!

وقت جو احساس ڪر،
وقت شيءِ آ قيمتي.

وقت اعليٰ بخت آ،
وقت تبديلي وڏي.

روز تي سڀ ڪي سڏي،
وقت جي هر ڪا گهڙي.

يادگيرين کي چڏي،
وقت ويندو آ وڏي.

وقت گُلدستو بہ آ،
وقتِ ڪنڊن جي پري.

وقت جي طوفان ۾،
ڪٿين "سڪندر" ويا لڙهي.

اُنهن جي عيد ڪيئن گذري؟

اڪيون مسجد سنڌي در ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟
نہ ڪائڻ لئہ اڻن گهر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

ڪي پاڙي ۾ ٻُکيا هوندا، تون ڄاڻي تو ڏکيا هوندا،
پُڇين تو ڪونہ ڪنهن پر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

وڏيرا هي سنڌءِ هاري، نہ جن وٽ ڪا ٻنيءَ ٻاري،
وهن ٽا روز بيگر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

نڪي ماڙيون نڪي بنگلا، هي ماڻهو هِن سدا ڪنگلا،
اجوڪي ڏينهن بازر ۾، اُنهن جي عيد ڪيئن گذري؟

پيو بوتل ۽ برياني، اوهان لئہ عيد روزاني،
هتي هوندي بہ جي تر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

”اديَ ڇاڙهي، ابي ڇاڙهي، نہ مون ڇاڙهي، نہ ڪنهن ڇاڙهي،“
هتي هِن ههڙي منظر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

نہ ڪي رشتو اٽئي رت جو، اٽئي هي دوُر دولت جو،
پِتوُن آهن بہ جي پر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

اڌورا خواب اکڙين ۾، سوين سيلاب اکڙين ۾،
اڃا ڪجهہ پيو بہ اندر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

نہ ڪي ڪپڙا، نہ ڪي خرچي، ”ستايل“ ڪيئن رهن سرچي،
پلا ٻارن جي ٻَر ٻَر ۾، انهن جي عيد ڪيئن گذري؟

❖

بيت

۽

وايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

سُور! وڃين وسري، پار نہ تنھنجا ڪو پٽي،
ڏنگ ڏکن جا تو ھٽين، نانگ جيان نڪري،
ماڪيءَ ۽ مصريءَ، جھڙو جيون زھر ڪيئي.

●

سُور پوئي کو پُور، وڃين شل وُجود مان،
ڪيڏا گھرا تو ڪيا، نس نس ۾ ناسور،
وڃين ايڏو ڏور، جوءِ نہ آدم جي جِتي.

●

اھڙو جِيوَن چو مليو، جنھن ۾ رڳو سُور،
"ستايل" سرور، ڪڏھن پاتو ڪينڪي.

●

مون کي عشق عطا ڪئي، دُکن واري دگ،
پُورن ٻڌي پگ، سکن مٿان سُورَ جي.

●

آيا اُتر واءُ جيئن، سُور ٻڌي سندرو،
ڏيئي ڏکَ ٻَرو، وينا ھن وجود ۾.

●

مون پانيو پوءِ موت کان، دُکڙا ڏيندا دُور،
پر "ستايل" سُور، اچا ساڳيا تا سُجھن.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر تون غرق غُرور، غُصي کي غوطا ڏئي،
پوءِ تون وجي پهچندين، حاضر منجهه حضُور،
ڏکڙا ڏيندئي ڏورُ، هِن ۽ هُن جهانَ جا.

●

ڪيڏو تڪڙو پيو لهي، جيوَن سندو سج،
ڪالهه جتيو پئي ٻج، اڄ پيو لاٻارو ٿئي.

●

سُرو ڪائي جيئن، ڪاٽي ساٽي تو ڪَري،
وقت ٻه ڪري ٽيئن، ماڻهوءَ جي ڄمار سان.

●

جوين کي ويڙهي وَيا، پيريءَ جا آثار،
واچوڙي جيئن وار، ڪيا وقت وجود تي.

●

خود سين هر ڪلام، پُٽ ٻه پَري ڪان پُڇن،
ڪيڏو ٻُرو تو لڳي، پيريءَ جو انجام،
وينو ڪٽي شام، پوڙهو پاڇولي پٺيان.

●

ڪانهه پئي ڪا ڄاڻ، ڪيئن هٿن مان وڃي هلي،
هڪ جوانيءَ ڪاڻ، پوڳيون جيوَن پيا سڄو.

●

هرڪو وڃي پيو هتان، وڃائي وارو،
ڪيڏو جلدي تو وَرِي، اڇي اُونهارو،
سيارو ويچارو، گذريو وڃي گسُ ۾.

●

جهڙا آيا جڳ، تهڙا ئي موٽي وَيا،
ڪئين وڇوڙي وڳ، موت متاهون تِي وَيو.

•

ڇا لئہ وينو تون وڄهين، پِستل ۾ گولي،
ھي جا خالي ٿي ڪري، جيجل جي جهولي،
بِي نہ ٻُڌي ٻولي، ريلا پَسي رت جا!

•

'الا! باز مَرن، شال، نہ بحري ڪو بچي،'
وينا وچ وڻن ۾، ڳِيرا ڳالهيون ڪن،
آمن سان اُڏرن، ڪبوتر آڪاش ۾.

•

سَر جي ٻُوڙي ۾ لِڪي، ڇُڻ ڇُڻ ڪَٺي ڇُھي،
ڏانتي ساڻ ڪهي، ياءُ ڇڏيو ٻئي ياءُ کي!

•

اڳ نہ ٻڌو سين يار، هينئن ٻہ ٿيندو آ ڪڏهن،
چور چُرائين مال پيا، ياڳيا چوڪيدار،
هاڃا لک هزار، ڪيڏا پنهنجي قوم سان!

•

ساڳي ڌرتي پل هجي، توڙي ساڳيو سج،
بنا پاڻي ٻج، ڪوبہ نہ اپُرندو سَلو.

•

هونءَ ٻہ تہ هر ڪنهن چيز جو، پاڻي آهي ٻج،
توڙي سوين سج، اُپرن ڌرتيءَ جي متان.

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جي نِنڊڙا ٻار جيئن، ڦلواڙيءَ ۾ ڦول،
صبح جو اسڪول، جهڙو باغيچو ٻٽيل!

•

پاڻي پهرين شرط، باقي ڳالهيون پوءِ ٿيون،
ورنہ سنڌوءَ سير ۾، وهندو ريلو رت،
هاڻ نہ ڪا حرڪت، سهندي سنڌ پنجاب جي.

•

نيٺ تہ ڪندو ڇيهہ، سُڪل پاڻيءَ جو قصو،
ڪيسين مرندو اُڃ ۾ سمورو ساٽيهہ،
آخر سارو ڏيهہ، ڪڙو ٿيندو ڪُوهہ تي.

•

اڄا ڪنهن جي ڪاڻ پيو، لهي اُيري سج،
اڄا ٻَني ٻج، منجهان اُيري پيو سلو.

•

اڄا ڪنهن جي ڪاڻ، سج سلامي پيو پري،
اڄا چوڏينهن چنڊ ۾، ساڳي آ چانڊاڻ،
گُلن مان سُرهاڻ، اڄا ساڳي پئي اچي.

•

اڄا ڪنهنجي ڪاڻ پيا، وسن ساوڻ مينهن،
اڄا ساڳيا ڏينهن، ساڳيون راتيون پيون اچن.

•

جيئن صحرا سُڃَ، جنهن ۾ ويراني سُجهي،
اندر اوڀڙ عشق جا، رُوپ مٿاهون رڃ،
اڄ تہ لهي اُڃ، ڪڪر ٻٽجي قرب جو.

•

عشق نہ اهو آهہ، پاڻ ڇڏايو پيو وَڃين!
آخر ڪهڙي عشق جو، ڳاهين وينو ڳاهہ؟
سوچين وينو ساهہ، سسئي ڏسي سور ۾!

•

آن تہ آ ايمان، بنا ان ايمان ڇا،
پهرين پُڇن پيٽ کي، هِندُو مسلمان،
تنهن کان پوءِ انسان، ڇگو مذهب تا چون.

•

پرهہ ڪن پچار، پورهيت پنهنجي پيٽ جي،
سنجهي ساڳي سار، الا! رات اُڪارئين!

•

توکي ڳٽتي راند جي، مون لئہ بکيو پيٽ،
چاندوڪيون ۽ چيٽ، بي معنيٰ تيا بک ۾.

•

بک بہ ڪيڏي بُک، ماڻهو بُکيا پيا مرن،
سرهايون ۽ سُک، سنڌ نہ پَسي تي ڪڏهن.

•

سنڌوءَ سارو ويو سُڪي، سنڌ سڙي پئي يار!
هرڪو پنهنجي ڏار، چاڙهي وينو ديڳڙي!

•

آئي تي جنهن چيٽ مان، سَرنهَن جي سُرهاڻ،
اُن زمين تي هاڻ، آڪ ڦُلاريا اوڄ مان.

•

بُڏجي پيئي باغ مان، ٽُڪ ٽُڪ کهاڙي جي،
هي سڀ پاٽي رِيءَ، هيڏو حشر پيو ٿئي.

●

جتي جر زمين، اُتي اڏجن جُهوپڙا،
خالي اُپ تڪين، پاٽي جن پَري ٽِيو.

●

بنا سانوڻ مينهن جي، ترپي تاڙو جِيئن،
آهي اڄڪلهہ اِئين، ساڳي صورت سنڌ جي.

●

هاري منهنجي ديس جا! تو ڇا ڏوهہ ڪيو؟
آن اُپايو تو، ڪرو ڪٽي هيا ويا!

●

ناهي ويلو وقت تي، پُنيان پسُون هار،
ڪيڏو آ لاچار، هاري هر ڪنهن مند ۾.

●

اُتر لڳو مُند ڦِري، وريو سيارو،
هاري ويچارو، اَڃا اُنهي اوچتين!

●

مٿي منهنجي ديس جي، مون ڪان پُڇي تي،
سپنا ٿيا قيدي، آخر ڪهڙي ڏوهہ ۾؟

●

آخر ڪهڙي ڏوهہ ۾، قيدي سڄو ديس؟
وڏا پاٽي ويس، ويڙهي غلامي وٺي.

●

اُونده آنڌوڪار ۾، هي جي ستارا،
آهن اشارا، آزاديءَ جا اُڀَ تي.

●

اُونداهي اڌ رات جت، اچي ٿي ڪائڻ،
ڏِسي هي ڏائڻ، مٿان همت هارِيو!

●

ڪيانتا! ڪاهوڙين ڪي، وجي نياپو ڏج:
لالڻ پنهنجي لوءِ مان، لهندي ڏٺو سج،
اچي واهر ڪج، وجي اُونده رات هي.

●

لهندو ڏسي سج ڪي، سوچي شام پئي،
مون ڪي رات ڏئي، وڃين کهڙي پار پيو؟

●

لِڪ لڪوٽي راند پيا، ڪيڏن سج ۽ چنڊ،
جِيوَن ڦيرو جنڊ، ماڻهو ڪٽو آن جو.

●

جِيوَن پکِڻ پور، ماڻهو ڳِهي ڳاهه جيئن،
ڪيڏا ڪيس ڪلور، ڪٽي ڪٽي سان ٿين!

●

گهڙي گهٽائي، پئي تي ڏينهن جمار جا،
وينِي وڃائي، وڏا گهنڊ گهڙيال ۾.

●

ڪڏهن توکان ساهه، پل نہ ٿيندو هو پري،
اڄ تہ ٻارهين ماهه، تو وٽ اچو ڪونہ ٿي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو جھُوتو واءُ جو، پَتا پَن ڇڻيا،
آڳرين جيئن ڳڻيا، وڃَا جوڀن ڏينھڙا.

●

لڳو جھوتو واءُ جو، ڇڻيا پَن پَتا،
سونھن وئي سرتا! وٺن ۾ [1]وائول تي!

●

لڳو جھُوتو واءُ جو، ڇڻيا پَتا پَن،
ھاءِ! وو! جوڀن، سندا ڏينھن رُسي ويا!

●

جيئن نئين جي تِک، جوڀن وَھي تو ائين،
ڏوران جنھن جي ڏِک، سونھن تہ سانوڻ جيتري.

●

آھي اڄ سُياڻ، پرھين پُڄاڻي اتس،
ھي جا آدم زاد کي، ڇھري ۾ چانداڻ،
مؤج تڏھن مھراڻ، جيسين مُند ملھار جي.

●

جيئن نئين جي ڏار، جوڀن وھي تو ائين،
پل ڪن ۾ ھِن پار ۽، پل ڪن ۾ ھُن پار،
وھي مند ملھار، باقي مؤسم ماٺ ۾.

●

ڪڪرن ڪار ڏئم، ايندي ويندي اُپ تي،
واءُ نہ ڇُري پن تو، ڪيڏيءَ اوٺ[2] اُگھَم[3]،
اڃوڪو آگم، آٺيندو برسات کي.

●

(1) وائول= مخالف واءُ لڳڻ ڪري سنگ جو خالي ٿي وڃڻ، فصل جو ساڙ
(2) اوٺ = مينھن جو وسڪارو
(3) اُگھم - سانوڻ جي مند ۾ مينھن پوڻ کان اڳ ھوا جي گُھٽ - آگم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪر منجهان چنڊ جيئن، نڪري تئي نروار،
اٿين منهنجي يار، پردو ڪنيو پاڻ تان.

●

چانڊوڪيءَ جو پهر، پاڻيءَ پاچا چنڊ جا،
هر هر جهوتي واءُ تي، لُڏي هر ڪا لهر،
ندي توڙي نهر، هر جاءِ منظر هيڪڙو.

●

پاڻيءَ پُڇن لهريون، ڪنڌيءَ گُل رابيل،
اسان سان تو هيل، هي بہ نہ منظر هو ڏٺو.

●

پاڻي پُڇن لهريون، ڪنڌيءَ موتيا گُل،
هر جا تِن جو هُل، خوشبوءِ جن جي پاند ۾.

●

پاڻي پُڇن لهريون، متان وڻن چانءِ،
هرڪي پَيو هاڻ، هي جو منظر مون ڏٺو.

●

لهريون لک لُڏن، ڪينجهر ڪنڌي پئي ڪري،
هر هر جهوتا واءُ جا، هينئڙي منجهہ لڳن،
اڄو روز مِلن، جتي جوڙا پاڻ ۾.

●

پنهنجي ڪَيَئي جي پنيان، سڀ ڪو لوڙي تو،
ڪيڏو ڊوڙي تو، ماڻهو وَيل وقت لئہ!

●

ڪک نہ پائنچ ڪک، هي جو هلڪو تو لڳي،
پوريل اٿئي پارڪا! هينيان هِن جي لک،
اُڏي پوي اک، نظر نيٽان نہ لهين!

•

جو تو چيڙين چيڳرا، هي جو سُتل شينهن،
پورا ڪندئي ڏينهن، اُتيو جي آڳهور مان.

•

وڙهندي واچوڙن سين، هي جي پريا هَڏَ،
آهن اڪيلا تيا، سِندو! تنهنجا سڌ،
اچ تہ ڪريون گڏ، ميڙي سيئي مُٺ ۾.

•

جان جان تو ۾ ساهُہ، تيسين همت ساڻ رک،
بندي بي همت سان، ناهي ساڻ الله،
مايوسي گُناهہ، آهي هر اِنسان لئہ.

•

جان جان ڪر جاکوڙ، جيسين جيئرو جڳ ۾،
ڪِچي پائي نوڙ، هينئن نہ مربو آ هتي.

•

ڪِچي پائي نوڙ تون، ائين نہ مرين ها اڄ،
متان تنهنجي لڄ، پويان پاراتو ڏئي.

•

ڪُل هي ڪائنات جو، باري متي بار،
ڏيندو جي ڏاتار، تون چا جهلندي جهول ۾!

•

تون ڇا جهلندي جهول ۾، هو جي پيري هٿ،
توکي کهڙي ڪٿ، بندا انهيءَ بات جي.

●

هو جي ڏيڻ تي وري، تون ڇا جهلندي جهول!
پول اُنهيءَ جا پول، جو تو پالي سڀ کي.

●

جو تو پالي ڪُل کي، سو ئي آهِ الله،
باقي سڀ گُناهہ، آهي گهرڻ عام کان.

●

ماڻهو مذهب مُٺ ۾، مذهب ماڻهو مُٺ،
ڪيڏي وڏي جُٺ، ماڻهن مذهب سان ڪئي.

●

ماڻهو مذهب لئہ مرن، مون لئہ پيٽ ڌرم،
مون کي بک پرم، سيڪاريو سنسار ۾.

●

ساھہ تہ تتر جي مثل، جسم جهڙو ڄار،
قاتل آهي يار، هر ڪو ڦندي ۾ هتي.

●

جسم ڪندن ڄار جيئن، ساھہ تہ ڪپڙي جيئن،
آجو ٿيندو ڪيئن، ايڏي امتحان مان؟

●

هي جا پنهنجي وچ ۾، نفرت جي ديوار،
اڄ تہ اوري يار، پڄين سا پورا ڪيون!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙر ڪلهي تي ڪٽي، سوچي پيو مزدور،
هي سڀ مون لئهِ سور، آخر ڪنهن خلقيا هتي؟

•

آدم ڪنهن اقرار جو، ليکو پيو لوڙي،
پير جڏهن ڪوڙي، تڏهن پتو تو پوي.

•

اندر اونداهه رات، ٻاهر ڏيئي لاٽ جيئن،
دل ۾ هڪڙي بات، وائي ٻي ڪا وات ۾!

•

اچا سيارو آ پري، توڙي تو جاٽين،
سوڙ پيو تاٽين، شايد پيريءَ کي پڳين.

•

تون جو پيريءَ کي پڳين، ڇا ڇا پرايئي؟
ڪارا وار ڪڪر جيئن، ڪتي ڪرايئي؟
جوين وڃايئي، آخر کهڙيءَ ڪنڌ ۾؟

•

کهڙي ويل وري، پُت نه پُڇي پيءُ کان،
سَوڙَ سياري جي، سيڪو سيري پاڻ ڏي.

•

هر هر روئن نيڻ، واءُ وڇوڙي جو وَريو،
مون کي پاڙي واريون، واريو ڏين ويڻ،
ياءُ خاطر پيڻ، ڏنئي ڪيئن ڏهاڳ ۾!

•

پڪي پوک ميار، ڪڏهن ڪبي ڪانڪا،
ڪچوُن لُبندَي يار، ڪئين ڏئيون سي ڏيهہ ۾.

●

مرڻ مهٽو ناهہ ڪو، پرٽو ناهي گار،
سپ ڪنهن متي بار، رکيو روزمره جيئان.

●

هيئن نہ چڏي پوک، متان گهاريون تي پَون،
متان اچي لوڪ، پاڙن کي پڏرو ڏسي.

●

علم لئہ اوکي، گهڙي نہ آ گهڙيال ۾،
علم آ درياءُ ۽، علم چانڊوڪي،
علم ڪسوٽي، جنهن سان ماڻهو ماپجي.

●

تو بن منهنجي زندگي، ۽ مان آهيان ايئن،
تر ۾ آهي جيئن، پاڻيءَ لئہ پياسو پکي.

●

تڙپي تڙپي زندگي، تنها گذري وئي،
ڪڏهن ڪانہ ڪئي، تو ڪنهن ويل ورڻ جي.

●

تنهنجو تصور ايئن، اُڪريل دل ۾ آ پرين،
چنڊ هُجي جڻ جيئن، پڏرو پاڻيءَ جي متان.

●

ڪاٺي جي گلاس ۾، پڌرو پاڻي جيئن،
اندر مُنهنجي ايئن، تُنهنجو تصور تو رهي.

●

تنهنجي چهري ۾ پرين، ڪيڏي آ چانڊاڻ،
چنڊ منڊي مانداڻ، جيئن ڪا چوڏينهن رات ۾.

●

پاڏا وڙهن پاڻ ۾، پنّجن تا ٻُڙا،
ڏُہن تا ڏُڙا، مريو ماڪوڙا وڃن.

●

وڻ بہ تيسين وڻ، جيسين منجهس چانورو،
پوءِ تہ لڳي تو ڄڻ، سُڪل ڏينگهر سُڄ ۾.

●

سُونهن نہ آ سُرهاڻ، سهٽا ٽوهُہ بہ تا لڳن،
جيسين پوي ڄاڻ، پوءِ ويجهو وڃ ڀلي.

●

زهر تہ آخر زهر پر، وڇوڙو ڇاهي،
سمجهان تو آهي، پيو ڪو نالو زهر جو.

●

زهر تہ پيئڻ ۾، ڪيڏو ڪڙو تو لڳي،
ليڪن جيئڻ ۾، ان ڪان وڌ عذاب آ.

●

هو ڏس ذريَ زهر ۾، ڪيڏي آهہ ڪَڙاڻ،
اُن ڪَان ويتر ڄاڻ، نالو نفرت جو ڪڙو.

●

ڪنڌي ساوا سر، جنهن ۾ ڪُٽڪن ڪُنگَ پيا،
هو ڏس گُل گلاب جا، جهرڪن پاسي جر،
واديءَ جو منظر، ڪيڏو دل ڪش پيو لڳي!

●

تون ئي منهنجي من جي، چاهت جو چراغ،
هي جي بستيوُن باغ، ساوا تنهنجي سُونهن سان.

●

اکين اچا وار، جسم سارو ويو جُهري،
پوڙهي پنن جي پنيان، ڏکي سڀ چمار،
جوين ڏينهڙا چار، هليو هَٿن مان وِيَس.

●

اکين اچا وار پيا، جِيوَن پويان پل،
هي جي ساري ڏينهن پيو، ستر سال قبل،
پلجي وينوَ پل، سندي جوين وڻ جي.

●

اچا وار اکين ۾، پويان پل پساهہ،
واهہ ڙي جوين واهہ! هينئن نہ ڪرين ها هتي.

●

هي جو جِيوَن هيڪڙو، مُور نہ ملندو ٻيو،
اچ تہ هِن ۾ ڪو، ماڻيو مزو پيار جو.

●

تنهنجي چهري جي چمڪ، جڻ صبح جي ڌوپ،
يا ڪو سانوڻ روپ، جڻ وراڪو وڄَ جو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جي پوئين رات ۾، پوليون پڌجن پيون،
آڙيون اُڏرن پيون، شايد سي آڪاش ۾.

•

بَندُوقن ٺڪاءَ تي، پکي اُڏاڻا،
ڇڏيو ٺڪاڻا، وڃن ويچارا پَيا.

•

اونداهيءَ جي اوٽ ۾، ڪيڏا ٿين ڪَيس!
جنن ڪا جاندهَ پيس، ائين پِيسن آدمي!

•

جِيوَن شطرنج راند، ماڻهو مُهرن جي مثل،
وڏي ڪن ويڙهاند، پيادا گهوڙا پاڻ ۾.

•

اسان سڀ سارا، آهيون ڦيرو ائٽ جو،
ويندا پنهنجي وقت سان، سيارا اونهارا،
جيون جي ڏارا، وهي وهندي ڪيترو!

•

هي جا نئين ٿهي، ڪيڏي جوين سان پئي،
رات رهائي رُڃ ۾، ويندي ڪونج ڪَهي،
ويندي مؤج وَهي، سانوڻ ۾ تي ڏينهنڙا.

•

سانوڻ ۾َ تي ڏينهنڙا، ۽ هي منجهس مؤج،
هي جا هن ۾ اوُج، واري جيئن وَهيو وَڃي.

•

بچپن ڇا پيارا، ڇا سي جوين راتيون،
هو جي هتن مان وَيا، وقت سيئي وارا،
ڪيڏا ڪسارا، جوين ڏينهن ڇڏي وَيو!

•

ڪڏهن ڪڏهن ڪيترو، ناحق ٿيندو آهه،
مري ويندو آهه، ماڻهو بنا ڏوهه جي!

•

اَڙي او انسان! وحشت ڪنهن ڪان تون سکيين؟
جنهن کي تون مارين پيو، سو پڻ آ انسان،
آهين جڻ حيوان، تو مان وَيو ماڻهپو!

•

ڪيڏو هان پياسو! جڻ ڪا مڇي جارَ ۾!
ترس نه ڪائين تو، ماري! منهنجي حال تي.

•

تنبڻي جيئن تکي، مٿان ڪُوئي- ڏر کي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي اٿين بيٺو آ تکيو!

•

تون جو ڪکر اُپ تي، ڪِٿ آلئه وسندين؟
ترسي ڪونه ڪندين، مونتي پنهنجو ڇانورو؟

•

ڪيڏي اندر اُج، پر تون وَسين پيو پَري،
ترس نه توکي تو اڇي، سانوڻ! مٿي سُڃ،
لڙڪ ته لاڙي وَڃ، به تي مُنهنجي حال تي!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوٿهڙي ۾ جيئڻ، پن چٽڻ تا پٽَ تي،
موت به ڪري ِتيئن، ساڳي پر سين سان.

•

لڳو سَرءُ واءُ، پن ڇٽي پيا پٽَ تي،
ڪيڏو ڳهَرو گهاءُ، تاريءَ تاريءَ ڪکَ ۾!

•

جيئڻ تا پن چٽڻ، وٽڻ منجهان واءُ ۾،
اِئين ڏينهن ڪُٽڻ، ماٺهوءَ جي ڇمار جا.

•

هي جو ڏکڻ واءُ، لڳي ۽ لهريون ڪري،
ڪيڏو آهِ هڳاءُ، هِن ۾ رُت بَسنت جو!

•

تون جو ڪکر اُپ تي، وسندين ڪهڙي جاءِ؟
ڪا نه گهڙي مون لاءِ، ترسي ڪر تون ڇانورو!

•

آخر ايڏو ڏور ڪان، آئين تون بادل!
اڙي او پيادل! ڪجهه نه ترسي پَئو هتي!

•

تو چو تارِي مُند؟ هي جا سانوڻ مينهن جي،
وري وسڪارون ڪَيون، ڪکرن ساري مند،
هيڏي پياري مُند، پر تو اچڻ جي نه ڪئي!

•

آخر ڪيئن وسريا، توکان سانوڻ ڏينهڙا؟
ڪڪر ڪئين اُپريا، ليڪن مان پياسو رهيس.

•

ڪڪر رنگ جَهتي، آيو اُتر پارَ کان،
ڪيڏا ويس مَٿي، اُپريو آ آڪاش تي!

•

وضوءَ ڪندي اوچتو، تُنهنجي ياد وري،
ٻانهون ويون وسري، پهچي پيرن تي ويس.

•

ٻَبُرُ واتر ڪپ تي، جنهن ۾ پن هزار،
جنهن ۾ ڪئين ڏار، جنهن ۾ آکيرا سُجهن.

•

جڏهن پوئين پهر ۾، ڪروٽ بدلي رات،
تڏهن سندس ڪُڪ مان، پٽري تي پرڀات،
سورج پائي جهات، پردو پرهه جو کنيو.

•

اڄ پي سورج ماڪ ۾، پِنون مَٿي پِٽ،
چنيءَ جهڙا چِٽ، مُڪڙين مٿي ماڪ جا.

•

ڪاڪا سُونهن تہ سُونهن، جنهن جو جوڙ نہ جڳ ۾،
جنهن جي ڪُل ورونُهن، مَهڪايو ماحول کي.

•

مار نہ ائين مور کي، اڙي او ماري!
ويهي جو ٿاري، مٿي ٻوليون پيو ڪري.

•

واريءَ جيئن وَهِي، وڃي ماٺهوءَ مُٺَ مان،
جوڀن تيئن وَهِي، هليو هٿن مان ويو!

•

ڪٽي آيو پاڻ سين، سانوڻ ساروڻيون،
جن کي مينهن ڪٽيون، ڪِري ڪَڪَرن مان پيون.

•

غُربت چوڙيا پاڻ، لڳا هاريءَ ڪُکَ ۾،
پوکي ناهي پاڻ، آڻي اُڌارو پَيو!

•

آهي هر انسان کي، آزاديءَ جي آس،
ڪيڏو آهه اُداس، پکي پڃري جي اندر!

•

هيٺو تان حلال، ڏاڍي کان سيڪو ڏري،
پَسبو هيٺو حال، هرڪو هَلائون ڪري.

•

تو جا عيد چئي، سا مون پائين ڳالهِ پئي،
مون کي پُورت پيٽ جي، ويلو وڃ ڏئي،
مون تان اڄ ڪئي، سياڻي سيڪو ڪندو.

•

باتيوُن باتين جهڙيون، هُن جون باتيون هيون،
هُن سان گهاريل ياد پيون، توڙي راتيون هيون،
توڙي لاتيون هيون، مَٺ نہ ڪويل جو ڪٽي.

•

وقت نہ سو ورجاءِ، گذريو جو گُذري ويو،
وهي ويو درياءِ، ڪپر ڪُن چڏي ويا.

•

ساٿي سارا ويا ڇڏي، مٿان مون بيٺي،
جاڻ اچي پيئي، جنڊ چُٽائي انَ جي.

•

وڃين عرش پکيون، ڳوڙها ڳاڙي رت جا،
پر تو ڪونہ ٻڌيون، دانهون منهنجي ديس جون.

•

رُوئن قڙا رتَ جا، اکين سُڪو آبُ،
سورن جو سيلابُ، وهي منجهہ وجود تو!

❖

وايون

چا لئہ رات وئي،
چا لئہ ڏينهن تيو؟
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
وقت نہ ڪنهن جي وس ۾
وڃي تيز پيو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
ٻري ٻرندو ڪيترو
ڪَپي تيل ويو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
اکيان اوندهہ آ گهٽي
پائي ڏس ليئو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
پنهنجو ثمر پاڻ ڪڻ
ڏيندئي ڪونہ ٻيو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
ڪوڙ نہَ موتيو آ ڪڏهن
وَيو سو وَيو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
ڏک نہ ڪنهن کي ڪو ڏيو
جيسين يار جِيو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!
پنڌ "ستايل" آ پري
گس ۾ ڪين ٻيهو،
ماٺهو سمجهي ڪونہَ تو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا ٽپ ڏئي،
چڙهي ڇپ ڏئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

اچا اُپريو ئي تہ مس
اچي شام وئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

اڄ سيان جي آسري
خبر ڪانہ پئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

رهي نہ روڪڻ سان ڪڏهن،
گهڙي بي ڇئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

ٻچپن وارا ڏينهن ويا
واريءَ جيئن وَهي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

نينهن نياٽيندا اچن
جهونو لٽ ٻئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

مون تان ٻ
هوندي ان مٿي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

تو تہ اچڻ ۾ اي پرين
ڪيڏي دير ڪئي!
جوين پيريءَ کي پڳو!

هاڻ "ستايل" وئي ٽري
تتل تيز تئي،
جوين پيريءَ کي پڳو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي ڪو ساٿي-
جِيوَن جي سنگرام ۾.
نڪي مري آدمي
نڪي حياتي،
جِيوَن جي سنگرام ۾.
توڙي پنهنجا ها مگر
ويا سي جُدا ٿي،
جِيوَن جي سنگرام ۾.
ساهه اندر ۾ جيئڻ ڪٿي
ڄار مڃي ڦاٿي،
جِيوَن جي سنگرام ۾.
مون نه جيئڻ جي دوستو!
آس اجا لا ٿي،
جِيوَن جي سنگرام ۾.
جِيئري هر انسان جي
جلي چِتا ٿي،
جِيون جي سنگرام ۾.
آخر ماڻهوءَ ڪان هتي
ڪهڙي خطا ٿي،
جِيوَن جي سنگرام ۾.
ڪانَه "ستايل" درد جي
ڪائي دوا ٿي،
جِيَون جي سنگرام ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو وٽ هٿ - ڪڙول
مون وٽ ارادا اٽل.
سَٽ نہ زنجيرون سهن
هاٿي ٻيو ڪُجھہ ٻول!
مون وٽ ارادا اَٽلَ.
آڏو ڏونگر ڪي ڏسي
گِيدي! گسّ نہ رول!
مون وٽ ارادا اَٽلَ.
ڪنڌ جهڪائي تو اڳيان
ڪانئر ٻيو ڪو ڳول!
مون وٽ ارادا اَٽلَ.
تنهنجي مقتل گاھہ ۾
منهنجا رنگ رتول،
مون وٽ ارادا اَٽلَ.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتم جو منظر،
هيڏانهن هر ڪنهن گهر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
ٻار بہ لنگهڻا پيا سُمهن
صبح جي آڌر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
وَهن ريلا رت جا،
ڪُسجن پيا ڪونڌر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
قتل ڏاڙا ۽ ڦرون،
ڏينهن ڏٺي اڪثر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
رُپئي وارو سئو رپيا،
ملي اڄ وکر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
ٻَنيون ساوا باغ سڀ،
تر لڳن ٿوهر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!
سنڌو سارو ويو سُڪي،
سُرڪي ناهَہ سڪر-
پوءِ بہ چوين سڀ ٺيڪ آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاٽي واري تان،
ٻنيءَ ٻاري تان-
ڪونڌر ڪسجو تا وڃن!
حَدَ اورانگهيل جاءِ تي،
گهٽيءَ چاري تان-
ڪونڌر ڪسجو تا وڃن!
رسمن جي ھِن ڄار ۾،
ڪاريءَ ڪاري تان-
ڪونڌر ڪسجو تا وڃن!
پير وڏيري جي ڏنل،
ھڪ اشاري تان-
ڪونڌر ڪسجو تا وڃن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو بن او پيارا!
رهجي ويا منظر سيئي!
ڪلفتن جي شام ۾
منهوڙي وارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
ڪين وڻن تا هاڻ ڪي،
ڪينجهر ڪنارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
گڏ وَسايون ها وري،
ساوڻ وسڪارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
گُل ٽڙيل هي باغ ۾،
ڪيئن ٻنيون ٻارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
پرهه ڦٽيءَ جي ويل ۾،
چنڊ ڪِتيون تارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
سنڌوءَ لهرن جي مٿان،
ڪکر هي ڪارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
شام لٿي آڪاش تي،
پنڇي آوارا–
رهجي ويا منظر سيئي!
نيٺ "ستايل" سُونهن جان
سپنن ۾ سارا،
رهجي ويا منظر سيئي!

❖

پن پن جيئڻ ڇٽي،
پنهنجا ڏينهن ڳٽي،
گهاري وجبي زندگي!
هي جا ورثي ۾ ملي،
توري يا ته گهٽي-
گهاري وجبي زندگي!
ڪجهه ته گذري وئي مگر،
ڪجهه لئه هٽ هٽي-
گهاري وجبي زندگي!
باقي جِيون شام جا،
پويان پير ڪٽي-
گهاري وجبي زندگي!
ڏک ڏيئي وئي ڏاج ۾،
مون کي ماءُ جٽي-
گهاري وجبي زندگي!
خوف هُيو جنهن ڳالهه جو،
سا ئي بات بٽي-
گهاري وجبي زندگي!
نه ڪي ڪکر ڇانورو،
نه ڪي مينهن ڪٽي-
گهاري وجبي زندگي!
سور "ستايل" جا وجي،
تيا نيٺ ڏٽي-
گهاري وجبي زندگي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي سچ ٽُٽو،
پَيو ڪونَہ پتو-
جِيوَن گذري ويو ائين!

رات لنگهي وئي سچ ۾،
مٽان ڏينهن ٽُٽو-
جِيوَن گذري ويو ائين!

اچا پنهنجي پيار جو،
ميلو ڪونہ مٽو-
جيوَن گذري ويو ائين!

گُل سمورا ويا ڇٽي،
خالي گُل دستو-
جِيوَن گذري ويو ائين!

منزل جي ڳولا ڪندي،
ڀُلجي ويو رستو-
جِيوَن گذري ويو ائين!

نہ ڪي سمجهو مون ڪڏهن،
نڪي سمجهو تو-
جِيوَن گذري ويو ائين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل تي ڪيڏو بار،
ليڪن چپ خاموش ها!

الا! نہ ڪجھہ اوري سگهيون، اکيون غم غُبار!
ليڪن چپ خاموش ها!

ظاهر گونگي جي زبان، ڪيڏي روح پُڪار!
ليڪن چپ خاموش ها!

لفظ اندر ۾ تا لُڇن، جيئن ڪو تتر جار!
ليڪن چپ خاموش ها!

منهنجو مَن ساگر جيان، جنهن ۾ ڪُن هزار!
ليڪن چپ خاموش ها!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي جوت جيار!
رات گهري تي روشني.
چوڏس چانڊاڻو نہ ڪو،
اونده انڌو ڪار-
رات گهري تي روشني.
اچ اچ اُجالا ڪٿي،
اُونداهيءَ ڪي ٿار!
رات گهري تي روشني.
بنا بتيءَ سوجهري،
بزم آ بيڪار-
رات گهري تي روشني.
پتنگ پاڻهي پُهچندا،
تون بَس شمع ٻار!
رات گهري تي روشني.
پرهہ جان پڌري ٿئي،
هر ڪنهن هنڌ پڪار-
رات گهري تي روشني.
رستا ڪائڻ ٿا اچن،
شهر گهٽيون بازار-
رات گهري تي روشني.
جيسين سُورج پٽ پئي،
تيسين مُنهنجا يار!
رات گهري تي روشني.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس صبح جي ويل،
مُکڙيون ۽ رابيل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

مور نچن پيا باغ ۾،
ساڻ ٻچا ۽ ڍيل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

چاندوڪيون ۽ چيٽ ٻٽي،
پر جيئان سي هيل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

ڪري ڪنيل پَٽ تي،
ڪبوتر پاريل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

اجا پکي اُڀ تي،
شام لٿي جي ويل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

رُت ٻني برسات ۾،
ٻن دلين جا ميل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

اندلٺ سان آڪاش تي،
ڪنوٽين سندا کيل-
ڪيڏا سهڻا تا لڳن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لتو سج سوير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

ڌارين جا هِن ڌوڙ ۾،
ساڱيا ڏنمر پير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

ديپ اُجهاڻا ديس ۾،
ساٿي! سنجهي وير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

آيا وري اوپرا،
من ۾ رکي مير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

بن قاسمر جي روپ ۾،
هو ڏس هتي ڪير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

ڏاهر! تنهنجي ڏيھ ۾،
ڪيڏو ڏس انڌير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

اجا سسئي سور ۾،
اجا ساڱيا ڏير–
ڪيڏي اوندھ رات آ!

اجا سورج پنڌ ۾،
اجا ڪيڏي دير!
ڪيڏي اوندھ رات آ!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڍسٽا

۽

آڊوھا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڍ سٽا

ڪيڏو نہ پڌائي پيو! ڪلهہ پاڻ نہ هو ليڪن،
اڄ سير سڌائي پيو!

—

سوچي نہ الٽہ چا پيو، ويندو نہ هٿين خالي،
لوچي نہ الٽہ چا پيو!

—

ڪيڏو نہ توائي آ، ڪنهن ڪي نہ سچائي ٿو،
ايڏو نہ توائي آ!

—

تون گهاءَ نہ ڏي ايذا، انسان! ائين ڪنهن ڪي،
ايذاءَ نہ ڏي ايذا.

—

جو قد ٻَيو ماپين، هيڏي نہ مليءِ دولت،
پر پوءِ بہ نٿو ڊاپين!

—

ڪنهن جي نہ اشارن سان، نادان ٻَيو ڪيڏين،
هن ديس جي ٻارن سان!

—

هي جند وڏي شيءِ آ، اُن ڪان بہ مٿي مون لئہ،
هي سنڌ وڏي شيءِ آ.

—

جو سنڌ ڪَيان صدقي؟ هڪ وار نہ سؤ ڀيرا-
هي جند ڪَيان صدقي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پير لڪائي ويا، ڪيڏي تہ وڏي چوري،
درياءُ چُرائي ويا!

–

پاڻي تہ بنا پيارا! ويا باغ سُڪي ساوا،
هي کيت ٻنيون ٻارا.

–

توڪان تہ گهريم پاڻي، پر تون تہ اُنهيءَ عيوض،
بندوق پيَو تاڻي!

–

پاڻي تہ ضروري آ، پاڻيءَ بنا جڳ ۾،
هر چيز اڌوري آ.

–

پاڻي تہ وڏي شيءِ آ، ڇا اُج بہ تيندي آ؟
ڄاڻي تہ وڏي شيءِ آ.

–

گهر ڪي تہ لڳو ڌاڙو، ڌاريا تہ اڳي ڌاريا،
خاموش رهيو ڀاڙو!

–

سنگيت ملائي پئي، ڪوئل بہ "لتا" جو ڇڻ،
ڪو گيت ٻُڌائي پئي!

–

ڪيڏي تہ مٺي لولي، اڄ باک ڦٽيءَ ۾ ڏس!
ڪوئِل بہ ڪٺي ٻولي!

دانا، ويا پُلجي، لاحدَ ۾ ڳوليندي،
سنئين راهہ ويا پلجي!

ـ

ڪيڏو نہ هيو ڏاهو! هٿ ساڻ ڳچيءَ پنهنجيءَ-
۾ پاڻ وڌس ڦاهو!

ـ

ڪو راز هيو گهرو، ڪجھ دير ڪَنان تُنهنجو،
مايوس هيو ڇهرو!

ـ

ڪيڏو تہ جهميلو آ، هر طرف سمنڊ آهي،
انسان اڪيلو آ!

ـ

ڏک ساڻ ڏُڏي ويندئي، هي ڇوت اٿئي ڇوليون،
ٻيڙي تہ ٻُڏي ويندئي!

ـ

طوفان تري وڃبو، مرڻو تہ اڳي پوءِ آ،
هڪ ڏينهن مري وڃبو.

ـ

جلدي نہ مرڻ جي ڪر، ٻڏندين تہ ٻڏي ويندين،
ڪوشش تہ ترڻ جي ڪر!

ـ

حالات پَيا منجن، پر پاڻ اِتي آهيون،
ڏينهن رات پَيا منجن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سال وري آيو، پر حال اجا ساڳيا،
ويو ڪالھ وري آيو!

-

هي سال پروڪي جئن، ويندا تہ ائين گذري،
سڀ ڏينهن اڄوڪي جئن!

-

هي ڏينهن وري ايندا، پر مان نہ هتي هوندس،
ها مينهن وري ايندا.

-

انسان هليو ويندو، ڪجھ ڏينهن رهي واپس،
مهمان هليو ويندو.

-

انسان وڃي پيو تو، انسان پُنيان پيھر،
انسان جمي پيو تو.

-

سامان خريدي وٺ، بازار ڪليل آهي،
ايمان خريدي وٺ!

-

هي رات ڪٽڻ تي آ، او جاڳ اُٿي غافل!
ڏس! باک ڦٽڻ تي آ.

-

سڀ هن جو قِسم آهي، هيءَ ساھ تہ ساڳيو آ،
پر ڌار جسم آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُٺ ۾ نہ ڪٽين واري، ڏيندو تہ خدا ليڪن،
حيلو تہ ڪندو هاري.

ـ

تو سچ چڙهي پوئي: ڏس پيٽ بکيي خاطر:
پيو اوڏ مِٽي لوئي.

ـ

ويو سج وري آيو، تو ڪانہ ڪمائي ڪئي،
ڦيرو تہ ڦري آيو.

ـ

ها نيت ڏکيو تي پيو، هت پيار ڪرڻ سؤلو،
پر پيٽ ڏکيو تي پيو!

ـ

تو بُک ڏٺي ناهي، ڏين تهڪ وڏا وينو،
ها پيٽ پريل آهي!

ـ

پيو مؤج مزا ماڻي، هي پيٽ ڀريل ماڻهو،
ڇا بُک منجهان ڄاڻي؟

ـ

احساسُ ڪٿي آهي، تو ڳالهہ ڪري هرڪو،
پر قياس ڪٿي آهي؟

ـ

تون ٻار اميرن جو، توکي نہ ڪڏهن ٿيندو
احساس غريبن جو!

آرام سُتو پيو هين! پيا خواب ڏين توکي،
پيغام سُتو پيو هين!

–

بي ننڊ وڄن پيا ٽا، ڇا تو نہ ٻُڌا هِن سي،
جي گهنڊ وڄن پيا ٽا؟

–

نادان اٿئي پويان، ايمان ڪسي ويندئي،
شيطان اٿئي پويان!

–

ايذي نہ وڏائي ڪر! هي ساهہ پرايو آ،
ڪنهن سان تہ چڱائي ڪر!

–

تو ٻج ڇٽين جهڙو، اي دوست! ٻنيءَ مان تون،
ڪٽندي بہ فصل اهڙو.

–

هر آس اڌوري آ، آ جاڳ رڳي پِيڙا،
ڪُجهہ ننڊ ضروري آ.

–

آ پڪ لهي ويندي، انسان جڏهن مرندو:
سڀ ٿڪ لهي ويندي.

–

انسان گهٽا آهن، چهرا تہ ملن ٿا پر–
شيطان گهٽا آهن!

مون اک جڏهن کولي، ويا خواب ڇٽي سارا،
ڪنڊن سان پريل جهولي!

ــ

ڪنڊن سان پريل تاري، ويا قول ڇٽي سارا،
تي ڏنگ هٽي ڏاري.

ــ

هي قول ڇٽي ويندا، ڪُجهہ واس وٺڻ پيو ڏيو!
ڪيڏانهن ڪٽي ويندا!

ــ

موسم تہ ڦِري پئي تي، پر وقت سان گڏ تُنهنجي:
قيمت بہ ڪِري پئي تي!

ــ

چوري تہ نہ تيٺو آ، هي پيار جو سودو ڪو:
زوري تہ نہ تيٺو آ!

ــ

مون ڏانهن ڏسي پئي تي، سا ڳالهہ الڳ آهي:
تصوير لڳي پئي تي.

ــ

ساراهہ ڪيان ڪنهن جي، توکي آ بنايو جنهن،
يا ڳالهہ ڪيان تنهنجي؟

ــ

هي سونهن تہ ڪيڏي آ! مون ڳالهہ ڪئي هُن جي،
تعريف خدا جي آ.

جنهن وقت وُنا بادل، تنهن وقت وري منهنجا،
ٽيا نيڻ ٻئي ٽادل.

–

ڏس هوءَ تہ اڃي پئي ٽي، ساوڻ جي نظارن ۾،
ڪا ڊيل نچي پئي ٽي!

–

ٻينو تہ يڪو آهين، اي سچ! صديون گذريون:
تون ڪِين ٽڪو آهين!

–

ڪيڏو تہ عجب آهي، ڪلھ ٻج ڄڻيائين پئي،
اڄ ڳاھ پيو ڳاهي!

–

ٺاهي تہ وري ڊاهي، انسان مٽيءَ جو ڄڻ،
ڪو ٺانوَ نهيل آهي!

–

هر ٺانوَ ٺهي ويندو، هر مند وري ايندي،
ماڻهو نہ وري ايندو.

–

تو ٻُت ڀڳو آهي، ڇا خون وهيو اُن مان؟
انسان تہ ڪو ناهي!

–

ڪيڏو ٻہ ڪٽي چاهي، آ ساھ مِٺو ليڪن:
مرڻو تہ وري آهي!

ماٺھو تہ گھڙو آھي، ھي موُت مٽان اُن جي،
ھر وقت ڪڙو آھي!

–

جِيونَ تہ بٽيو گھاٽو، انسان اِئين پِيسي،
جيئن جنڊ پيھين داٽو!

–

ھي خون ٻُڌي ويو آ، ھِت جج وتا پئسا!
ھُت عرش لُڏي ويو آ.

–

سؤلو تہ سکي جي لاءِ، آھي تہ بنايو ويو،
قانون ٻکي جي لاءِ!

–

پنجوڙ تہ ساڳي آ، چھرا تہ مٽيا ڇا تيو؟
پر نوڙ تہ ساڳي آ!

–

ڪيڏا نہ شڪاري ھن، او جاڳ اُتي ھرٽي!
بي قياس ھي ماري ھن.

–

ڪا ڳالھہ ستيل آھي، ھن طرف نہ تون وڃجانءِ!
ھت ڄار منڊَيل آھي.

–

آ ڄار ھوائن ۾، بندش تہ لڳل آھي،
بلبل جي صدائن ۾!

ڪو ٻڙڪ نتو ٻولي، ڪو آهِ اوهان ۾ چئو!
جو چَپ هِتي کولي؟

–

ٻي ڪانہ ٻُڌم ٻولي، آواز بندوقن جو،
هر طرف هلي گولي!

–

محفل تہ مچائجي، آ مات ڀلا ڇاجي؟
ڪو رنگ رچائجي.

–

ماني تہ ٺري ويندي، آ دير ڀلا ڇاجي؟
پوءِ ٻک مري ويندي!

–

ڏس هُو تہ اچي ويو آ، سُنسان جڳهہ تي ڄڻ
ڪو رنگ رچي ويو آ.

–

هي شعر هيو ڪنهنجو، ڇو ڇرڪ ڇڏاءِ ويئي؟
جي نانءُ ٻُڌِئي منهنجو!

–

مون کي تہ ڇڏي ڏي تون، تخليق مٿي ڳالهاءِ!
جو گيت لکيو آ مون.

–

هي گيت اڌورو آ، آواز بنا هرڪو،
سنگيت اڌورو آ.

پنهنجي نہ ثنا ڪر تون، ٻُڌ ٻيو تہ چوي ڇا ٿو؟
خود کي تہ فنا ڪر تون!

—

آ رات وچڻ جي ڪِئي، تارا بہ لهي ويا سڀ،
تو ڪانہَ اچڻ جي ڪئي!

—

مون ڪان تہ لڪائي پئي، تي پوءِ بہ لڳي ساڳي،
تصوير ٻُڌائي پئي.

—

هر طرف هُلي ويئي، مون پيار ڪيو توسان.
هي ڳالهہ کُلي ويئي.

—

تارا تہ لکين آهن، آ چنڊ فقط هڪڙو،
چارا تہ لکين آهن.

—

آهن تہ لکين تارا، پر پوءِ بہ اڪيلا هِن،
هي چنڊ بنا سارا.

—

اي وقت سهارو ڏي! هر طرف انڌيرو آ،
هڪ چنڊ اُڏارو ڏي!

—

ڪو چِٽ نہ ملي جنهن سان، ڪا سِٽ تہ اهڙي لک!
بي سِٽ نہ ملي جنهن سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي نہ ولوڙ آهي! ٻي سٽ ملي جيسين،
هڪ سٽ ٿي ڪوڙ آهي.

–

آ ڏيهہ تتل ڪيڏو، چوطرف مرون ٻُهڪَنِ، *
ڏهڪاءُ متل ڪيڏو!

–

بيدار ٿيو ساٿي! سامهون تہ اتوَ دشمن،
هوشيار ٿيو ساٿي!

–

اڳ ڪونہ ٻڌم اهڙو، اي سنڌ امڙ تنهنجو-
اڄ حال ٻڌيو جهڙو!

–

اي سنڌ! تيان صدقي، هڪڙو تہ جنم ڇا پر
سو جنم ڪيان صدقي.

–

سچ ڪالهہ چيو ناني: ڪر خيال ڦري ويندئي،
هي ڪانگ هتان ماني!

–

ڪجهہ خيال ڪجو ٻارو! هن مان نہ ڇڳي ٿيندي
هي ڪانگ اتوَ ڪارو!

–

مرڪي تہ نہ گهاريندين؟ ڇا پل حياتيءَ جا-
مايوس گُذاريندين؟

---

* ٻهڪ = مِرونءَ جي دانهن – رڙ
ٻُهڪارَ = مرونءَ جي دانهن – رڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله وڏو آهي، مايوس رهڻ جڳ ۾،
گُناهہ وڏو آهي.

-

ڪيڏو نہ اُجو آهي، تيو ڪونہ ڏٺي سائين،
هي ڏڻ سُڄو آهي!

-

ڪيڏو نہ ٻڪيو آهي! پيو ماس پٽي پنهنجو،
ايڏو نہ ٻڪيو آهي!

-

تي ڳالهہ پرائي وئي، ظاهر نہ حقيقي هُئي،
ٻڌجي سا ڪهاڻي وئي.

-

حيوان سندي قيمت، تي لک سوا مقرر!
انسان سندي قيمت؟

-

شادي نہ رچائي وئي، مرضيءَ جي بنا گوريءَ-
جي عمر اجائي وئي.

-

ڪنهن جي نہ خبر تو کي، ڪيڏانهن وئين گم تي؟
پنهنجي نہ خبر توکي!

ادوها

وريو ڏکڻ واءُ:
ڪويل ڪُوڪُو پئي ڪري، سيني ڪيڏو گهاءُ!
**

تُنهنجي ڪيڏي اون!
اچڻ جو ڏئي آسرو، ۽ پوءِ آئين ڪونہِ!
**

سج لٽي جي بانگ،
واپس موٽيو پيا وڃن، هي صبح ڪا ڪانگ.
**

ڳل سيراندي َ بانهن،
اچي پيئي اوچتو، دردن واري دانهن.
**

اڄ پي ساڳيا سور،
جِيوَن گذري ويو مگر، ڪونہ وَيا هي پُور.
**

ڪونه مليو آواز،
ديجي دلين ۾ ويا، صدين سندا راز.
**

هي جا پوڙهي ماءُ،
هن جي سيني ۾ اندر، ڪيڏو گهرو گهاءُ!
**

هيءُ جو پوڙهو پيءُ،
جَهڪُون ۽ جهولا سَهي، جهُري پَيس جِيءُ.
**

اڳ ۾ اٿين ڪونه:
اڄ هو تڪڙو پيو وڃي، پويان جِي تس اُونِ.
**

ڏنگن جيئن پَتون:
پَٽن پيا تيئن ماس کي، ڏيئي سُور سَٽون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترائيل، پنجڪڙا

۽

چؤسٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترائيل

زندگيءَ تي سوچ تورو، زندگي ڪيئن پئي وڃي؟
هو هليو ويو، هي وڃي پيو، هاڻ تُنهنجي وار آ،
جيئن پکي پرديس جا تا ديس ڏانهن موٽيو وڃن،
جيئن سانوڻ منجهه بادل تا وسيو واپس ورن،
جيئن سَرءُ ۾ پن پيلا تا ڇڻيو پٽ تي پون،
هاڻ ٻاجهر ڪي تہ ٻوڙِي، وٺي وکوڙي جهار آ،
وقت ناهي ڪجهه ڪري وٺ! ڏس گهڙي ڪيئن پئي وڃي؟
زندگيءَ تي سوچ تورو، زندگي ڪيئن پئي وڃي؟

❖

حسرتون پنهنجون ڪٽي ڪجهه هانءَ ۾،
زندگانيءَ جو سفر پورو ڪري،
پيا وڃن موٽي مسافر ماڳ ڏي،
وقت ڪاهيندو وڃي ويراڳ ڏي،
تو ڇڪي رستو سين کي جهاڳ ڏي،
جاڳ جلدي پنڌ ڏاڍو آ پري،
ڇو اڃا آهين سُتو پيو ڇانءَ ۾؟
حسرتون پنهنجون ڪٽي ڪجهه هانءَ ۾.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسي تہ ڪم نہ ايندئي، ڪرسيءَ جي لئہ مرين ٿو!
برسات جي بهاني، پاڻي ڪٽي وَيا هو،
حالات پيا بدلجن، دشمن پيو خوب تاڻي،
او سنڌ جا وڏيرا! سوچي تہ ڏس تون هاڻي،
تُنهنجو بہ هٿ آلئہ چا، ٿيندو حشر سياڻي؟
ڪيڏو تہ ڏس هتي اڄ، ڏاڙو هٽي وَيا هو،
نوٽن سندو نشو پي، ڪيڏيون ننڍون ڪرين ٿو،
ڪرسي تہ ڪم نہ ايندئي، ڪرسيءَ جي لئہ مرين ٿو!

❖

تنهنجي چمن جو منظر، ڪيڏو حسين آهي!
هي چنڊ هي ستارا، هي رات هي نظارا،
جنهن ۾ هوا صبح جي، جنهن ۾ پکين جون ٻوليون،
دل کي تہ ڪيئن ڇُهن ٿيون، سنڌوءَ جون مست ڇوليون،
آ سڀ اکين جي آڏو، ڳوليون ڪٿي تہ ڳوليون؟
چهرا هي خوبصورت، هي شام هي ڪنارا!
تنهنجو تہ عڪس آ سڀ، مون کي يقين آهي،
تُنهنجي چمن جو منظر، ڪيڏو حسين آهي!

❖

پورا ڪري نہ سگهندين، مسئلا هزار آهن،
توکي اجا دنيا جي، آهي خبر نہ ڪائي-
۽ تو ڏٺا ڪٿي هي، دنيا جا بار آهن،
ٿوري خوشي آ جنهن ۾، غم بيشمار آهن،
هي دوست مت مائٽ، سڀ بي ميار آهن،
ايڏو نہ بي فڪر ٿي، ٿيندين گهٽو توائي،
ناهي ڪِريي جو ڪوئي، بيئي جا يار آهن،
پورا ڪري نہ سگهندين، مسئلا هزار آهن.

❖

موسم بهار آئي، مهڪيا گُلاب آهن،
ليڪن بٽي گُلن جي، حالت عجيب آهي!
ڪنهن جي پري پري ڪان، پٽي تي پڪار ترڀي،
آڪاش تي پکين جي، هرڪا اُڏار ترڀي،
ماني ڳيي ڳيي لئہ، تو ٻار ٻار ترڀي،
هن ديس جي بہ شايد، قسمت عجيب آهي،
۽ سڀ هتي اڌورا، مائهن جا خواب آهن،
موسم بهار آئي، مهڪيا گلاب آهن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابتدا جي انتها ٿيندي ضرور،
ڪير سمجهائي ڀلا انسان کي؟
زندگانيءَ سان جُڙيل آهي اَجل،
تا وڃن اجڙي سيئي ميلا متل،
هيءُ ڪنهن هستيءَ جو آهي عمل،
ڏس خدا جي ضد ۾ شيطان کي!
جي نہ ڄاڻين، آهِ سو تنهنجو قصور،
ابتدا جي انتها ٿيندي ضرور.

❖

ڪي خوشيءَ جا لڙڪ پڻ هارڻ تہ ڏي!
روز واڪا ڇو ڪرين پئي ٻڪ تون؟
هاڻ واپس وڃ خدا جي واسطي،
منت منهنجي مڃ خدا جي واسطي،
ڪو تہ ڀيرو ڀڃ خدا جي واسطي،
ڇو اڃا ڏين پئي ڏکيءَ کي ڏک تون؟
ڪا گهڙي آرام سان گهارڻ تہ ڏي!
ڪي خوشيءَ جا لڙڪ پڻ هارڻ تہ ڏي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرن سان ڏس چِتائي، نظرون اُڏار آهن،
ڏس رات جو فلڪ تي، ڪيڏا نه هن ستارا!
ڌرتيءَ جي پُٺ تي جڻ، ننڍڙا ڪي ٻار آهن،
۽ هي سڀئي ستارا، تن جي اُڏار آهن،
شايد هي دانهن ڪنهن جي، ڪنهن جي پڪار آهن،
اڳتي به آ گهڻو ڪجهه، ۽ ٻيا به ڪي نظارا،
ليڪن ڏسي تو ڪو ڪو، ڏسندڙ هزار آهن!
نظرن سان ڏس چِتائي، نظرون اُڏار آهن.

❖

روز هر گهر ۾ چراغ ٻرندا هن،
تون ته راهن ۾ چراغ ٻاري ڏس!
ڪو مسافر ئي متان وڃي ڀُلجي،
۽ انڌيري ۾ نه سو وڃي اُلجهي،
سوجهري ۾ تا وڃن سڀئي سلجهي،
تون نگاهن ۾ چراغ ٻاري ڏس،
هون ته هر دل منجهه داغ ٻرندا هن،
روز هر گهر ۾ چراغ ٻرندا هن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي روز پٺي، واڪ تي نيلام ٿئي،
هون تہ هرڪا ڳلي، آهہ مقتل- گاهہ ٻٽي،
خواهشن جو جتي، روز قتلِ عام ٿئي،
هاءِ چا، چا نہ پيو، چا تہ صبح و شام ٿئي،
ڪو تہ ڪنهن جي تہ ڪو، ڏس هتي پيو نام ٿئي،
خواب نيڻن منجهان ويا تہ پن پن ٿي ڇٽي،
آدميءَ جو برو، پيو هتي انجام ٿئي،
زندگي روز پٺي، واڪ تي نيلام ٿئي.

❖

آ وري اڄ ڳوڙ ڪنوٽين سان وري برسات پٺي،
ڏينهن سانوڻ جا وريا ۽ چاڻ موتيون ڪونجڙيون.
تو بنا هي سانوٽيون هرگز نٿيون دل کي وڻن،
تون اچين ٿي ڪونہ تو پر يادگيريون ٿيون اچن،
بوند ڪڪرن مان وسي جٺن، تيئن اکيون پرجو وڃن،
وقت گذري تو وڃي سپ، اڄ گذاريون ڪي گهڙيون،
آ پرين توکي سڏي هي وصل واري رات پٺي،
آ وري اڄ ڳوڙ ڪنوٽين سان وري برسات پٺي.

❖

پنجڪڙا

زندگي ۽ موت جي ڇڪتاڻ آ،
آدميءَ کي جو اڃا پِيڙي پيو،
وقت جي هر پيڙ ۾ پيڙي پيو،
هر زخم جنهن جو ڇڻو اهڃاڻ آ،
زندگي ۽ مؤت جي ڇڪتاڻ آ.

❖

ڪيڏو نہ خوبصورت تارن جو ميڙ آهي!
ڪنهن شهر ۾ ٻري ڪان ڄڻ بلب سي ٻرن پيا،
هڪ ٻي پٺيان ستارا هر هر ائين لڳن پيا،
ميدان راند تي ڄڻ ٻارن جو ميڙ آهي،
ڪيڏو نہ خوبصورتِ تارن جو ميڙ آهي!

❖

ڪٺي پاٺي پنجابي ويا، سُڪي ويا واهه ۽ ناليون،
چوي سرڪار جيئن توکي، ائين لاتيون لَنوين وينو،
مسئلا حل ڪندس سارا، چڙهي آيس چوين وينو،
اجا ساڀيون ڪرين وينو، وڏيرا! ووٽ جون ڳالهيون،
ڪٺي پاٺي پنجابي ويا، سڪي ويا واهه ۽ ناليون.

❖

مرڪندڙ چهرن متان وئي مَرَ چڙهي،
روح ۾ ڪنهنجي نہ راحت آ رهي،
چاهتن جو چنڊ ڪاڏي ويو لهي،
سنڌ ساري ويئي وحشين وَر چڙهي!
مرڪندڙ چهرن متان وئي مر چڙهي!

❖

هو رشوت لئہ وينو وڏو وات قاڙي-
۽ پئسن تي پاٺيءَ بہ وڪٽي چڏي تو،
اچي ڪو جي مسڪين آفيس ۾ تو،
بڪايل بگهڙ جيئن انهيءَ کي تو ڏاڙهي،
هو رشوت لئہ وينو وڏو وات قاڙي.

❖

الاءِ چا اجا وينو، اجائي ڳالهہ پيو سوچين،
ابن ڏاڏن ڪنان توکي ملي جاگير ڪيڏي آ،
نہ تنهنجي آ نہ ڪنهنجي آ، اها ڌرتي خدا جي آ،
اجا چؤٽينءَ جي چڪر ۾ پرايو مال پيو سوچين،
الاءِ چا اجا وينو، اجائي ڳالهہ پيو سوچين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڪرين ويٺو بظاهر بندگي،
پروسو توکي گهٽو آ مال تي،
پر نہ سوچيو تو ڪڏهن ان ڳالهہ تي،
ڪيئن گذري ٿي بکيسي جي زندگي،
تون ڪرين ويٺو بظاهر بندگي.

❖

وقت تيزيءَ سان پيو وهندو وڃي،
پوهہ جهڙين پوئين راتين سان گڏي،
زندگانيءَ جي اونهاري کي چڏي،
سج سياري جي طرف لهندو وڃي،
وقت تيزيءَ سان پيو وهندو وڃي.

❖

ڪيئن الاءِ زندگي گذري وئي،
هُن مرڻ کان ڪُجهہ گهڙيون اڳ ۾ هتي،
پئي چيو حاصل نہ ٿيو جڳ ۾ هتي،
بس هتن ۾ ئي سچي گذري وئي،
ڪيئن الائي زندگي گذري وئي!

❖

ريل جيئن ڊوڙي ڊُڪي پئي زندگي،
نيٺ اسٽيشن اڳيان رڪجو وڃي،
تڪ پنهنجو تو جتي هرڪو پڇي،
ڪنهن ڏِيئي جي جڻ کٽي پئي زندگي،
ريل جيئن ڊوڙي ڊُڪي پئي زندگي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جهڙي چيز ہي ڪائي نہ آ،
زندگيءَ جي تو ختم پيڙا ڪري،
پير پنهنجا تو جڏهن جنهن وٽ يري،
هت رهڻ لئہ ڪابہ شيءِ جائي نہ آ،
موت جهڙي چيز ہي ڪائي نہ آ.

❖

رهيو ڇو ماٺ ۾ موسيٰ، عجب جي ڳالهہ ٻڌجي ٿي،
ٻُڌا هُن ٻار کي آخر خضر ماريو تہ ڇو ماريو؟
جڏهن تاريخ جي آڏو، ڪلي تو وقت جو پردو،
حقيقت پلڙُ هڪڙي جي، صدين جو سوال ٻڌجي ٿي،
رهيو ڇو ماٺ ۾ موسيٰ عجب جي ڳالهہ ٻڌجي ٿي.

❖

نيايون پيا اجا هِن کي، گلي جو هار ٻڌجي وئي،
نہ ساٿي سا رهي هاٺي، حقيقت هوڏ ۽ هستي،
هلي وئي ڇڻ هٿن مان سا، جواني موڄ ۽ مستي،
نہ چاهيندي بہ اڄ آخر، حياتي بار ٻڌجي وئي،
نيايون پيا اجا هن کي گلي جو هار ٻڌجي وئي!

❖

دعوت نہ ڏي خوشيءَ جي، دردن کي ڏک رسي تو،
آخر پلا سکن جو، سورن سان ڪهڙو رشتو؟
تُنهنجي تہ پيار جو هن، پُورن سان ڪهڙو رشتو؟
مَس مَس سٽا وري تن، زخمن کي ڏک رسي تو،
دعوت نہ ڏي خوشيءَ جي، دردن کي ڏک رسي تو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجيءَ خوشيءَ جي مون کي دعوت قبول آهي،
منهنجا تہ غَمَ سمورا ان ۾ شريڪ آهن،
توکي خوشيون بہ ارپيان، پر سي ڏنيون مون ناهن،
اڳ واٽ ڪيئن چوان مان، باقي فضول آهي،
تنهنجي خوشي جي مون کي، دعوت قبول آهي.

❖

هاڻي خوشيون نہ گهرجن، في الحال غم ٿي ڪافي،
جيڪي بہ ڏک ڏنا تو، تن جو شڪر ڪيان تو،
شايد انهيءَ سهاري، جڳ ۾ اجا جيئان تو،
غلطيون بہ ڪوڙ هونديون، تن جي وٺان تو معافي،
هاڻي خوشيون نہ گهرجن في الحال غم ٿي ڪافي.

❖

تُنهنجا تہ غم اکين تي، منهنجون خوشيون قبولج!
ڳوڙها ڳلن تي آهن ۽ مُرڪ آ چپن تي،
مون کي تہ يار منهنجي، اونداهہ ۾ چڏي ڏي،
پر جي مليون بہ هونديون، سي روشنيون قبولج!
تنهنجا تہ غم اکين تي، منهنجون خوشيون قبولج!

❖

جو تو پکين کي مارين، تو تي تہ بار ناهن؟
پنهنجيءَ چنهب سان جي، داڻو چڻون چڳن ٿا،
ذرتي خدا جي آهي، جنهن تي هَلن گُهمن ٿا،
يا چوُ اهي بنايل، تُنهنجا تہ يار ناهن؟
جو تو پکين کي مارين، تو تي تہ بار ناهن!

❖

ايڏا نہ فنڊ کر تون، مورن ۾ ٿاهہ پوندو،
بندوق ساڻ وينو، ڳيرا تتر تون مارين،
تن کي بہ ساهہ تو جيئن، ڪُجهہ قياس ڪونہ ڌارين،
هي سڀ پکي اَمن جا، توکي گُناهہ ٿيندو،
ايڏا نہ فنڊ کر تون، مورن ۾ ٿاهہ پوندو.

❖

ايڏو نہ قيد ۾ رک، هاڻي تہ کول پڃرو!
هيءَ چنڊ جو پياسي، ڪيڏو چڪور آهي،
هِن کي هتان وڃڻ جي، ڪيڏي ولوڙ آهي،
ڏي تون سزا اُنهيءَ کي، ٺاهيو جنهن ڳول پڃرو،
ايڏو نہ قيد ۾ رک، هاڻي تہ کول پڃرو!

❖

اي ڇوڪرا اجا تون، ننڍڙو تہ ٻار آهين!
ڇا جي تڪڙ لڳي ٿئي، توکي وڏي ٿيڻ جي،
پنهنجي تہ پيءُ وانگي، جلدي جڏي ٿيڻ جي،
کهڙو ڀلا ٻُڌائي، ڌرتيءَ تي ٻار آهين،
اي ڇوڪرا اجا تون، ننڍڙو تہ ٻار آهين!

❖

هي پنهنجن سان جهيڙو، تہ جهيڙو آ ڇا جو؟
شَرَم جي اڇئي ها، ٻڏي تون مرين ها،
هُو ڌاريا تہ سِنڌُو، ڇُرائي کڻي ويا،
هتي پاءُ پائيءَ جو بدلو وٺين تو!
هي پنهنجن سان جهيڙو، تہ جهيڙو آ ڇا جو؟

❖

خود کي ڏڪين پيو ۽، ٻئي جا تو عيب کولين!
انسان هِن دنيا ۾، هرڪو خطا جو گهر آ،
ڇاهي سياڻ ٿيڻو؟ بندو تہ بي خبر آ!
پنهنجا گُناهہ لڪائي، ٻي جا گُناهہ ڳولين!
خود کي ڏڪين پيو ۽، ٻئي جا تو عيب کولين!

❖

نيڻ ڪڪرن منجهان، رات رم جهم وٺي،
دل جي صحرا مٿي، تاس پوءِ پي رهي،
مون گهٽائڻ گهري، پياس پوءِ پي رهي،
آس پو پي رهي، ڇا تہ شبنم وٺي،
دل جي صَحرا مٿي، رات رِم جِهم وٺي.

❖

هت جيئڻ جو سوال آ،
ساهہ کي هر شئي کپي،
موت کان پوءِ ڇا ملي،
سا اڳيان جي ڳالهہ آ،
هِت جيئڻ جو سوال آ.

❖

زندگي گهارڻ ڏکي ڏاڍي اٿئي،
جو اُجهائين پيو ڏئي جي لاٽ کي،
رک روشن تون انهيءَ سان ٻاٽ کي،
پوءِ وري ٻارڻ ڏکي ڏاڍي اٿئي،
زندگي گهارڻ ڏکي ڏاڍي اٿئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو رنگ مليو رنگ سان، گلدان ٺهي پيو،
ڪيڏو نہ انهيءَ ۾ هيو، قدرت جو ڪرشمو،
مالڪ تہ بنايو پئي، مِٽيءَ مان مجسمو،
افسوس جو اُن وقت هي، انسان ٺهي پيو،
هو رنگ مليو رنگ سان، گلدان ٺهي پيو.

❖

نالو لکيئي تہ ڇا ٿيو، گهر ۾ رکيئي تہ ڇا ٿيو،
ءِ ماڪ جا ڦڙا هي، جنهن تي وسن پيا ظاهر،
گُل کي نہ گُل جي خُوشبو، ڏيئي سگهين مصور!
خالي پَنو ڪٽي جي نقشو چِٽيئي تہ ڇا ٿيو!
نالو لکيئي تہ ڇا ٿيو گهر ۾ رکيئي تہ ڇا ٿيو.

❖

هر دؤر جو قاضي بٽيو، منصور جو دشمن،
جنهن سبق هيو سچ جو سيني کي پڙهايو،
جنهن رسم هيو جنهن کي، سوريءَ تي چڙهايو،
منصور بٽيو خُود انهي، دستور جو دشمن،
هر دور جو قاضي بٽيو، منصور جو دشمن.

❖

هي مُلڪ تہ ايڏي سينٽر آ، ڪُجهہ ماڻهو ڪيس هلائين پيا،
انصاف هتي ڪنهن مردي جيئن، لاوارث تي دفنايو ويو،
قانون هتي ڪنهن نچڻيءَ جي، نوٽن تي روز نچايو ويو،
رک والا اُن جو رقص ڏسي، پوءِ تاڙيون خوب وڄائن پيا،
هي ملڪ تہ اِيڏي سينٽر آ، ڪجهہ ماڻهو ڪيس هلائين پيا.

❖

سپ تو لئہ هن تخليق ٿيون، هي منهنجون ساريون ڪَوِتائون،
جِيوَن جي وڻ جي ٽاريءَ تي، ڪا آس جي ڪويل ٻولي ٿي،
هي پنهنجي منڙي ٻوليءَ ۾، ڪو راز صدين جو کولي ٿي،
اميد جي گهرين سوچن ۾، هي ٻَٽڪي ويون سپ ڳولائون،
سپ تو لئہ هن تخليق ٿيون، هي منهنجون ساريون ڪَوِتائون.

❖

ڪٿي اڄ هوا ڪو تہ پيغام آئي،
صبح کان وئي تو اٿڻ جي نہ ڪئي آ،
سمهڻ لئہ "ستايل" سڄي رات پئي آ،
اٿي ڪجهہ ڪري وٺ اجها شام آئي،
ڪٿي اڄ هوا ڪو تہ پيغام آئي.

❖

ڇا اٿين سندو سُڪائڻ تو گُهرين؟
تون ڪٿي هوندي بہ ۽ تُنهنجي ٻني،
آهہ واڳوءَ وات ۾ هر ڪا وَني،
تون فقط ڪرسي بچائڻ تو گهرين،
ڇا اٿين سندو سڪائڻ تو گهرين؟

❖

منهن سياٽي ڏي ڪٿي کهڙو وڃان،
مان تہ نيرن جو پيو سوچان اڃان،
تون ملهائين پيو خوشيون نئين سال جون،
خواهشون رهجي ويون سپ ڪالهہ جون.
منهن سياٽي ڏي ڪٿي کهڙو وڃان!

❖

چوسٽا

حالتن شاعر بنايو، شاعري مون کي ملي،
ذات جا ٻاري ڏيئا نئين روشني مون کي ملي،
وقت جي بي رحم رستن هو ملايو موت سان،
پر لکڻ جي لئه وري نئين زندگي مون کي ملي.

❖

موت آڌو زندگي بيوس ٻٽي،
عمر ڀر جي بندگي بيوس ٻٽي،
زندگي ايڏا ته غم آئي ڪٽي،
هڪ ته چا پر هر خوشي بيوس ٻٽي.

❖

ٽي چار ڏيهاڙا ٽڪ ڀچي، پوءِ هر ڪو ويندو ديس ڇڏي،
تون مڃي مُسافر يا نه مڃي، پوءِ هرڪو ويندو ديس ڇڏي،
هي ديس نه تنهنجو ديس اٿئي، پر ماڳ اُصل پرديس اٿئي،
جو ڏسندي اکين ساڻ وڃي، پوءِ هرڪو ويندو ديس ڇڏي.

❖

چا ڇڏيندي ٻاھ جت آهي ٻري،
ڪاٺ چا پر لوھ پي ويندو ڳري،
فرد مرندا فرد ڄمندا پيا هِتي،
پر نه ڄمندي قوم جا ويندي مري.

❖

ڏري ڏاڍن ڪَنان شايد تڏهن ڪمزور پيو ڳولين،
وڏيرا جيب ۾ ويهي تِتر ۽ مور پيو ڳولين،
ٻُڏي ڪنهن ڍيل جي ٻولي، هلائين پيو اُتي گولي،
ڦُريو پاڻي ڪچين ڪونتو، ڦُٽين جو چور پيو ڳولين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِک وِک تي هن واڳون ويئا،
پوءِ بہ ڪُنن ۾ جهاڳون ويئا،
ماري چِڏبا مڇ سمورا،
آس انهيءَ تي جاڳون ويئا.

❖

رات جا تارا ڏسو ڪيئن پيا لڳن!
چنڊ جا چارا ڏسو ڪيئن پيا لڳن!
جڻ تہ موتي ڪي هجن مهراڻ جا،
هي ڏيئا سارا ڏسو ڪيئن پيا لڳن!

❖

زندگيءَ ۾ ڏار تا پنجو وڃن،
جڻ جڏي ڪاٺِي پراڻي يت هجي،
ڪونہ تو ماضي ڪڏهن موٽي اچي،
بس انهي جا عڪس تا رهجو وڃن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جا ڏينهن تا گذريو وڃن،
”اڄ اگهڻ تي“ چوُ پرين کي اي سکي!
پنڌ ڪيڏو ڏس ڪري آيا پکي،
سي وري واپس وطن اڏريو وڃن.

◆

وقت آڏو چنڊ تارا تا جُهڪن،
پل اُنهي کان ڪيترو ڪيڏو پَجن،
وقت جي هي بانسري پٽي تي وڄي،
ڏس تہ ڪيڏا نانگ ڪارا تا جُهڪن.

◆

سنڌ سان ايڏي نگي جا لئہ پلا؟
دل ڪرسيءَ سان لڳي جا لئہ پلا!
هينئن بہ ٿيندو هُونءَ بہ ٿيندو ٿيو نہ ڪجهہ!
پيا هٽن خالي جَهڳي جا لئہ پلا؟

◆

هي قوم جو آ دشمن، هي آ سين جو ويري،
هن جي اندر ٻيائي، هن جي آ اک ميري،
هن جو نسل ختم ڪر، هِن کي اصل ختم ڪر،
هن کي ڪٻي ٿي ڪرسي، هن جي مٽي ۾ ڦيري.

◆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا لئہ وٺين وڪامي، ڇو ٿو ڀرين سلامي؟
توکي ڇوان ڇنيسر يا ڪو ڇوان حرامي!
تو آهہ سر جُهڪايو، تو قوم کي لڄايو،
سُونهين نٿي ”ستايل“، توکي اها غلامي.

❖

ماڪ جا ڳوڙها وهائي، چنڊ تارا ٿا رئن،
ڪنهن نہ سمجهو راز ڇاهي، روز ڇارا ٿا رُئن،
رات، راتاهو هنيو ڪنهن، ٿي ويون بستُيون اجاڙ،
اڄ ڪُلٺي آڪاش هيڻان، بي سهارا ٿا روئن.

❖

سنگت ساري خدا حافظ!
پنهنجي ياري خدا حافظ!
چمَن اُجڙيو اُڏي بلبل،
ٽِٽي تاري خدا حافظ!

❖

خزائن ۾ ڳالهيون، گلن جون ڪرين ٿو-
۽ بلبل سان باتيون، خوشين جون ڪرين ٿو،
اڃا آس اکين تہ لاٿي ٿي ڪانهي،
وري ڳالهہ ٻانهن، ڇپن جي ڪرين ٿو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مند چڙهي وٺي مينهن نہ آيو، سڀ ڪجهہ ٿو سُنسان لڳي،
رستن تي ڪا رونق ناهي، جهر جهنگ پيو ويران لڳي،
انسانيت جي ڳالهہ ڪرين ٿو، انسانيت جي بوءِ ٿي ڪانهي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي پيو کائي، هرڪو پيو حيوان لڳي.

❖

ڪجهہ مان ڇَيو وڃان پيو، ڪجهہ مان ڏيو وڃان پيو-
ءِ پاڻ سان گهڻو ڪجهہ، واپس ڪنيو وڃان پيو،
اڄ تائين جو "ستايل"، سَمجهي نہ ڪو سگهيو آ،
ليڪن سو خال هڪڙو، مان پيو ڇڏيو وڃان پيو.

❖

لتا چنڊ تارا تہ راتيون رُلي ويون،
اوهان ساڻ تيون جي نہ باتيون رُلي ويون،
ملي موٽ ڪائي نہ باغن مان جن کي،
گهڻو ڏور ڪويل جون لاتيون رلي ويون.

❖

تصوير جي چپن تي تحرير ماٺ ۾ آ،
شايد ائين لڳي ٿو، تصوير ماٺ ۾ آ،
هي ڳالهہ ڪير ڳولي، هي راز ڪير کولي!
هرگز هلي نہ سگهندي، تدبير ماٺ ۾ آ!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿھري ڪالاباغ نهي پيو-
۽ ھي تل ڪٽنال نهي پيو،
ڇا جي لاءِ ڇو وڏيرا؟
تو آ رکيو ڇُپ جو روزو؟

◆

سنڌ ۽ ابتدا يي، پُڄاڻي لڳي ٿي،
لڳي تو ٻُڌل سا، ڪهاڻي لڳي ٿي،
نئون دؤر آيو، نئين شيءِ ٻڌاءِ!
پراڻي تہ ھر شيءِ، پراڻي لڳي ٿي.

◆

ختم ٿي ڪهاڻي، تہ شروعات ڇاجي،
بنا ڪجھ چوڻ جي، ملاقات ڇاجي،
اڌورو ھي ناول، اڌورو نظم آ،
ھي جِيوَن جي نالي ۾ سَڪرات ڇاجي!

◆

ابتدا ڪان آدمي آ انتها جي آسري،
ها سيئي زندھ رھن ٿا، بس خدا جي آسري،
ھي ٿڪيون ٿيٺا بہ ساڳيا، سوسي ٻيٺا اجا،
ڪو دوا جي آسري ۽ ڪو دعا جي آسري.

◆

زندگي آهي ڊرامو، آدمي ڪردار آ،
ڪو وڪامي، ڪو وٺي پيو، هي دنيا بازار آ،
جنهن تي شاعر تو لکي ۽، جنهن کي ڳائي ڳائڻو،
آدمي اسٽيج تي جڻ گيت آ گفتار آ.

❖

زندگيءَ جي لئہ سهارو، آ ضروري،
جيئن درياءَ لئہ ڪنارو، آ ضروري،
ساهہ ڪمري جي اندر گھٽجي پيو ڏس!
ڪجھہ ٻهر جو ٻي نظارو، آ ضروري.

❖

ديس مٽان اڄ اونداهيءَ جي، ڪاري ڪاري رات ڏٺي مون،
مينهن تہ ڇا پر وري وطن تي، گولين جي بَرسات ڏٺي مون،
ڪوئل جي هر ڪوڪ نماڻي، سگھيو نہ سمجهي ڪوبہ ڪهاڻي،
ڏرتي هوندَي پوءِ بہ اياڻي، لڇندي ڪنهنجي ذات ڏٺي مون.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سليٽ“ جا مقصد

- لائبريرين ڏانهن لاڙو پيدا ڪرڻ
- غير نصابي سرگرمين کي زور وٺائڻ
- تعليمي اهنجن ۾ سهائتا ڪرڻ
- ادب دوستي پيدا ڪرڻ
- سماج مان هر طرح جي تنگ نظري دور ڪرڻ
- ذهني ايڪسرسائيز لاءِ ماحول مهيا ڪرڻ
- انسان جي سجاڳ ڪرائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سليٽ" اشاعتي شعبي جا

ڇپايل ڪتاب

- ٿَڌِي اُس تکي ڇانوَ

(شاعريَ)

منصور ملڪ

قيمت: 120 روپيا

- سوچن جي صليب

(اخباري ڪالم)

علي احمد نظاماڻي

قيمت: 80 روپيا

- اکين ۾ الڪا

(شاعري)

امر ساهڙ

قيمت: 150 روپيا

- ڏُکوئيَن اُهڃاڻُ

(شَاعريَ)

"ستايل" سڪندر

قيمت: 150 روپيا

ڇاڻ - سڃاڻ

اصل نالو : رحمت الله
ادبي نالو : "ستايل" سڪندر
ولديت : حاجي نبي بخش
ذات : نظاماڻي
ڄم : پهرين جون 1968ع
تعليم : پرائمري
ڳوٺ : ٽنڊوقيصر
وابستگي : (1) سنڌي ادبي سنگت، ٽنڊوقيصر
(2) سليٽ، دانش گاهه، منصوريه آستانو، ٽنڊوقيصر
ڏس پتو : پوسٽ آفيس ٽنڊوقيصر، ضلعو حيدرآباد، سنڌ.

"ستايل" سڪندر ڪنهن به روايتي درسگاهه جو سنديافته ناهي، ليڪن ڪيس مڪتبِ عشق جي شاگرد هئڻ جو شرف حاصل رهيو آهي، ۽ سندس هيءُ تخليقي ڪارنامو ان جو ئي نتيجو آهي. ان مان اها حقيقت پڻ عيان ٿئي ٿي ته ڪنهن به ذات ٿيڻ لاءِ صاحبِ علم هئڻ ضروري ناهي، البته کيس عرفانِ ذات ۽ عشق جو عطا ڪيل سماجي شعور هئڻ لازم آهي. جنهن جي ثبوت طور سندس هن شعري مجموعي مان ڪوڙ سارا شعر مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. جيڪي نه فقط عصري تقاضائون پوريون ڪن ٿا. پر ادبي حوالي سان مختلف تحريڪن جا عڪس پڻ منجهن جڳهه جڳهه تي ملن ٿا جهڙوڪر رومانيت، قوميت، وڏانت يا تصوف، تجريديت، وجوديت وغيره.

- آسي زميني

Graphics & Printed by: Infol Communications, Hyd. Tel: 786572

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪاٺو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book